
تنهنجي
وڃڻ
کانپوءِ
(نثري نظم)
اَياز اَمر شيخ

# تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ...

(نثري نظم)

## اياز امر شيخ

ڇپائيندڙ

**روپا پبليڪيشن–سجاول**

ڊجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر



# ارپنا

[ پنهنجي پياري پٽ ننڍڙي بابا سائين نظير احمد جي نانءُ ]

جنهن جي وڇوڙي جو وڍ ڪڏهن بہ پُر جي نٿو سگهي

## توں پکيءَ جي اک جهڙو...!

توں پکيءَ جي اک جهڙو
ايئن اچانڪ پر کولي
بي منداِئتو اڏامي وئين هليو
هي وڇوڙو وڏ جهڙو
روز ساهہ پر پريو سڏڪا ڇڏي
آئون تنهنجا لڪ ڳولي
روز تارين تي ٽِڪان ٿو
توں ٻڌائي ڪيئن توکي
پاڻ مان آئون توليان
رات ڪاري، ڏينهن اڇي پر
توکي ٿي پيو ڳولهيان
تنهنجي سائيڪل جي اها
سيٽ خالي آ پئي
مون مٿان غم جي گهٽا
ٿي جهڙالي آ پئي
مون مان تنهنجون ڳالهيون
روز ڳوڙها ٿيو ڳڙن
سڪ جون ساريون سڏون
توکي ساريون ٿيون سڙن
آئون تنهنجي مرڪ جا

## ڪتاب جا حق شاعر وٽ مَحفوظُ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تنهنجي وچڙ ڪانپوءِ... |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | اياز امر شيخ |
| ڇاپو پهريون: | جنوري 2020ع |
| ٽائيٽل ڊزائن: | مور ساگر |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | اشرف سولنگي |
| ڪمپوزنگ: | ماجد علي جوڻيجو |
| ڇپائيندڙ: | روپا پبليڪيشن ـ سجاول |
| ڇپيندڙ: | ساحل پرنٽر اينڊ پبليشر حيدرآباد 03332634650 |
| قيمت: | 300 روپيا |

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناماري شاعر اياز امر شيخ جي نثري نظمن جو مجموعو آهي. اياز امر جي نظمن بابت مهاڳ ۾ نواز شاهه پاڏائي لکي ٿو:

”هي اياز امر شيخ جا نظم آهن يا ڪنڌيءَ تي ڪپيل ڪانهن آهن يا ڦاسي گهاٽ ۾ ويٺل ڪنهن انقلابي جي محبوبا جي دانهن آهن. هي نظم جن ۾ راجستاني دوهن جهڙو درد آهي سنڌي مرثين جيترو سوز آهي هي نظم جن ۾ پراڻ درياهه جي شڪل وهڪرن جو صدمو به آهي. هي نظم جن ۾ ڪجلاسر به آهي ته انچلاسر به آهي هي نظم جن ۾ ڪينجهر جي رات به آهي ته ٽيمس ندي جي ڏيمي وهڪ به آهي. هي نظم جن ۾ وليم ورڊس جي فطرت نگاري به آهي ته غالب جي مئه نوشي به آهي. هي نظم جن ۾ لطيف جي حب الوطني به آهي ته امراءِ القيس جي گيتڪاري به آهي، نظم جن ۾ مارجي ويل پکين جي آکيرن جي اُداسي آهي. هي نظم جن ۾ اُن گوگ جي سنگتراشي جي سين آهي. هي نظم جن ۾ ڀٽ شاهه جي وياڪل شام ۾ طنبوري جي تنوار آهي. هي نظم جن ۾ ڀڳت سنگهه جي ڦاسي جو ڪرب آهي. هي نظم جن ۾ مرڪان شيخڻ جي لوڪ اتهاس جا رنگ آهن. “

هي ڪتاب روپا پبليڪيشن سجاول پاران 2020ع ۾ ساحل پرنٽرز ۽ پبلشرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو. مهرباني مور ساگر جي جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي، مهربانيون اياز امر شيخ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


* اداري پاران
* پنهنجي پاران — اياز امر شيخ
* مهاڳ — نواز شاهه پاڏائي

1. تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ...!
2. ماڻهو اڪثر توکي منهنجي شاعريءَ ۾ ڳولهي وٺندا آهن...
3. نظم جيڪي ننڊ ناهن ڪندا...
4. پاڻ ڪي مضبوط ٿيڻو آهي...!
5. ڌرتيءِ آسمان جي گواهي...!
6. هيل آئون به توسان ئي گڏ جي وسڻ ٿو چاهيان..
7. هو منهنجي شاعريءَ جو قد ماپڻ چاهن ٿا....
8. خط جيڪو گهڻو اُداس آهي...
9. آئون تو ۾ هڪ رات رهڻ جهڙو به ناهيان رهيو..!
10. آئون پاڻ ڪي ئي ڏسڻ ٿو چاهيان...!
11. آئون تو ۾ ٻُڏي وڃڻ جو پهريون حمايتي آهيان...
12. ڌرتيءَ ۽ آسمان تائين وڪرو ٿي وڃڻ..!
13. مصور جي ڳولها ۾.....
14. اُگهاڙا خواب ....
15. ڳوٺ جيڪو هاڻ پوڙهو ٿي چُڪو آهي
16. تون ڪٿي آهين ...!؟
17. هُن جا ڪافر سوال ...!
18. ڪٿ توکان به ڪجهه وڃائجي ته ڪونه ويو آهي!!؟
19. وڪرو ٿيندڙ نظم
20. جنگ جون اکيون

21. مونکی پنهنجو ڪري وڃ ....
22. ڇا اهو معجزو گهٽ آهي ..!؟
23. مون کی ماڻهو ان ڪري ناهن وڻندا..!
24. آئون توکی ڪجهہ اهڙا گيت ڏئی وڃڻ ٿو چاهيان...
25. مونکي تون ياد اچي ويندي آهين..!
26. آئون جيڪو توکی پاڻ مان بہ وڃايو ويٺو آهيان..!
27. برسات ۾ پُسيل ماچيس جهڙو ماڻهو..!
28. چنڊ جنهن تي روز ڪُتا گڏجي ڀونڪندا آهن ..!
29. زبان جيڪا گهڻون ڪجهہ ڳالهائڻ ٿی چاهی ..!
30. آئون ۽ وقت جو کريل گهڙيال ..!
31. رسمن جي رسي ۾ ٻڌل ماڻهو..!
32. شهر جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ ئی مري ويو آهی ..!
33. پوڙهي اک جو خواب ...!
34. آئون تو مان نڪري ٻاهر هليو ويو آهيان
35. آئون جيڪو منهن تي هٿ رکي ڇڏيندو آهيان...!
36. آئون ڪيئن اهو هُن کي ٻڌايان ...!
37. وقت جيڪو مونکان وڃائجی ويو آهی ...
38. آئون تو ۾ اڪيلو ئی رهڻ ٿو چاهيان ..!
39. مون توکي ئي ياد ڪيو آهي ...!
40. آئون توسان گڏجی روئڻ ٿو چاهيان ...
41. نظم جيڪو لکجڻ کان رهجی ويو آهی ...
42. آئون تنهنجي اک ۾ ئي ڦڙڪندو رهان ...
43. وطن جنهن کی پنهنجون اکيون هونديون آهن ...
44. مونکی سيڙهیءَ تی چڙهڻ ناهی ايندو ...!
45. هڪ انڌي ڇوڪريءَ جو وڃائجي ويل خواب ...!

46. ياڳ جي وچائجي ويل سوني نٿ...!
47. مونکي هڪ تصوير ڪپي ٿي ...!
48. رت جنهن جو نئون نالو ريحانا الجباري آهي ...!
49. مونکي آوارگيون وڻنديون آهن...!
50. وڻ جيڪي پاڻ ناهن روئندا ...!
51. مونکي هاڻ سمجهه ۾ آيو آهي ...
52. هڪ طوائف جو لکيل خُدا ڏانهن خط...!
53. وقت جي بالغ ٿيڻ کان اڳ جي ڳالهه ...
54. آئون ڏسڻ ٿو چاهيان اُهو سچ ...
55. آئينا جيڪي ڪنهن به وقت ٽُٽي ٿا سگهن ...!
56. بارش ۾ پُسيل نظم
57. ازل جي اُڃ ...
58. هوءَ منهنجي آوارگي کان الاهي وڏي آهي ...
59. هي اُهي ڏينهن هئا ...!
60. هڪ انڌي ماڻهو جو ڪيل سوال ...
61. منهنجا گناهه ڪيڏا غريب آهن
62. تجربن جي ٽڪ ۾ ٻڏي ويل ماڻهو
63. ورٿي ۾ مليل ٻُڪ ...
64. مون توکان ئي سکيو آهي
65. آئون پنهنجي لاوارثيءَ جو اڪيلو گواهه آهيان
66. آئون پنهنجي اکين کي زندهه رکڻ ٿو چاهيان
67. تون منهنجون اکيون پاڻ وٽ سنڀالي رکجان
68. ڌرتي کي ڏنل رت هاڻي آخري چُمي ...!
69. آئون چاهيان ٿو...
70. اعتبار جو آسمان

71. وصيت نامون
72. غيرت جو گيت
73. لاپرواهيءَ جو لباس
74. همبستري
75. غيرشرعي
76. ماءُ
77. بُڪ جو استال
78. تون ڪٿي آهين...!؟
79. آئون پنهنجو پاڻ کي ڳولهي رهيو آهيان ...!
80. سچ ڪٿي آهي ...!؟
81. مونکي ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن ...!

# اداري پاران

هن سنڌ جي مٽيءَ تي ڪيترائي ذات ڏٽي رهن ٿا، جن جي شعور جا ڏيئا اونداهي راهُن کي روشن ڪندا پيا اچن. اهڙي ئي ذات جا ڏيئا ٻاريندڙ صبح جي روشنيءَ جهڙو اجرو ڪوي اياز امر شيخ ڪيترن ئي ڪتابن جو تخليقڪار آهي. سنڌس سُجاڳپ کي ڪيترائي سڏ آهن. هي سندس ستون ڪتاب آهي، جنهن کي رُوپا پبليڪيشن ڇپائي هڪ وڏي سرهائي محسوس ڪري ٿي. اُميد ٿي ڪجي ته اياز امر جو هي پورهيو ضرور پنهنجي منزل ماڻيندو.

**پنهنجي پاران:**

# درياهه تي هلڻ جي ڳالهه

مون جڏهن به سمنڊ تي هلڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ته ماڻهو حيران ٿي مونکي حقارت جي نظر سان ڏسڻ لڳا آهن آئيندن جون اکيون ماڻهن ڪي آخر ڪڏهن ملنديون..!؟

آئون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان اهو مونکان ڪير به پڇڻ جي لاءِ تيار ئي ناهي پر هو منهنجي ڳالهين کي وقت جي وڏي چريائپ ٿا سمجهن درياهه کي دلي ۾ پيري چڙهڻ جي ڳالهه چنڊ کي زمين تي لاهي رکڻ جي ڳالهه سج تي ماني پچائي بک کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه آخر ماڻهن کي سمجهه ۾ ڇو نٿي اچي..!؟ آئون پنهنجي تاريخ جا تجربا آخر ڪنهن سان ويهي ورهايان پاڻ ۾ هجڻ جو حوصلو ماڻهن جي هٿن مان الائي ته ڪٿي ڪري پيو آهي آئون پنهنجي ڳولها جي ڳالهه پاڻ ۾ ڪٽي رلي رهيو آهيان ڌرتيءَ جي ڌڙڻ جا ڏينهن منهنجي ڪنن ۾ واڄٽ سان وڃي رهيا آهن آئون پٿائيءَ جي پير ۾ ٻيهي نوان سُر سرجڻ ٿو چاهيان ۽ تنبوري جي تارن جيان ٽپي وڃڻ ٿو چاهيان منهنجا سڏ جيڪي صُبح جي روشنيءَ جهڙا آهن آئون چاهيان ٿو ته ڪرامتن جي دور کي هاڻ ختم ٿيڻ گهرجي ماڻهوءَ جي مغز ۾ ماڻهوءَ جو پورو ٿي وڃڻ ئي وقت جي گهڙيال سان گڏجي هلڻ جو مضبوط دليل آهي.

آئون پنهنجا اگهاڙا پير تاريخ جي تتل زمين تي چڙهي آيو آهيان جن کي ڇانءُ جي ضرورت آهي اها ڇانءُ جيڪا زندگيءَ جي علامت هوندي آهي آئون پنهنجون ڳالهيون پاڻ ۾ ڪٽي مري وڃڻ کان اڳ ۾ ورهائي ڇڏڻ ٿو چاهيان هن دنيا جي گول دائري اندر آئون هميشه زنده رهڻ ٿو چاهيان هي منهنجي شاعريءَ جو ستون ڪتاب جنهن جا احساس پرين جي اکين جهڙا اُجرا آهن جنهن جا سمورا نثري نظم مون اوجاڳن جي آڌاٽن تي ويهي اُٿيا آهن جن

جي جاڳ ٻہ جنمن تائين جيئڻي آهي.

منهنجي هن ڪتاب "تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ" کي منهنجو محبوب دوست شريف منڌروءِ ڪريم بخش هنگورو امين منڌري، ميڙي مُٺ ڪري ڇپايو آهي آئون سندن تہ دل سان شُڪر گذار آهيان ۽ سائين نواز شاهه ياڏائي جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي هن ڪتاب تي ٿوري ئي وقت ۾ مهاڳ لکي ڏيڻ جو اعزاز بخشيو آخر ۾ آئون روپا پبليڪيشن جي سموري سٽ جو پڻ احسان مند آهيان جن منهنجي هن ڪتاب کي مڪمل ڪتاب هئڻ جي شڪل ڏني.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

**اياز امر شيخ**
مارئي ميڊيڪل اسٽور
مين بس اسٽاپ ضلعو سجاول
03347091595

## مهاڳ

# پويان پيرا مُندجا...

هي اياز امر شيخ جا نظم آهن يا ڪنڌيءَ تي ڪپيل ڪانهن آهن يا ڦاسي گهاٽ ۾ ويڙهل ڪنهن انقلابي جي محبوبا جي دانهن آهن هي نظم جن ۾ راجستاني دوهن جهڙو درد آهي سنڌي مرثين جيترو سوز آهي هي نظم جن ۾ پراڻ درياهه جي شڪل وهڪرن جو صدمو به آهي هي نظم جن ۾ سڏونت ۽ سارنگا جي اڌوري عاشقي به آهي هي نظم جن ۾ ڪجلاسر به آهي ته انچلاسر به آهي هي نظم جن ۾ ڪينجهر جي رات به آهي ته ٿيمس ندي جي ڏيمي وهڪ به آهي هي نظم جن ۾ وليم وردِس جي فطرت نگاري به آهي ته غالب جي مئه نوشي به آهي هي نظم جن ۾ لطيف جي حب الوطني به آهي ته امراءِ القيس جي گيتڪاري به آهي نظم جن ۾ مارجي ويل پڪين جي آکيرن جي اُداسي آهي هي نظم جن ۾ اُن گوگ جي سنگتراشي جي سين آهي هي نظم جن ۾ پِٽ شاهه جي وياڪل شام ۾ طنبوري جي تنوار آهي هي نظم جن ۾ ڀڳت سنگهه جي ڦاسي جو ڪرپ آهي هي نظم جن ۾ مرڪان شيخڻ جي لوڪ اتهاس جا رنگ آهن هي نظم جن ۾ اُن دراوڙ پروهت جا پير آهن جيڪو وحشي ناچ ڪندو هو هي نظم جن ۾ جنوني درندن هٿان ڪسندڙ دعا جو ڪفن آهي هي نظم جن ۾ پيبلو نرودا جي چلي جا شگفته گلاب آهن هي نظم جن ۾ ايران جي شهيد باغي حڪيم ماني جي زندگي جا زخم آهن هي نظم جن ۾ روپلي ڪولهي جي ڪاتر آهي هي نظم جن ۾ ارشاد ساگر جي تلاش آهي هي نظم جن ۾ نٽي جي صبحن جو حسن آهي هي نظم جن ۾ صدين جي جاڳ آهي هي نظم جن ۾ هڪ زخمي دل آهي به نراس نيڻ آهن هڪ تڙپندڙ ديس آهي سوين مقتل آهن هي نظم جن ۾ جلندڙ جاگرافي آهي وچايل وطن آهي هي نظم جن ۾ ٿارچرسيل جا ستم آهن هي نظم جن ۾ فلسطين جي ابو جهاد جي اٽپوري ننڊ آهي هي نظم جن ۾ هڪ ڏوُر سُتل آهي هي نظم جن ۾ عرفان مهدي جي موت جي سينا ڪوبي آهي هي نظم

جن ۾ ڏاهر جي شهادت جو ڪهنيو آهي هي نظم جن ۾ راڻي لاڏي جي پڇاڙڪي پڪار آهي هي نظم جن ۾ دودي شهيد جو رت هاڻو مولهيو آهي هي نظم جن ۾ جي ايم سيد جون اکيون آهن هي نظم جن ۾ شهيد بشير قريشي جي پاڪرن جو لمس آهي هي نظم جن ۾ سجاول جون سرمئي سانجهڙيون آهن هي نظم جن ۾ اياز جي ڏار ٽيل وجود جون وارتائون آهن هي نظم جيڪي اياز امر اُداس عورتن جي اکين مان چونديا آهن هي نظم جيڪي اياز ان ازلي پيڙاهه جي پهر ۾ لکيا آهن جڏهن تقدير ڪنهن شڪاري وانگر سندس هٿ ترين تان ميندي جا رنگ چورائي وئي اهو اياز امرشيخ جنهن جي ڇهري تي معصوميت جي موسم ڏسي چيني چوٽي ٿهڪي اچي ٿي ته هڪ يگ ۾ رهڻ ڪان وڏيڪ ڪوئي سراپ ٿي نٿو سگهي، ان اياز پنهنجي نظمن ۾ ڪائنات پلٽائي آهي اياز جي شاعري تي هي اڻ مڪمل مهاڳ لکڻ وقت مون پنهنجي ڪيفيت کي آرٽ جي ٻي ڪنڌي طرف وني وڃڻ لاءِ امير خسرو جي ايجاد ڪيل، بهار راڳڻي، جا ٻول، ڪلين سنگ ڪرت رنگ رلين، ٻڌا ته منهنجي حواس ڪنهن ماوراءِ فطرت خمار ۾ ونجي ويا ۽ مون هڪدم اياز امر جو هي نظم ڪڍي ورتو

تون ڪٿي آهين...!؟

آئون اکين مان درياهه ٿي اٿلي پيو آهيان
منهنجي سڪ جي سمنڊ کي
تنهنجي ڇڪ جون ڇوليون سمهڻ ئي نٿيون ڏين
آئون پنهنجي مري وڃڻ جو اطلاع
پنهنجو پاڻ ۾ ڪٿي رُلي رهيو آهيان
دل جي دفن ٿي وڃڻ جا ڏينهن
تنهنجي وڃائجي وڃڻ ڪانپوءِ
مون پنهنجو پاڻ تي لهندي ڏٺا آهن
افلاڪ جي اک مان ته ڪو به ڳوڙهو ئي ناهي ڳڙيو
پر مون تنهنجي آيتن جهڙين اکين ۾
ڪيترائي خدا جهڙا خواب ڏٺا هئا

## جن جي ساپيان لاءِ تنهنجو هجڻ ئي لازم هئو

موسيقي ۾ هڪڙو رس آهي، شرنگارس، معنيٰ محبت ۽ ٻيو رس آهي شانتارس معنيٰ پرسڪون ۽ سانت منهنجو دوست اياز امر انهي ٻنهي رسن جو نچوڙ آهي اياز مونسان ان زماني ۾ مليو جڏهن ڇتي پن ڇڻ جا ڏينهن هئا (اڄ بہ ساڳي پن ڇڻ جا ڏينهن آهن) ائين لڳندو هو زندگي الائي ڪنهن ٻي جاءِ تي آهي (زندگي اڄ بہ الائي ڪهڙي جاءِ تي آهي) انهن ڏينهن ۾ اياز جا ٿهڪ چانورن مان ٺهيل شراب جيان منهنجي حواسن تي ڇانئجڻ لڳا ۽ مون محسوس ڪيو آئون ڪنهن ڏکھي مسافت تان موٽي تتل ڏينهن جي لڱ ساڙيندڙ لڪ ۾ ڪنهن ٿڌي چشمي وٽ پهچي ويو آهيان تن ڏينهن ۾ ڪلندي ڪلندي هڪ ڳوڙهو اڪثر اياز جي ڪاپي اک وٽ ائين اڇي ٻيهندو هو جئين ڪو لاڏائو مسافر آخري پيرو پنهنجي ڳوٺ جي بس اسٽاپ تي اچي ٻيهندو آهي گهٽو پوءِ مون ڏسڪور ڪيو تہ ان ڳوڙهي هڪ خوبصورت شڪل اختيار ڪئي آهي ان شڪل کي شاعري چئجي ٿو اياز جي سڄي شاعري ان ڳوڙهي جو سفر آهي آئون سمجهان ٿو اياز ان ڳوڙهي کي جڏهن بہ ڳل تي ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي تہ اتان يا تہ ڪو غزل ڦٽو آهي يا وري ڪنهن وائي جو ورلاپ اپريو آهي اياز وٽ شاعري ڇن ڇن ڪندي آئي آهي آئون ايمانداري سان چئي سگهان ٿو تہ جنهن دؤر ۾ ماڻهو شاعري ٺاهي رهيا آهن ائين جئين اڳٺ وجهٽي ٺاهبي آهي ائين جئين چانهہ ٺاهبي آهي ائين جئين سنگتياٽي ٺاهبي آهي ائين جئين دولت ٺاهبي آهي ائين جئين تلوار ٺاهبي آهي ائين جئين پلاننگ ٺاهبي آهي ائين جئين زنجير ٺاهبي آهي پر اياز تي شاعري سدائين لٿي آهي ائين جئين نريڙي تي ڏگوش لهندا آهن ائين جئين نبين تي نزول لهندو هو ائين جئين اکين ۾ خواب لهندا آهن ائين جئين سمنڊ تي بادل لهندا آهن ائين جئين چيٽ تي ڪونجون لهنديون آهن ائين جئين زندگي تي جواني لهندي آهي ائين جئين خطيب تي وجد لهندو آهي ائين جئين ساحل تي سيگل لهندا آهن ائين جئين گلاب تي ماڪ لهندي آهي ائين جئين ڪارونجهر تان مور لهندا آهن ائين جئين عثمان مير جي گلي مان گيت لهندا آهن اياز امر جي شاعري لکڻ

وقت ڪيفيت اهڙي هوندي آهي جهڙي ڪيفيت بيدل مسرور جي شيخ اياز کي ڳائڻ وقت هوندي آهي مون محسوس ڪيو آهي ته شاعري اياز ڏانهن مرگهه ترشنا ٿي ايندي آهي ۽ ساڻس ملي ترپت ٿي ويندي آهي شاعري جي وش ڪنهيا جي آرزو هوندي آهي ته هن جي سلوڻي سيني جي اپار مان اياز پنهنجي پسند جا لفظ ڪٽي خيال ڪٽي ۽ انهن مان رنگ رتا نظم لکي غزل لکي ۽ زندگي جي نيڻن ۾ نئين موسم جا خواب پوکي
مونکي ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن...!

مونکي ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن
پاڻ کي دفنائڻ کان وٺي
پاڻ کي زنده رکڻ تائين
رات کي ڏينهن ڏانهن وٺي ويندڙ رستن کان وٺي
سج ۽ چنڊ سان روبرو ملڻ تائين
اياز امر چاهي
هڪ شاعر
هڪ عاشق
هڪ ديش ڀڳت
هڪ صوفي
هڪ اهل ذوق

رهي ڳالهه شاعري جي ته
شڪر خدا جو
جو شاعر ته هندين ماڳين ٿڙيا پکڙيا پيا آهن
پو اياز جي انفراديت ڇا آهي
اياز مختلف ڇا ۾ آهي
اياز زندگي تخليق ڪندڙ هڪ نئون انسان پيدا ڪرڻ جي ڳالهه ڪندڙ هڪڙي حسناڪ دنيا ٺاهڻ جي راهه ڏسيندڙ شاعر آهي. جنهن وٽ تاريخ جو گهرو ادراڪ ۽ شعور به آهي

جنهن وٽ هن دور جي نسبت سان بنهه نظر انداز ڪيل وساريل نماڻي ٿيل پر پنهنجي نج مٽي سان جڙيل روح کي سيراب ڪرڻ جي سگهه رکندڙ ٻولي به آهي

اياز آرٽ جي وجد کي سمجهي ٿو
اياز زماني جي رفتار کان اڳتي نڪرڻ چاهي ٿو ڇو؟
ان ڪري ته سخت اونداهي واري ماحول ۾
ذلت ۽ آپيشاهي واري وقت ۾
هن وٽ ٺهڪ به پنهنجا آهن
هن وٽ لڙڪ به پنهنجا آهن
هن وٽ ڏرم به پنهنجو آهي
هن وٽ ديوتا به پنهنجا آهن
هن وٽ درد جي شدت به آهي
هن وٽ خوشي جي ڪيفيت جو خالص پٽو به آهي
هن جي عظمت اها ناهي ته هو رُتبي ۾ ڪيڏو وڏو آهي ناهي
هن جي عظمت اها ناهي ته هو رڳو شاعر آهي
هن وٽ صرف سطحي رومانويت ۽ خيالي آدرش نه آهن
هن وٽ وطن آهي
هن وٽ زبان آهي
هن وٽ قوم آهي
هن وٽ تاريخ آهي
هن وٽ ڪلچر آهي
هن وٽ غلامي خلاف چِڙ آهي ڌڪار آهي
هو آزادي پسند آهي
هو عاشق آهي
هو مئه نوش آهي هو اسٽيٽسڪو جو مخالف آهي
هن وٽ پوري انسان ذات جي آزادي ۽ آبادي جو پيغام آهي
هن جا آئيڊيل ۽ فڪري ماخذ سڀ باغي هئا
پر هو نمائشي گيڙو مفلر اوڍيندڙ سڌڙيو صوفي به ناهي

هن وٽ نعريبازي واري شاعري ناهي
پر هن جي شاعري جيڪا پنهنجي دور جي
سمورن دقيانوسي قدرن سان بغاوت ڪرڻ تي اتساهي ٿي
اها هن وقت قبضاخورن جابرن مذهبي مهندارن مولوين پنڊتن سامراجي ايجنٽن ۽ بزدل ويڪائو قلم ڌڻين سان ٽڪل ستل هارايل وطن واسين جي جذبن جي نمائندگي ڪندڙ هڪ سچيت قلمي توڙي عملي جنگ بہ آهي
اها سندس ان زماني جي مروج بادشاهي نظام سان
کلي بغاوت پڻ آهي
جو اڄ بہ جديد نيو ڪالونيل سسٽم ۾ ڦاٿل غلام سنڌ
فقط اياز جهڙن ٿورڙن وطن جي باخبر شاعرن جي شاعري جي صورت ۾ دور حاضر جي، قابض اسٽيبلشمنٽ، سان وڙهي رهي آهي
ٻُک جو اسٽال

واپار جو عالمي ڏينهن تي
ماڻهون پنهنجون خوشيون نئين سر خريد ڪرڻ لاءِ
اميدن جا اسٽال لڳايو وينا آهن
ميڊيا ڪيميرا جي اک سان جائزي جي جهان ۾ گم آهي
وقت پنهنجي پراڻي لباس کي لاهي
اروڙي تي اچلائي ڇڏيو آ
جنهن کي پوئتي مڙي ڏسڻ جي بہ ڪيس فرست ناهي رهي.
اياز امر شيخ تاريخ ڏانهن ذميوار ليکڪ آهي جنهن وٽ ڪوڪلا لفظ ناهن پر هو جاندار واضعدر لچارن خوبصورت ۽ آتش نوائي ڪندڙ لفظن جو تخيل نگار آهي هن سڀ حسين لفظ هڪ لڙي ۾ پوئي هڪ حسين هار ٺاهي پنهنجي سنڌ وطن جي ڳچي ۾ پائڻ جو جنون پاليو آهي هو ڄاڻي ٿو تہ سنڌ اسان جي ليلان بہ آهي تہ مجنون بہ آهي سنڌ اسان جي اجنتا بہ آهي تہ ايلورا بہ آهي سنڌ جيڪا اسان جي خوابن جي مومل آهي
سنڌ جنهن جي جر جي پاڻي تي
لٽل پکي اسان کي شاعرن جون ڪوتائون پاسندا آهن

سنڌ جنهن جي هر نيند نياپي جهڙي صبح ۾
اسين صدين کان هر هڪليندا ان اپائيندا آيا آهيون
سنڌ جنهن کي اسان سجدن ۾ سوچيو آهي
سنڌ جنهن جي سرمئي سانجهڙين ۾ اسان سمبارا
جي چيڙ جو چمڪو ٿيا آهيون
سنڌ اسان لاءِ چپر بہ آهي چانءُ بہ آهي
هي جڳ جڳاندر ڳالهڙي آهي تہ
اسين ڌرتي جي ڪيترين ڪنڊن کان ڊڪندا ڊوڙندا
سنڌو جل جهڙي سندر سينڌ رکندڙ هن سنڌ
جي سام پيا سين
۽ هن مٽي جي مهڪ اسان جا زخم ڌوئي
غم ريٽي اسان کي پنهنجي هنج ۾ ائين ورتو
جئين جنم ونڻ وقت ماءَ پنهنجي ابهم ٻار کي
سيني لائيندي آهي
سنڌ اسان جيءَ جي جهروڪن جهاتڙين جي
لاک رتي لوئي آهي
جنهن ۾ اسين ڏکن جا ماريل مارو لوڪ گهڙي پل
گهاءُ وساري پنهنجو دامن سمائي درد کان دور ٿيڻ
جي ڪوشش ڪندا آهيون
سنڌ فطرت جو آئيڊيل پورٽريٽ بہ آهي
تہ حسن ازل جو انمول عڪس بہ آهي
سنڌ مرڪندڙ محبوبا جي سوني ڳچي جو نو لکو هار بہ آهي
تہ ارڏي عاشق جي موڪري ڇاتي جو موهہ بہ آهي
سنڌ پيار آهي سنڌ روشني جو ڏيگ آهي
سنڌ رني ڪوٽ جي رات آهي
سنڌ لطيف جو سر سهڻي آهي
سنڌ سچل جي من خدايم واري صدا بہ آهي
تہ ڪنور رام جي ڪافي بہ آهي

سنڌ سيد جي ساھ جو سڳنڌ آھي
تہ سنڌ ھيمون ڪالاڻي جي فاتحانہ مرڪ بہ آھي
سنڌ بشير خان قريشي جو ڀاڪر بہ آھي
تہ سنڌ سرمد جي سين بہ آھي
سنڌ ڀاڳوڀان جي ڪلاسڪ شعر جو مفھوم بہ آھي
سنڌ مرڪان شيخڙ جي گيت جي گونج بہ آھي
سنڌ ڏاھر جي عظمت جو دليل آھي
سنڌ ڪپھہ مان تخليق ڪيل ڪپڙي جو اوڇڻ آھي
سنڌ مقصود قريشي جي سڙيل رڪ بہ آھي
سنڌ شھيد سرائي قربان جي سورھيائي جي ساک بہ آھي
سنڌ آريسر جي خطابت جو چندن ھار
تہ پليجي جي تقرير جو شعلو بہ آھي
سنڌ حفيظ قريشي جي ھڪل
تہ جلال چانڊئي جي يڪتاري جي تند بہ آھي
سنڌ براعظم ۾ اھنسا جو اھڃاڻ
تہ اولھہ وارن لاءِ عشق جي تاريخ جي تشريح بہ آھي
سنڌ سڌارٿ جي ويراڳ جو واس
تہ سنڌ مھاوير جي مھانتا بہ آھي
سنڌ عربي ڄام جي آل لاءِ ابر
تہ سنڌ دراوڙن لاءِ دلاسو بہ آھي
سنڌ استاد گلزار علي خان جي ڳايل غزل جو جوڀن رس بہ آھي
تہ استاد شفاعت علي جي ڪوھياري ۾ ڳايل ٺمري بہ آھي
سنڌ صادق جو سوز شفيع فقير جي صدين جي صدا بہ آھي
سنڌ رفيق فقير جي واتان چيل اياز جو گيت آھي
سنڌ استاد حنيف لاشاري جو بي چين آلاپ بہ آھي
سنڌ حسن درس جي پرين جو پاڇو بہ آھي
سنڌ چوڙيو مندر جي اداسي
سنڌ لڇمڻ ڪومل جو آخري ٺھڪ بہ آھي

سنڌ جاڙن جبلن جو ديس آهي
سنڌ سفيد مٽي واري ريگستان جو روح آهي
سنڌ ڍنڍين ڍورن ندين پرين پکين ۽ پنهوارن جي پريت
جو پيمانو آهي
سنڌ اياز جي انسان شناسي جو اهڃاڻ آهي
سنڌ منهنجي محبوب جي ذلفن ۾ رقص ڪندڙ هير جو هڳاءُ آهي
سنڌ منهنجي نسلن جي نيپاڄ جو نالو آهي
سنڌ منهنجي وڇايل دوستن جي آخري ايڊريس آهي
سنڌ وڇوڙن جي رُت ۾ روئندڙ اکين لاءِ آسيس آهي
سنڌ جنهن جي نالي تي نوخيز جوانيون اڏي تي
بہ اوچي ڳاٽ ايندڙيون آهن
سنڌ جنهن جي شامن جو حسن ڏسي موت نيچ لڳندو آهي
۽ زندگي سان عشق ٿي ويندو آهي
سنڌ اسان لاءِ سخت سيارن م قاتل ساٿل رلي
جو ٽڪر آهي جنهن مان اسين پوه جا پارا گذاريندا آهيون
سنڌ جي ڏنارن جون سينڌون سٽي صحرا جا وڻ
جهومي اٿندا آهن
سنڌ جا کيت ڦلارجڻ وقت ڪنهن وينگس جي پور وهي
جهڙا لڳندا آهن
سنڌ جنهن جا شهيد پٽ مرڻ ويلي بہ مرڪندا آهن
سنڌ جنهن جون دادليون ڏيئرون حيا جو چلو هٿ مان
ڪرڻ ناهن ڏينديون
سنڌ جنهن جا بزرگ پيري ۾ بہ پشيمان ناهن ٿيندا
سنڌ جنهن جا ٻار پوپٽن جا پر ناهن پٽيندا ڇو تہ کين
مائرون اهو سيکاريندڙيون آهن تہ
پر پٽڻ پاپ آهي
راڳ رقص چير گهڙولي ڳيچ سهرا منهنجي سنڌ جا سونا زيور آهن
هي سنڌ جنهن جي سارين جاسنگ بہ سر پکيڙيندا آهن

هي سنڌ جيڪا بارود جي ڍير تي بيٺل سنسار لاءِ شڪار جو سنديس آهي
سنڌ جيڪا ڊپلوميسين جي ڊينگهر ۾ ڦاسندي آهي
تہ ڦٿڪي پوندي آهي
سنڌ جيڪا پلي سياست جي صليب تي لٽڪائي وئي هجي
پر ان پنهنجي شاعري راڳ ۽ آرٽ جو دامن ڪڏهن بہ
هٿان ناهي ڇڏيو
اها انتهاپسندي سان الجهندي اچي
وحدانيت جون وايون ورجائيندي اچي
اها آمريتن سان وڙهي آهي
تہ جاگيرداري جمهوريت جي جابرانہ نظام کان بہ کيس بچان ايندي آهي
هن جي ذهن ڪڏهن بہ شڪست ناهي قبولي
هن جڳ جي جياپي ڪاڻ نوان نياپا ڏنا آهن
سنڌ ثقافتن جي صدوري سرزمين آهي جنهن
جي رنگن منجهاران آسماني ديوتا انڊلٺون جوڙيندا آهن ان ڪري اياز جا سڀ نظم جيڪي انگريزي عربي هندي اسپينش چائينيز ۾ ترجمو ڪجن تہ بہ سندن فڪري مناس اهو هوندو جيڪو سنڌ ڪمند جي رس ۾ آهي جيڪو سنڌ جي ڄاڳرين ٻيرين ۾ آهي جيڪو سنڌ جي ٿري پيروئن ۾ آهي جيڪو سنڌ جي پستي ڳڙ ۾ آهي اياز پنهنجي هڪ نظم ۾ چئي ٿو.

آئون چاهيان ٿو تہ
مون وٽ پنهنجو سج هجي
پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجو ٻج هجي
آئون چاهيان ٿو تہ
منهنجو آسمان منهنجي ئي مٿان تارن سان پريو بيٺو هجي
جنهن کي آئون جنهن بہ وقت چاهيان تہ ڏسي وٺان
آئون چاهيان ٿو تہ
مونکي پنهنجي ڌرتي جي والار جيڏو وطن هجي
جنهن ۾ آئون پنهنجي چنڊ کي

اکين جي اڳڻ تان ويھي ڏسي سگھان

آئون پنھنجو پاڻ کي ڳولي رهيو آهيان، ماءُ غير شرعي، همبستري، آخري رات اعتبار جي موسم؛ هي اياز جا ڪجھ نظم ڪنيا اٿم جن ۾ ايترو لاپرواهي جو لباس جيترو درد اٿي جي لپ لاءِ مرلي وڄائيندڙ جوڳي جي جيءَ ۾ هوندو آهي جيترو درد ميگها رُت جو اوسيئڙو ڪندڙ ڪوئل جي ڪوڪ ۾ هوندو آهي جيترو درد راوي جي ڪناري محبوب لاءِ ماهيو ڳائيندڙ نينگري جي دل ۾ هوندو آهي جيترو درد استاد اسد علي خان جي ڳايل خيال؛ لاڳي نين موري پيا ڪي دواري، ۾ هوندو آهي جيترو درد لاهيارڻ جي هٿن ۾ هوندو آهي هٽلر جي نازي گيستابو جي سربراه هرمن گوئرنگ هڪ دفعي چيو هو ته : آئون جڏهن به آرٽ جو نالو ٻڌان ٿو ته منهنجو هٿ پستول ڏانهن ڪڇي وڃي ٿو؛ اهو آهي آرٽ جي سگھ جو اعتراف آرٽ هن ڪائنات جو مڪمل سچ آهي شيخ اياز پنهجي شاعري جي ڪتاب ؛ ڪپر ٿو ڪن ڪري؛ ۾ لکيو آهي ته ٿامس مئن هڪ جرمن يهودي هو هن ٻي عالمي جنگ کان ڪجھ وقت اڳ هٽلر کي هڪ هند لکيو هو؛ تون پنھنجي پوري قوم کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهيو آهين، اهو خط دنيا جي عظيم خطن مان هڪ آهي پر ٿامس مئن هٽلر جي پٺو کان آمريڪا ڀڄي ويو هو ۽ اتان اهو خط لکيو هئائين ڪل جهڙي ڳالھ آهي لکين يهودي گئس چيمبر ۾ ماريا ويا پر ٿامس مئن نه فقط ڀڄي ويو پر هن کي نوبل پرائيز پڻ مليو.

آئون سمجھان ٿو ٿامس مئن وانگر شيخ اياز به جي جلاوطن ٿي وڃي ها ته ڪيس به اهڙا نوبل پرائيز ملي وڃن ها پر جيڪا مهانتا ڪيس مٽي کان ملي اها نصيب نه ٿئيس ها ائين ائني فرئنڪ به ڪري ها ته اڄ وڏي ناول نوس ليکي وڃي ها پٽائي به جيڪڏهن مغلن ۽ ڪلهوڙن کان خائف ٿي ڪڇ يا گجرات وڃي وسائي ها ته اڄ وانگر ئي راجستان جي قلعي ۾ ڳايو وڃي ها پر اها عظمت نه پائي سگھي ها اياز امر شيخ به هن ديس جي نرمل چاندوڪين جو چاهيندڙ آهي جيڪو سنڌو دريا جي ڪاڇي ڪپ کان ساين ٻنين جي جھڳِتي ۾ جنميو جتي صبح ويلي وڻن تي جڏهن پکي فطرت جا گيت آلاپيندا آهن ته هي خدائي خدا سميت جھومڻ لڳندي آهي قدرتي هوائن ورندڙ مال جي چڙن جي موسيقي گھري مشاهداتي سگھ ۽ سماجي

پوڳنائن گڏجي اياز امر شيخ کي تخليق ڪيو آهي جيڪو پنهنجي ذات ۾ بنهه من موجي ماڻهو آهي جنهن کي دريا وارا پور آهن جنهن وٽ دوستي ۽ شاعري ٻنهي جو رتبو اعلي آهي پنهنجي هڪ حسناڪ نظم ۾ اياز چئي ٿو.

پاڻ کي مضبوط ٽيڙو آهي...!

پاڻ کي مضبوط ٽيڙو آهي
ان جبل جيان
جيڪو پاڻ مٿان گرميون ۽ سرديون
راتيون ۽ ڏينهن طوفان ۽ مينهن وسائڻ کانپوءِ
هڪ ئي جاءِ تي بيٺو رهي ٿو
سندس رنگ ۽ روپ ۾ ڪو ب فرق نٿو اچي
سندن ويڪر ۽ اوچائي کي ڏسڻ لاءِ
ماڻهوءَ کي خود پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪڻڻو پوي ٿو

پاڻ کي مضبوط ٽيڙو آهي
ان پُل جيان
جيڪا ٻن ڪنارن کي پاڻ ۾ ملائي ٿي
وقت جي وڏي انتظار کي سوڙهو ڪري
ملڻ جي منزلن کي ويجهو ڪري ٿي
هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تائين نظر رکي ٿي

پاڻ کي مضبوط ٽيڙو آهي
اُنهن پکين جيان
جيڪي سياري ۾ گرم ڪپڙا ناهن پائيندا
۽ گرمين ۾ گنجا ناهن ٿيندا
جن کي وڻن جيڏو وڏو وطن مليل آهي
جن کي ننڊ ڪرڻ لاءِ ڪو بہ گھر ناهي ٺاهڻو پوندو
جن کي اڏامڻ جي لاءِ

ڪا بہ تياري ناهي ڪرڻي پوندي

عورت بسنتي گلاب وانگر آهي جيڪا شاعري ۾ رچي وچي ٿي اها اياز جي شاعري ۾ بہ راج گهاٽ تي چنڊ وانگر ليئا پائي رهي آهي اها عورت جيڪا اياز جي شاعري ۾ آهي اها رڳو سندس محبوبا ناهي اها هن سماجي بي راهروي جي ٿوڪاپي آهي اها ڪٿي مقدس مريم بہ آهي تہ ڪٿي چيڙهہ وٽيل چوٽا بہ آهي تہ ڪٿي جسم ڪپائيندڙ وئشيا بہ آهي تہ ڪٿي ديوداسي بہ آهي ان عورت جي انيڪ روپن اياز جي شاعري جي صورت ورتي آهي.

شاعري ۽ زندگي ٻنهي گڏگڏ سفر ڪيو آهي ٻئي ساڳين رستن تان هليون آهن ڪريون آهن ٿڙيون آهن وري اٿيون آهن ڪڏهن شاعري ڪي معض تفريح سمجهيو ويو آهي تہ ڪڏهن شاعري باغين جي تلوار جو ڪم ڏنو آهي اڳي عرب قبيلن ۾ شاعري صدين تائين محاذ آرائي جو مرڪز هئي اها شاعري ڪڏهن بابل ۽ نينوا جي ڪنارن تي وڙهي تہ ان شاعري ڪڏهن دلي جي دربارن ۾ قصيده گوئي بہ ڪئي ۽ مڪر مڪر جي لڙائيل هوڪرن جو شڪار بہ ٿي اڄ اها شاعري فنون لطيفا جو مقدس پيشو ٿي پئي آهي اڄ سياسي ادبي سماجي مذهبي مجلسون شاعري جون شڪر گذار ٿي پيون آهن رسول حمزه توف پنهنجي شاهڪار: ميرا داغستان ۾ لکيو تہ ؛ اسين شاعرن ڪان باهہ جو ڪم وٺندا آهيون يقينن اها باهہ جيڪا ستل هيٺي نبل ٿڪل قوم ۾ نئون روح ڦوڪي ڪيس آزادي جي امنگن سان سرشار ڪري ميدان ڪارزار ۾ وٺي اچي سنڌ ۾ اهو پهريون اعزاز لطيف سائين ڏانهن وڃي ٿو جنهن جي شاعري شعلو بہ هئي تہ شبنم بہ هئي ان روايت جو سگهارو آواز شيخ اياز هئو جنهن ڪوڙ جا ڪوٽ ڪنگرا شاعري سان لرزايا اياز امر بہ ان تاريخي تسلسل ۾ پنهنجي فن ۽ ڏات ڪان اهو ڪم وٺي رهيو آهي جيڪو نذرل اسلام بنگال ۾ ورتو ناظم حڪمت ترڪي ۾ ۽ مالال زئي افغانستان ۾ ورتو آئون ان ڪان انڪار نٿو ڪريان تہ اياز تي پنهنجي هم عصر شاعري جو اثر ڪونهي پر اياز پنهنجو مڏ پاڻ چڪايو آهي ورهہ وهاٽيو آهي سندس ڪلام جو ذائقو گهڻو پنهنجو بنهہ نڪور صفا تازو بنهہ دلڪش آهي عرب جئين هدي ڳائي انن ڪان هفتي جو پنڌ ٽن ڏينهن ۾ چڏائيندا هئا اياز جي شاعري ڳائڻ وقت اسان جا لانگ مارچ پهرن جا پنڌ

پلن ۾ پچائيندا آهن.
نظم جيڪي ننڊ ناهن ڪندا...

هو منهنجي مرڻ جا ڏينهن ڳڻي رهيا آهن
۽ آئون نظم لکي رهيو آهيان
نظم جن جي عمر زندگيءَ جيڏي آهي
نظم جن جون اکيون
ڌرتيءَ تان بيهي آسمانن جا تهہ ڳڻي وٺنديون آهن

هو چاهين ٿا تہ آئون رات ٿي وڃان
پر هي منهنجا سج جيڏا وڏا نظم
جيڪي هر روز هڪ نئين تپش سان اڀري رهيا آهن
جن کي ڏسندي ئي هو پاڻ سڙي ٿا پون

اياز صاحب لکيو تہ هر سچل سرمست، نٿو ٿي سگهي ائين آئون پانيان ٿو هر اياز، امر، ناهي هوندو اهو اسان جي هن بانوري پرين جي شخصيت جو خاصو آهي تہ هن جي شاعري ۾ هن جو سراپا ڀئي ايترا ڀرپور حوالا آهن جو اهو فيصلو ڪندي ڏکيائي ٿي ٿئي تہ اياز جي شاعري لاءِ ڪهڙي تشبيهہ جو انتخاب ڪجي ۽ سندس زندگي لاءِ ڪهڙو استعارو ڪتب آڻجي سيني وصفين سهڻو اياز منهنجي لاءِ گهگهہ انڌيري ۾ ڳوٺ جي پيچري وانگر آهي جنهن تي هلندي ماڻهو ٿڙي ٿاٻڙي تہ سگهي ٿو پر امالڪ وڃي گهر پيڙو ٿيندو اياز جي تخليق ۾ وطن آهي وطن جا حسناڪ زاويا آهن اياز جي شعر ۾ فطرت جون چاندنيون ساهہ کڻن ٿيون هن جي نظمن جو روح، عشق، آهي هن جي اکين جي ماڻڪين ۾ سن وٽان سنڌو جي سامهون اپرندڙ باک جا ڪنوارا ڪرڻا آهن اياز بنيادي طور ۽ آزادي جو شاعر ۽ آهي هن جي دل جي ڏسائن ۾ سيد جي پيغام جو پڙ لاءِ آهي ان ڪري هن جي لفظن ۾ شهيد بشير خان قريشي جي آخري تقرير جيترو درد آهي مون جڏهن بہ اياز جي واتان مزاحمت ۽ سار جا نظم ٻڌا آهن تہ آئون پنهنجي يار غار ساگر حنيف

ٻڙدي جي ياد جي سنگهرن ۾ ايترو سوگهو ٿي ويندو آهيان جو چاهيندو آهيان تہ ساٽس ياڪر پائي ائين روئان جئين ڳوٺن ۾ ڪراڙيون عورتون پنهنجي جواڻ پٽن جي جدائين تي هڪ ئي سان اوسارا ڪنديون آهن اڄ سنڌي شاعري جي هن منفرد لهجي واري شاعر جو نثري نظمن جو ڪتاب "تُنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ"، پڌرو ٿي رهيو آهي شال فطرت، قدرت سندس قلم جي جواني قائم رکي هو ڌرتي جي اونداهن گوشن ۾ روشني جو نور پکيڙڻ لاءِ پنهنجا رنگ رتي آڪاس جهڙا گيت سرجيندو رهي ؛اسين وڃايل سنڌ شاعري جي ڏنل ڏس پٽي تي هلي حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ادب قومن جو متحرڪ روح ٿيندو آهي افسانو ناول ڪهاڻي تقرير ڪالم راڳ بہ پنهنجي جوهر ۾ قومي تشخص جي حاصلات واري جهدوجهد جا ريڊار آهن پر شاعري ايفل ٽاور آهي جتان گهڻو ڪجهہ ڏسي سگهجي ٿو ان ڪري شاعري ڪي تاريخ ۽ شاگردن ڪي رحمان جا شاگرد سڏيو ويو آهي.

مونکي ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن
پاڻ کي دفنائڻ کان وٺي
پاڻ کي زندهہ رکڻ تائين
رات کي ڏينهن ڏانهن وٺي ويندڙرستن کان وٺي
سج ۽ چنڊ سان روبرو ملڻ تائين
مونکي مسلسل ئي ڪم ڪرڻو آهي
اخبار جي سرخين کان وٺي
پروف جي غلطي ۾ لکجي ويل
سُنڌ لفظ جي نقطن کي سڌو ڪري
سنڌ لکڻ تائين

هن ديس جي تاريخ قبضاخورن جي گهوڙن جي سنبن هيٺ لتاڙجندي اڄ هن سائيبر ايج ۾ اچي پهتي آهي هن مٽي جا وارث ڪڏهن ويد منتر ڳائيندا ان اپائيندا هئا هتي ڪيئي مصور ۽ رشي خوابن جو سرمو عشق جي اکين ۾ اوتيندا هئا ڪڏهن دراوڙ نينگري ؛ ڊانگ فلور ؛ تي رقص ڪندي هئي تہ ڌرتي ڌبندي هئي پروهت سنڌو در ٻاڏائيندا هئا عجيب ۽ پراسرار

زميني مذهب ۽ ريتون رڪندڙ هي ڏرتي جنهن جا ڪيت ڏسي خدا جي وجود جو احساس ٿيندو آهي ان جي ذري پرزي کي پنهنجي خيالن جا ڪيس اوڍائي اڏام ڪتولي تي جڳ جڳ جو سير ڪرائڻ رڳو شاعرن جو ڪمال آهي رگ ويد آٿر ويد سڀ ان ڪماليت جا چشم ديد گواهه آهن اسين اهي سڀ منظر پسمنظر اياز امر شيخ جي شاعري ۾ بہ ڏسي سگهون ٿا جنهن ۾ سورج ونسي جي ساک آهي جيڪا اوپر جي اک بہ آهي جيڪا سهٽي جو گهڙو بہ آهي جيڪا سسئي جو پنڌ بہ آهي جيڪا ڏياچ جو ڪنڌ بہ آهي جيڪا موکي جو مڌ بہ آهي جيڪا عالمي بہ آهي تہ علائقائي بہ آهي.

اياز امر سان مون زندگي جا ڪڙا مٺا گڏ پيتا آهن اسان راتيون گڏجي چنڊ سان چارا رليا آهيون هن ۾ هڪ مانوس ڪندڙ وجداني ڪيفيت مون سدائين دريافت ڪئي آهي اهو وقت بہ چڙ ڪالهہ جو قصو آهي اسين سجاول جي گهٽين ۾ پنهنجو پاڻ کي ائين ڳوليندا هئاسين جئين قيس صحرا ۾ ليلان کي ڳوليندو هو سجاول جي ٺرندڙ راتين ۾ شهر ۾ ڪرفيو جهڙي سانت کي اياز جا نظم ٺوڙيندا هئا اوچتو اياز وجداني ڪيفيت ۾ شاعري جي آنچل ۾ ويڙهجي ويندو هو اسين سڀ محو حيرت ٿي ڪيس ٻڌندا هئاسين اياز جا هن وقت تائين ڇهہ شاعري جا آيل ڪتاب بہ هڪ ڊاڪيومنٽيشن آهن جن ۾ زندگي جون تلخ ڪهاڻيون مدفون آهن سجاول جيڪو پنهجي فطري بيهڪ ۾ جيترو حسين آهي اوترو حسين سندس ارگرد جون زرخيز زمينون آهن جيتوڻيڪ پاڻي جي شديد بحران زمينن جي ساڳوڻي بيهڪ تہ بدلائي ڇڏي آهي پر هتي شاعري جا واهڙ ڪڏهن بہ سڪا ناهن سرويچ جي پورهيت پيڙاهہ واري شاعري محمد خان مجيدي جي آزادي لاءِ اٿندڙ للڪار جهڙا گيت ارشاد ساگر جي ڪوتا قطار ويندي دور جديد جي شاعراڻي پڪيڙ اياز امر جي روپ سروپ ۾ اڄ پنهنجا جلوا پسائي رهي آهي.

سچ ڪٿي آهي...!؟
هيءَ هيڏي وڏي ڪاري رات جنهن جا ڇيڙا
منهنجي ٻانهن جي اوچائي کان بہ مٿي ٿي ويا آهن
مونکي ننڊ جي نيڻرن ۾ ڪير ٻڏي ويو آهي!؟

**ڪٿ آئون**

**تاريخ جي انڌي اک جو خواب تہ ناهيان ٿي ويو!؟**

سنڌ جي تهذيبي شاعراڻي فڪري ۽ تمدني تاريخ جا پنهنجا گرھ آهن اپگرھ آهن ستارا آهن سج آهن اسان کي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هندو ڪو بہ مذهب ناهي. پر اهو سناتن تهذيب آهي. هندو لفظ سنڌو لفظ جي بگڙيل صورت آهي. پراڻن ويدن ۾ هندو لفظ جو ڪٿي بہ ذڪر نہ ٿو ملي. دنيا جي پراڻي ڪتاب رگ ويد ۾ سنڌو ندي جي تهذيب کي "سناتن" ڪوٺيو ويو آهي جنهن جي معني آهي "آڳاٽي يا اوائلي"

سنڌو دريا جي ٻنهي ڪنارن تي آباد جيڪي بہ قومون هيون تن کي سنڌي ڪوٺيو ويو آهي. ائين سنڌو دريا ۽ سنڌو تهذيب جو ذڪر ويدن ۾ هزارين سال اڳ ڪيو ويو آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سنڌو کي "هندو" چوڻ جي شروعات ان دور ۾ ٿي جڏهن آرين سنڌ ڏانهن رخ ڪيو. آريہ يعنيٰ ٻئي پاسي کان آيل ماڻهو، آريہ صرف واپار ۽ ڪاروبار جي سلسلي ۾ ايندا هئا. آرين جي زبان ۾ (س) جو اچار نہ هئڻ ۽ ان جي جاءِ تي (ھ) جو اچار استعمال ڪرڻ ڪري سنڌو لفظ مان "هندو" لفظ پئجي ويو.

اڄ جنهن ڌرم کي "هندو ڌرم" سڏيو ٿو وڃي ، اهو اصل ۾ "سناتن ڌرم" آهي. رگ ويد ۾ لفظ "ڌرم" جي معنيٰ ٻڌائي وئي آهي "قاعدو" يعني اهڙو جوڙيل قاعدو، جنهن جي بنياد تي هن ساري سنسار جو چرخو هلي. "سناتن" معنيٰ آڳاٽو يا اوائلي. "سناتن ڌرم" ڪنهن جاري ڪيو يا ڪڏهن وجود ۾ آيو تنهن بابت اڃا تائين ڪنهن وٽ صحيح علم نہ آهي، پر سمجھ ۾ ائين اچي ٿو تہ هيءُ ئي ابتدائي مذهب/ڌرم آهي.ائين قديم آمريڪا جا وارث ريڊ انڊين بہ اصل انڊ / هند ،سنڌ جا رهاڪو هئا جيڪي تاريخ جي وهڪري ۾ لڙهي ويا هي زمانن جي سچ کي جتي تاريخدانن جي قلمي سچائي کي پڌرو ڪرڻو آهي اتي شاعري کي بہ ان سان مڪاميلو ڪرڻو پوندو.

اياز اميد جو شاعر آهي هن جي موجودگي ۾ زندگي جهومندي آهي وقت ڳائيندي محسوس ٿيندو آهي هو ڪلندو آهي تہ نئين جا گلاب مهڪندا

آهن ۽ ڪينجهر تي شام نورا پائي نچندي آهي اسين جنهن غليظ سوسائٽي جي گندي گپ ۾ قاتل آهيون اتي اياز جهڙا دوست گاڏ گفتيڊ آهن جيڪي دل جي شهر ۾ آيل درد جي طوفان جا آواز ڏور ڪان ٻڌي ائين ٻڪي ايندا آهن جئين دريا ۾ ٻڏندڙ مسافر ڪي ڏسي مهاڻا ڪشتيون تيز ڪاهي هيڪلي شخص جي حياتي بچائڻ جا جتن ڪندا آهن دنيا مايا جو موهه آهي گورک ڌنڌو آهي اياز جهڙا ماڻهو ان ڌنڌي جهڙي دنيا ۾ دل جو ساز هٿن ۾ کڻي محبت جا گيت آچڻ لاءِ ماڻهن جي روحن ڏانهن ائين وڃن ٿا جئين بهار جي مند ۾ سنڌ اندر ڪو عرصو اڳ آرائين گلن جا جهول ڀري در در سين هٽندا هئا ۽ گل ورهائيندا هئا اياز مون کي انهن آرائين جو تسلسل لڳندو آهي هن وٽ ڏيڻ لاءِ هرک جي تاڪن جهڙو اجرو پيار آهي جيڪو هن مسلسل بنا ڪنهن فرق جي سڀني ۾ ورهايو آهي هو جتي به هوندو آهي سندس آسپاس هڪڙو ميلو هوندو آهي اياز امر جي وسيع پاڪرن ۾ سڀني لاءِ مون ساڳي اڪير ۽ احساس ڏٺا آهن شايد اها سندس ڪاميابي آهي جو هن جي دوستن جي قطار ايتري تيزي سان پئي وڌي جيتري تيزي سان خوف جي حالت ۾ گهٽي جي موڙ تي ملندڙ محبوب کي ماڻهو ڀرين چمي ڏيندو آهي آئون اهو به چئي سگهان ٿو ته هو رڳو منهنجو دوست آهي يا سڀني کان ويجهو منهنجو دوست آهي پر جڏهن سندس سڀني سان ساڳيو سلوڪ ٿو ڏسان ته چوان ٿو ائين ناهي اياز سڀني جو ساڳيو دوست آهي دوست ٿيندا به هڪ جهڙا آهن هڪ جيڏا آهن دوستن ۾ رنگ نسل ذات پات مذهب عمر ناهي ڏسبي اياز زندگي جو مقصد سمجهي ويو آهي ان ڪري هن ڌن ناهڻ وارو ڌنڌو ٻين کي ڏئي ڇڏيو آهي ڪنهن ڏاهي چيو مون شاعري ڪنئي راڳ ڪنيو رقص ڪنيو ادب ڪنيو باقي دنيا ٻين جي حوالي ڪري ڇڏي ائين اسان جي هن محبوب دوست دوستي پيار اخلاق ادب عشق پاڻ کڻي باقي سڀ شيون جڳ جي جوارين حوالي ڪيون آهن ان ڪري ايڏي عزت ماڻي اٿس منهنجا هي لفظ تاريخ لکي پئي مون کي ماڪ جي ڪنوارن قطرن جو قسم هي ڪا خوشامدي يا واڏاءُ واري ٻڪاٽڪي ناهي جنهن ۾ رڳو هڪ دوست جي دوستي جي ناتي تعاريف ٿي رهي آهي پر اهو سچ اياز سان جيلسي ڪندڙ به تسليم ڪندا ته هن بنا ڪنهن پارٽي عهدي اقتدار دولت يا

ڪنهن ٻي عمل جي صرف سنگت سان سچائي ساڪ پت ۽ وفائن جي ڪري پنهنجي اردگرد هڪ پوري ڪائنات جوڙي ڇڏي آهي ٻين ڪي تہ الائي اندازو آهي يا نہ پر مون هن ماڻهو جا لڙڪ بہ هٿن ۾ ڪنيا آهن تہ سندس ڪلهي تي پنهجا لڙڪ رکيا بہ اٿم هن منهنجو ڀروسو بحال رکيو آهي دنيا ۾ اعتماد کان وڏي دولت ٻي تي نٿي سگهي اياز کي سنڀالڻ اچي ٿو پر رکڻ ڄاڻي ٿو هو دوستي جو آرٽسٽ آهي وٽس رشتا نڀائڻ جي قدرتي ڏات آهي جيڏي دل اوڏو دستر خوان نہ ايڏي عمر نہ ايترو تجربو نہ شهرت جو شوق نہ وري دنيا داري پو ڇا آهي بس اندر ۾ ڪا بي قراري اٿس جيڪا رڳو تڏهن ختم ٿيندي ٿس جڏهن يارن جي ميڙ ۾ هجي يا ڪنهن جي مدد ڪري يا راڳ جي رنگن ۾ هجي يا ڪنهن لانگ ڊرائيو تي هجون اياز واقعي بہ اهو شخص آهي جنهن جي وس ۾ هجي تہ سڄي سنڌ ۾ سنگت جا سور پاڻي ڪري پي وڃي آئون ڪنهن بہ ڏکهي چمار جي دعا ڪونہ ڪندو آهيان باقي اهو ضرور چوندس تہ اياز جي اسان کي اکيون بند ٿيڻ تائين ضرورت آهي جيسين اسان جون اکيون ٻوٽجن تيسين اياز جا هٿ اسان جي هٿن ۾ هجن اياز هر قيمت ڪٿڻ کان وڏو آهي هتي وڏا ماڻهو ٽڪي جي انهن ٻشنين کي چيو ويندو آهي جن وٽ رشوت جي لٽيل پاپ جي پئسي مان اڏيل اجگر عمارتون وڏيون گاڏيون گارڊ ۽ غنڊا هوند آهن پر اصل وڏا ماڻهو ايازامر وانگر هوندا آهن جن جو دامن آسمانن کان ويڪرو دل سمنڊ کان گهري هوندي آهي ڏيڻ لاءِ بي پناهہ محبتون هونديون آهن اياز شال ستارن وانگر روشني جي انبلٽ ٻٽيل رهي والدين جا خواب ۽ وطن جي آزادي جون آسون مڪمل ڪري مون کي منجهانئس اڻ ميون اميدون آهن منهنجو ڀاءُ آهي تہ ساهہ سريکو دوست بہ آهي ساڻس زندگي جي ساٿ جاسپ تعلق آهن جن تي مون کي فخر بہ آهي.

اياز جي ڪوتا ڪتاب تي لکندي جڏهن آئون سندس نظمن جي روح مان گذريو آهيان تڏهن سوچيان پيو تہ شديد سنگباري ۾ صليب ڪلهي تي ڪٽي درد جي شهر مان اڪيلو گذرڻ ڪيترو ڪٺن آهي اياز جنهن کي سندس رابيل جهڙو پٽ زندگي جي اٿاهہ غم ۾ ڇڏي افق پار اڏي ويو هي نظم ان ياد جا ديپ آهن هي ڪنهن ٽرلر فلم جهڙي سوسائٽي جتي مخالفن تہ

ٺهيو دوستن جي هٿن ۾ ايترا پٿر آهن انگ انگ خون آلود ٿي وڃي ٿو ڪڏهن سوچيان ٿو ناتمام خواهشن جي اڻ ڪٿ دٻاءَ ۾سوسائٽي ۾ منهنجي هن نفيس دوست جي دل ڪيتري هيڪلي ٿي رني هوندي ڪڏهن سوچيان ٿو ته اياز ۽ اسان سدائين خاموش اکين ۾ پنهنجا الڪا لڪائڻ جي آرزو ڇو ڪئي ڪڏهن سوچيان ٿو ته پوئين سال جنوري جي پڇاڙڪي شام ۾ ان پوڙهي راهب جي مئل ڏيءَ جي پرسان اسان مسيع واگر رت ڳاڙڻ جي ڪوشش ڇو ڪئي هئي جنهن راهب جو هتي ان اڪيلي ڏيءَ کان سوا ڪير ڪونه هو جيڪا خوني بگهڙن جي هٿان مارجي وئي ڪڏهن سوچيان ٿو ته بيوسي جي مسافري ۾ مارجي ويل ماڻهن جي قبرن جا نشان به ڪٿي ڪونه ملي سگهندا آهن ڪڏهن سوچيان ٿو ته خانه بدوش جوڳي اڪثر رات جي آخري پهر ۾ لڏ پلاڻ ڇو ڪندا آهن ڪڏهن سوچيان ٿو ته هڪڙي دفعي اياز ۽ آئون "آڪاش ڪان اڳتي" ناول پڙهڻ وقت ڪيتري دير تائين رناهئاسين اڪثر مون پري شهر ۾ پاڻ کي صفا اڪيلو تن تنها پاتو هو پو آئون بي تحاشا سگريٽن جي دونهين سان دم گُهٽي صبح جا پهريان ڪرڻا ڏسي ٿڪل قدمن سان ڦٽ پاٿ تي ڪريو هوس تڏهن به اياز مون کي آٿتيو هو سوچيان ٿو هٿن جي رحل ۾ منهن رکي اکين کي روئاڙيندڙ هن ماڻهو زندگي جي اڪيلي راھ ۾ ڪيئن ۽ ڪنهن سان ڏک ونڊيا هوندا ڪڏهن سوچيان ٿو ته حد کان وڌيڪ حساس ماڻهو اندر ۾ ڪيترو پڇندا ۽ پرندا آهن پيارن کان پوءِ سڀ رستا ماڻهو لاءِ فوجي ڇانوڻين ۾ بدلجي ويندا آهن جن تي هلندي ڪڏهن اياز پنهنجي پياري پٽ کي انتهائن منجهان ياد ڪيو هو جڏهن چهرا نا شناس ۽ اوپرا ٿي ويندا آهن تڏهن محبوبه جو شهر به اذيت گهر جيان لڳندو آهي آئون امرتا پريتم جهڙو رچناڪار ته ڪونه آهيان جو اياز جي ڏک تي مين ڦر آوانگي جهڙو نظم لکي سگهان نه مون وٽ ايترا لفظ آهن جوً ايک ٿي ساراً جيان هن گلاب تي ڪا يادگيرين جي سرمئي ڊائري تحرير ڪري سگهان نه آئون پنهنجي ذهني پيڙاھ کي "اب تيرے شہر میں مجھے ڈھونڈو" جهڙي ڪتاب ۾ بدلائي ٿو سگهان نه ان ڏک جي رات کي چترا جي آلاپن جو روپ ڏئي ٿو سگهان نه آئون استاد وحيد علي خان وانگر "ڪيچي قول ڪري ويا هئي نه ويل وڇڻ جي" جهڙي وائي ٿو

ورنائي سگهان آئون ڪالهه وانگر اڄ به پنهنجي دوست سان سار جي موسمن ۾ اتي ئي پنو پنو بينو آهيان جتي هن  ڪي تقدير بي ترتيب ۽ بي رنگ ڇڏي وئي آهي هاڻ اياز ڪان وڏيل شيو تي ڪير به سوال نٿو ڪري هاڻ اياز ڪان ڪير به پنهنجي  پسند جي ڪتابن جو نٿو پڇي هاڻ اياز جي حد ڪان وڏيڪ مٿي چانهن پيئڻ تي ڪنهن کي به ڪو اعتراض ڪونهي هاڻ اياز هائوس فل سينيمائن ۾ گيٽ ڪيپر ڪان منٿون ڪري به ڊبل ٽڪيٽون وٺڻ ناهي ويندو هاڻ هن جي ڏکين آوارگين سان ڪنهن جو به واسطو ڪونهي هاڻ ته عرصو ٿيو آهي هن جي الجهيل وارن کي ڪنهن سلجهايو ڪونهي هاڻ ته هو بهار کي پن ڇڻ خزان کي بهار سمجهي ويهندو آهي ڪڏهن ڪڏهن سمنڊ تي ويندو آهي پر حسابن جو ڪچو ماڻهو لهرون ڳڻي ناهي سگهندو هو چنڊ جي پار هلي ويو آهي هتي خدا جي زمين تي الائي ڪيتري گندگي ڦهليل آهي اڳي رڳو نزلي جي ڪري ماڻهن جي نڪ مان ڏپ ايندي هئي  هاڻ ته سيني جي سوچن ۾ ڏپ  ٿي وئي آهي ڪلن ڏپ روئڻ ڏپ لکڻ ڏپ ملڻ ڏپ ايتري ڏپ آهي  جو ساهه ٻوساتجي ٿو هي ديس هاڻ مٿي ٿلهن چنبن وڏن ڏندن وارن عجيب جانورن جو ديس ٿي ويو آهي ان ڪري سمورا پکي آسمان جي پولارن ڏانهن لڏي وڃي رهيا آهن اپاهچ ڇوڪريون رڳو ان خوف جي ڪري ٻاهر نٿيون نڪرن ته متان ڪين ڇتا ڪتا ڪائي وچن ٻارڙين ٽافيون وٺڻ گهٽ ڪري ڇڏيون آهن گل ويچارا بهار ۾ به اباڻڪا ٿا ڀاسن  ديس جون شاعرائون اپين تلوارن جي هيٺان ترانا لکڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون پر فتوي پوش غنڊا شاعري کي به ڏنڊا ٻيڙين ۾ جڪڙڻ جي ڪوشش ۾ آهن فنڪارن جي زبانن کي ساڙڻ جا سانپا ٿين پيا مسجدون ڏنڊ جي لپيٽ ۾ آهن مندر اداس ۽ گرجا جا گهنڊ ايندڙ سمي ڪان سراپيل ٿاڏسجن غم جي اٿاهه بيگانگي گسن ۾ ستل آهي ڏس اهڙين حالتن ۾ زندهه رهڻ رڳو شاعري جو معجزو آهي ڪا ڪرامت ڪونهي.

اياز امر جو هي ڪتاب مڪمل نثري نظمن جو ڪتاب آهي نثري نظم جيتوڻيڪ خالص يورپ جي صنف آهي پر هتي سنڌ ۾ ان صنف تي ايتري محويت سان لکيو ويو آهي جو هن صنف سنڌي صورت اختيار ڪري ورتي آهي جتي جديد غزل کي پنهنجي زمين سان موزون ڪرڻ جو ڪريڊٽ

شيخ اياز ڏانهن وڃي ٿو ائين نثري نظمن جي پيڙهه به جديد آهنگ ترنگ سان شيخ اياز رکي پوءِ ان نثري نظم ۾ موسيقيت ڊاڪٽر آڪاش انصاري وڏائي جو ڀيريون دفعو اهي ڳائڻ جهڙا ٿيا ان جو مثال آڪاش جو نظم ؛ تون پڇين ٿو پرين مان هليو ڇو ويس ؛ آهي جيڪو الهڏني خاصخيلي ڪمپوز ڪيو ڪنهن زماني ۾ مصطفي ارباب به بلا جا نثري نظم لکيا اهڙي ريت فراق هاليپوٽو نثري نظمن جو خوبصورت نالو آهي حسن درس به سهڻا نثري نظم مترنم انداز ۾ لکيا جيڪي ڪنهن به وزن تي ناهن احمد سولنگي اعجاز منگي حسن مجتبي سعيد ميمڻ وغيره به ان صنف جا قابل داد حوالا آهن پر اياز ان صنف سان پنهنجي ڀرپور ۽ منفرد لهجي سان خوب نڀايو آهي اياز جي هنن نظمن ۾ توڙي جو ڳائجي سگهڻ جيتري موسيقيت ناهي پر منجهن رڌم ۽ نغمگي آهي جيڪا ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن تي ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي پاسترناڪ جي ناول ڊاڪٽر زواگو جي پوئين باب ۾ آهي ته جڏهن ڊاڪٽر زواگو بس ۾ وڃي رهيو هو تڏهن هن پنهنجي محبوبا لارا کي پيهه مان ويندي ڏٺو جيستائين بس بيٺي لارا گم ٿي وئي ۽ زواگو جئين ئي بس مان لهي رهيو هو ته ڪيس دل جو دورو پيو ۽ هو زمين تي ڪري پيو هن لارا کي ٽن سالن کان پوءِ ڏٺو هو ان تي مون کي ائنا اختموفا جو هي نثري نظم ياد آيو ته :

چمن ۾ موسيقي جا سر ناقابل
بيان غم سان لبريز هيا
برف تي رکيل ٿالهي
ڪالو مڇي سان ڀريل هئي
ان مان هڪ تکي ۽ تازي سامونڊي هوا اچي رهي هئي
هن مون کي چيو
مان تنهنجي باوفا دوست آهيان
۽ منهنجي لباس کي ڇهيائين
هٿن جو ڇهاءُ هم آغوشي کان
ڪيترو نه مختلف آهي
ائين ئي ته ماڻهو

ٻُج وارين سيامي ٻلين
۽ پکين کي ڇهندا آهن
ائين ئي تہ ماڻهو
سرڪس ۾ سوار ڏاهوڪين
ڇوڪرين کي ڏسندا آهن

اج جڏهن پراڻيون رفاقتون وسارڻ جو دور آهي هي دور جنهن کي آئون سخت بيوفائين جو دور سڏيندو آهيان تڏهن دل چئي ٿي پنهنجي دوست اياز امر کي چوان تہ پيارا تون ان دور کي ضرور مڙي ڏسجان جنهن ۾ اسان جي اڻ مڪمل تمنائن جي سڄي تاريخ اج بہ ڪنهن زخمي چيتي جيان چينگهاڙي رهي آهي ۽ جنهن دور ۾ رهيل آهن اسان جي المناڪ اڪيلائين جا دردناڪ داستان جن جي صفحي صفحي تي اسان جو ماضي ڪوراڙ جي ڪکيل ماڻهو جي دل وانگر ڏهلجي رهيو آهي تڏهن تنهنجي تخيل ۾ پهاڙي ندي جو آهنگ پيدا ٿي سگهندو ۽ ماڻهو تنهنجي تخليق مان پنهنجي مرضي جو ماحول جوڙڻ جا جتن ڪندا خبر اٿئي تہ جيڪڏهن ماڻهو کي سندس مرضي جو ماحول نٿو ملي تہ سندس ماڻهپو مري ختم ٿي ويندو آهي ۽ هتي اڪثريت انهن انسانن جي آهي جن جون اکيون پنهنجون خواب پرايا آهن جيڪي روح ڪولي ڪٽي نہ روئي سگهن ٿا نہ کُلي دل سان کلي سگهن ٿا اتي توکي ڪردار سازي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو توکي انهن ماڻهن سان ملڻو پوندو جن جا جوڀن جلي خاڪ ٿي ويا آهن سندن نڙين تي ننهن ڏئي ڪين خاموش ڪرايو ويو آهي جيڪي راتين جي رڄ ۾ سُڄ جهڙيون ستم گريون سموئي جيئن ٿا هي نڪور صبح جهڙو سچ آهي پرين تہ پاڻ وحشتن جي اپي ترار تان اگهاڙن پيرن سان گذاريا ويا آهيون اسان جي پنڌ ۾ ککي جا ڪارا رکي اسان کي رسوائين جي رڻ ۾ ٻهاريو ويو آهي پر اسين هن درد جي ديوار اڳيان شڪست قبولڻ ڪفر ٿا ڀانيون ان ڪري هر سمي ويڙهہ جا وچن قلاري رکيا اٿئون تون آرٽسٽ آهين تنهنجي اکين ان سموري ڪرپ جي ڪوڙاڻ چکي آهي جنهن ڪرپ تنهنجي نئين نسل جي نيڻن کان ننڊ کسي انهن ۾ ٻرندڙ اماڙيون رکيون

آهن مون تنهنجي شرير آتما کي اداسائي جي پاڪر ۾ ائين پرندي ڏٺو آهي جئين ڪنهن ڪنواري ڇيلهه تان ڪريل ڪچو گھڙو پڃي پور ٿيندو آهي تنهنجي آڱرين ۾ ازل جو ٿڪ آهي تون صحرا جو هرڻ آهين جنهن کي ڪنهن پلر پالوٺ جي تلاش آهي تون پيڙاهه جا پنڌ ڪيا آهن ان ڪري تنهنجي تحرير جا سمورا رنگ رتو رت آهن ۽ ياد رهي ته اها لهو جي لالاڻ ئي تخليق جي تاريخ جو حسن هوندي آهي شل تنهنجي خوابن ۾ شهيدن جي رت جي سرخي رهي ۽ تنهنجي ننڊ ڪڏهن ميري نه ٿئي.

اياز جي نظمن مان اکيون پسائيندي سچ کي ڪنن ۾ اوتيندي مون ائين محسوس ڪيو آهي ته هي تخليقي سگهه مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ سئين دڳ اڇي رهي آهي سنڌي نئين نسل اکيون کوليون آهن ان ادبي اسٽيبلشمنٽ جي خوني چنبن مان سنڌي ادب کي آجو ڪرائڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو آهي ان ڪري ان ۾ نت نوان گلاب ڦٽي سڄي وايو منڊل کي مهڪائي رهيا آهن اهو وقت پري ناهي جڏهن سنڌي شاعري اياز وانگر ڦلڙيون ڦلڙيون ڏات ٿي ويندي سهين سهين سانگ ٿيندا ان آئيندي جي عظمت جا گس ۽ گهيڙ اياز امر جي شاعري ۾ هندين ماڳين ملندا بشرط ڪه اسين پنهنجي اکين تان انڌ جي عينڪ لاهي ڏسون اسين پنهنجي ذاتي انائن جي ڦئنچي سان فنڪار جي فن ۽ فڪر جا ريشمي تاڪيا ڪاٽي ڇڏيندا آهيون ان ڪري اسان وٽ هڪڙي ادبي مافيا اياز امر جهڙن باڪ جي ڪنوارن ڪرٽن جهڙن شاعرن جو انڪار ڪندي آئي آهي پر هر جينيس سان ان جي دور ۾ ائين ٿيندو آهي هڪڙا مٽس تهمتون هڻندا آهن ٻين کي وڌندو ناهي سي وسارڻ جي ڪوشش ڪندا اٽس ٺيان وري جهلون ڪندا جلندا اٽس پر جي آرٽسٽ جي ڪم ۾ فولادي جذبات ۽ خيالات جي فراواني هوندي آهي ته هو ان سڄي اسٽيٽسڪو جو مقابلو ڪري اڳتي نڪري ويندو آهي ۽ ان جي تيز رفتار پيرن مان اٿندڙ ڌوڙ پويان بيٺل سمورن ڪوتاهه نظرن جي اکين ۾ گهڙي ويندي آهي پو اهي پنهنجي تاريخ سان نيڻ ملائي مرڪي به ناهن سگهندا اياز دوڙ حاضر جو اڇوتو آواز آهي مسلسل وڇوڙن جي ڏنگڻ باوجود هو اسٽر پهاڙ لڳو بيٺو آهي اها اڏولتا ڪيس ايندڙ سنڌ ۾ به صديون جيئرو ۽ جاويد رکندي هن ڪلاسڪ ۽ جدت جي

روايتن کي گڏي جيڪا مڏ چڪائي آهي ان جا ڪيف ۾ سرور سنڌ جا ساڃاهه وند نوجوان پنهنجي تيز حواسن سان محسوس ڪري رهيا آهن سنڌ اڄ به شاعري جي جديد فن سان سرشار دنيا جي سگهارين قومن سان ڪلهو ملايو بيٺي آهي سينئر تهي کي ڇڏي ڪري نئين نسل جي شاعرن جي به هڪ ڊگهي قطار پنهنجو زبردست ڪم ڪري رهي آهي حسن درس پنهنجي رومانوي ۽ احساساتي ڪلام جي صورت ۾ هر وقت ٻيا ڪيئي نوجوان هن مهل جديد شاعري جي ميدان جا شهسوار آهن اهڙي ريت اياز جو وري جدا انداز اظهار ۾ پنهنجو ڊڪشن آهي جنهن سنڌي شاعري کي مور جا پر ڏنا آهن اسان کي ذاتي گروهي اختلافن کان مٿي ٿي ادبي ايمانداري جو مظاهرو ڪرڻ کپي تڏهن ئي هي نمبر گيم جنڊاپٽ ۾ دشمني جو خاتمو ايندو فنڪار پلي ڪيڏو وڏو هجي پر ذاتي ڪردار اخلاق ڪمينمينٽ يا اعليٰ ڳڻ نه هوندس ته سماج ڪيس قبول ڪونه ڪندو اياز طور به پلو ماٺهو پنهنجي روايتن جو امين تڏي منهه وارو خوش اخلاق دور انديش دشمن جو به خير گهرندڙ شخص آهي سنڌ جو شعور ۾ قومي تحريڪ ڪيس پنهنجو حصو ۾ اثاثو سمجهي ساڻس پيار ڪيو آهي ۾ هو به برملا پنهنجي حقيقي اسڪول آف ٿاٽ ڏانهن پنهنجي جوابداري تسليم ڪري ٿو ان ڪري سندس فن ۾ خدمتن جو اعتراف ڪرڻ هن وقت سان انصاف جي مترادف آهي پر خدا شل اها ساڃاهه سيني کي ڏي جيڪي پاڻ کي ادب جو پوپ پال جان سمجهيو ويٺا آهن اسين سيد جا پوئلڳ ته گهٽ ۾ گهٽ انهن پوپن مان بيزار آهيون اسين پنهنجي فنڪارن جي فني مهانتا کي الٽي اک سان ڏسون ٿا پلا اياز امر جو هي نظم تاريخ ڪٿي رکندي فيصلو پڙهندڙ ڪن.

مونکي سيڙهيءَ تي چڙهڻ ناهي ايندو..!

مونکي سيڙهيءَ تي چڙهڻ ناهي ايندو
سيڙهي جيڪا ماٿوءَ کي
زمين کان مٿي کڻي ويندي آهي

سيڙهي جيڪا
آسمان ڏانهن اُڀي رکيل هوندي آهي
مون جڏهن بہ
سيڙهيءَ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي
تہ منهنجي ماءُ
مونکي قميض جي پوئين پاند مان ڇڪي
هيٺ لاهي ونندي آ
۽ آئون چڙهيل ٻن ڏاڪن کان واپس
پٽ تي ڪري پوندو آهيان
سيڙهيءَ تان ڪري ڪيترائي ماڻهو مري ويا آهن
بابا جي حاڻي
امان جي اکين ۾ خوف پيري ڇڏيو آهي
امان جيڪا هاڻ مونکي
سيڙهيءَ جي آخري ڏاڪي تائين پڄڻ ئي نٿي ڏي
ڪاٺ جا ڪوازا ٻڌي
وڏيون جايون ٺاهيندڙ ماڻهو
آخر امان کي ڇو نٿا نظر اچن
ڇا اُنهن جون مائرون مري ويون آهن ...!؟
جو اُنهن کي سيڙهيءَ تي چڙهڻ کان روڪين نٿيون
هو جيڪي سيڙهين تي چڙهي
سج کي سامهون ڏسي رهيا آهن
سيڙهي جيڪا آسمان ڏانهن اُڀي رکيل آهي
آئون بہ امان جي مري وڃڻ ڪانپوءِ
سيڙهي رکي آسمان تي چڙهي ويندس
۽ وري ڪڏهن بہ هيٺ نہ لهندس

اياز جا هن ڪتاب ۾ شامل نظم پڙهڻ کان پوءِ مون کي شدت سان عرب باغي شاعر محمود درويش ياد آيو آهي ڇو تہ محمود ۽ اياز جي مٽي پلي الڳ هجي پر سندن درد ساڳيو آهي ٻئي لٽيل قافلن جا مسافر آهن محمود وٽ

صحرا عرب جي سنگريز راهن جو غم هو اياز وٽ بہ پنهنجي زمين جو ڏک آهي سنڌي شاعري جي هڪ وڏي خاصيت آهي تہ اها سموري دنيا جي وڇوڙن وارداتن ۾ ستم گرين ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهي آهي ڪالهہ حسن درس، ايران جي خانم گگوش جي نالي نظم ڪيو هو اڄ اياز امر ايرانڻ ريحانا الجباري جي سوڳواري کي نظم جو ڪفن اوڍايو آهي

رت جنهن جو نئون نالو ريحانا الجباري آهي...!
ميوزم ۾ رکيل تلوار مان رت ڳڙي رهيو آهي
جُبن ۾ ويڙهيل مُلڪ جا ملائڪ
فتوائن جا ڪتاب پڙهي رهيا آهن
ماڻهو جيڪو هاڻ پنهنجن هٿن سان
زهر پيئڻ جي بہ قابل ناهي رهيو

انگريزن جي قبضي وقت هڪ افغان ڇوڪريءَ پنهنجو رئو ڪنهن ڪانٽيءَ تي ويڙهي هڪ شعر پڙهيو هو اُن ڇوڪريءَ جو نالو ملالا هو ۽ اُهو شعر هي هو:
افغانستان جون مائرون!
توهان ڪڏهن،
اهڙا بزدل پُٽ ڄڻڻ شروع ڪيا آهن.
جن جي ڏرتين تي قبضو ٿي ويو آهي،
پر هو اڃا تائين اسان جي طرف ڏسن ٿا
شاعري جئين تہ شعلو بہ آهي شاور بہ آهي ماني لاءِ روئندڙ ٻار جي اذيت بہ آهي تہ مقتل ۾ ڪنل سپاهي جي ونې جو خط بہ آهي اياز جو هي نظم ڪنيو اٿم
وڪرو ٿيندڙ نظم

آئون جڏهن بہ
شاعريءَ جي منڊيءَ ۾
پنهنجا نظم وڪرو ڪرڻ ويندو آهيان
تہ سڀ ڪان پهرين

توتي ئي لکيل منهنجا نظم
بنا واڪ جي ئي وڪروٿي ويندا آهن
نظمن جي پگهر جي پئسن مان
آئون ڪچو گهر بہ ناهيان ٺاهرائي سگهيو
منهنجا نظم
روز طوائفن جيان وڪروٿين ٿا
منهنجا نظم
جن وٽ پنهنجو گهر بہ ناهي

اياز جي سچي شاعري واقعاتي آهي لينن چيو هو تہ پروپيگنڊا تاريخ ۽ جماليات گڏجي وڃن تہ خوبصورت شاعري جنم وٺي ٿي ٽرڊ انٽرنيشنل ۾ اهي ٽئي شيون موجود آهن اياز امر جي شاعري ۾ بہ جماليات آهي تاريخ آهي ۽ پروپيگنڊا آهي هن جا نظم ڪانير جي ڪيفيت جا ترجمان آهن جيڪو پيٽ جي بک خاطر جون جي پپڙي ۾ ديوين جا ٽار وڍي وڪڻي ٿو اياز جا نظم سفاڪ سماج جي هٿان عصمت پامال ڪندڙ نياڻي جي جسم جي تڪليف جي شدت بہ آهن اياز جا نظم بارش ۾ ياڪر پيري ستل جوڙي جي رومانويت جا عڪاس بہ آهن ڇو تہ بحرحال شاعر وٽ اهي سڀ شيون هجڻ کپن اياز جو هي نظم

ماڻهو اڪثر توکي منهنجي شاعريءَ ۾ ڳولهي وٺندا آهن...!
ماڻهو اڪثر توکي
منهنجي شاعريءَ ۾ ڳولهڻ ايندا آهن
آئون جيڪو توکي
پنهنجي اکين ۾ لڪائي بہ نٿو سگهان

هن قسم جا انيڪ نظم اياز جي هن ڪتاب ۾ آهن جن جي ڪيفيت ڊاڪٽر زواگو جي هارٽ اٽيڪ ۽ ائنا اخمتوفا جي نظمن جهڙي آهي جيڪڏهن اياز جا اهي نظم اقوام متحده کي موڪليا وڃن تہ اها جنگ ڪندڙ ملڪن کي موڪلي تہ هوند امن جون فاختائون ائين بمن جي گوڙ ۾

مارجي نہ وڃن هونءِ بہ هٿن ۾ وزني بم جهلڻ کان ڪنهن خوبصورت عورت جا ارهہ جهلڻ وڌيڪ بهتر آهي.

تنهنجو هي ڪتاب تنهنجي ازلي تنهائين جو دستاويز آهي تنهنجا هي نظم پلي ڪٽي ڪنهن سلطنت جي آئين جو حصو نہ ٿين پر يقين ڪر هي نظم ڪيترين ئي دوشيزائن جي دل جي ڌڙڪڻ ضرور ٿيندا

**نواز شاهہ پاڏائي**

# تنهنجي
# وچڙ
# ڪانپوءِ...!

## تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ...!

تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ
منهنجي اکين مان درياهه اُٿلي پيو آهي
جيڪو مسلسل وهندو ئي رهي ٿو
جيڪو هاڻ ڏُک جي
ڪيڏي نه وڏي صحرا کي سيراب ڪري سگهي ٿو

تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ
آئون انڌن جي دنيا ۾ گذارڻ لڳو آهيان
منهنجا سمورا خواب اکين ۾ هوندي به
ڏُنڌلا ٿي ويا آهن
ڏُنڌ جيڪا مونکي گهيري وئي آهي
مونکي اها پڪ ٿي وئي آهي ته
تو ساڻ ئي گڏجي دنيا کي ڏسي ٿو سگهجي

تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ
مونکان رستا وڃائجي ويا آهن
زندگي پنهنجن ئي ڪلهن تي ڪنيل
ڪو ڳرو بار لڳي رهي آهي
اڄ درد جي دونهن ۾
گُهٽجي مرڻ جهڙا ڏينهن مون مٿان لٿل آهن
آئون پنهنجو ساهه
پاڻ ۾ بچائي رکڻ جهڙو ئي ناهيان رهيو
آئون جيڪو هاڻ صرف توکانپوءِ تنهنجون ڳالهيون
پنهنجو پاڻ ۾ ئي ڳنڍيون ڏيو سنڀاليو وينو آهيان
تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ

ماڻهن مونکي سُجاڻڻ ڇڏي ڏنون آهي
تون مونکان منهنجي ڪسجي ويل اُها سُڃاڻپ آهين
جنهن جو احساس مونکي اڄ ٿيو آهي ته
ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ڪانسواءِ ڪا به حيثيت ناهي هوندي
سڃاڻپ ڪانسواءِ زندگي گذارڻ
ايئن آهي
جيئن اڄ آئون توڪانسواءِ پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو آهيان

تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ
سڄ مون مٿان اُڀرڻ ڇڏي ڏنون آهي
آئون اولهه ۾ اوڀر جي طرفن ڪان پري ٿي ويو آهيان
چنڊ ۾ تارن ڪان خالي ٿي ويل رات مونکي
پاڻ ۾ پناهه ڏئي ڇڏي آهي
سڄ پڇين ته
هاڻ منهنجي شاعريءَ ڪان موضوع ئي ڪسجي ويا آهن
آئون جيڪو توڪانپوءِ سڄو خالي ٿي ويو آهيان

تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ
آئون آسمان تان اڇي پٽ تي ڪري پيو آهيان
مونکي ڪو به سهارو ڏئي اُٿارڻ وارو ئي ناهي رهيو
تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ
مون پنهنجو پاڻ کي ڳولهڻ ڇڏي ڏنون آهي
تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ
آئون ڪيڏو نه پيار جي غُربت ۾ اڇي
غريب ٿي ويو آهيان.

## ماڻهو اڪثر توکي منهنجي شاعريءَ ۾ ڳولهي وٺندا آهن...

ماڻهو اڪثر توکي
منهنجي شاعريءَ ۾ ڳولهڻ ايندا آهن
آئون جيڪو توکي
پنهنجي اکين ۾ لڪائي به نٿو سگهان
پيار جون موسمون
جيڪي ماڻهوءَ مٿان مينهن ٿي وسنديون آهن
منهنجي هر نئين نظم ۾
ماڻهو توکي الائي ڪيئن ڏسي وٺندا آهن
آئون ته صرف تنهنجي خوبصورت هئڻ جي خوشبوءِ
لفظن جي لڱن تي هڻي
ٿوري تعريف ئي ڪندو آهيان
پر ماڻهو جيڪي
محبتن جا ڪُليل خط ٿي پوندا آهن
تنهنجي حسين هئڻ جا سمورا ثبوت
مونکي منهنجي ئي شاعريءَ مان ڳولهي اچي ڏيندا آهن
تون جيڪا منهنجي شاعريءَ جو حُسن آهين
ستارن جون ڳالهيون
مون ماڻهن کي ان ڪري ئي ناهن ٻڌايون
جو چنڊ تي چڙهڻ جا رستا ئي پرجي وڃن ها
آئون ڪيئن اهو اُنهن ماڻهن کي ٻڌايان
ته منهنجا نظم
تنهنجي ئي نيڻن مان ڦُٽي نڪتا آهن
۽ منهنجي سموري شاعريءَ
توکانسواءِ مونکي انڌي ٻوڙي ۽ گونگي لڳندي آهي.

□

## نظم جيڪي ننڊ ناهن ڪندا...

هو منهنجي مرڻ جا ڏينهن ڳڻي رهيا آهن
۽ آئون نظم لکي رهيو آهيان
نظم جن جي عمر زندگيءَ جيڏي آهي
نظم جن جون اکيون
ڌرتيءَ تان بيهي آسمانن جا تهه ڳڻي وٺنديون آهن

هو چاهين ٿا تہ آئون رات ٿي وڃان
پر هي منهنجا سج جيڏا نظم
جيڪي هر روز هڪ نئين تپش سان اڀري رهيا آهن
جن کي ڏسندي ئي هو پاڻ سڙي ٿا پون

هو منهنجا هٿ وڍي
منهنجي آڱرين ڪان نظم لکڻ جي سگهہ ڪسڻ ٿا چاهن
هُنن کي اها خبر ئي ناهي تہ
روح جي رت مان ٻُڏي نڪتل نظمن کي
ڪاڳر ءِ قلم جي ضرورت ناهي پوندي
نظم جن کي درياهہ جهڙي رواني هجي
اُهي ڪڏهن بہ رُڪجي نٿا سگهن

هو چون ٿا تہ
آئون پنهنجن نظمن جا گس مٽائي
ڪين ڪنهن ٻي راهہ تي هلڻ سيکاريان
اُهي نظم تاريخ جي چُمي ٿي ويندا آهن
جن کي پنهنجي ڌرتي پاڪرن ۾ پيري چڏيندي آهي
اها اُنهن کي خبر ئي ناهي تہ
مون پنهنجا نظم ڌرتيءَ جي اوڙن ۾
ٻج ڪري ڇٽي ڇڏيا آهن
جيڪي آخر هڪ ڏينهن نئين صبح سان گڏجي اپرٽا آهن

هو چاهين ٿا تہ
منهنجون اکيون هاڻ ڪجهہ بہ ڏسي نہ سگهن
پر اُنهن کي اها خبر ئي ناهي تہ
منهنجون اکيون ئي منهنجا نظم آهن
نظم جن کي پنهنجي هڪ الڳ اُڏار آهي
نظم جيڪي هوائن مٿان بہ هلي ٿا سگهن
نظم جن کي گولي سان ماري نٿو سگهجي

نظم جن جي اکين مٿان پٽي نٿي ٻڌي سگهجي
نظم جيڪي زندگيءَ جو گيت هوندا آهن
نظم جن کي ٻڌائي تہ سگهجي ٿو
پر گهائي نٿو سگهجي

هو خوفزده آهن
مونکان وڌيڪ منهنجن نظمن کان
هو هاڻ اهو هر گز ئي نٿا چاهين تہ ڪو
مون منجهان هڪ بہ نئون نظم جنم وٺي سگهي
هو منهنجي مري وڃڻ کان وڌيڪ
منهنجي نظمن جي اکين تي هٿ رکي
کين ننڊ سُمهارڻ جي ڪوشش ۾ آهن
هُنن کي اها ڄاڻ ئي ناهي تہ
نظمن جون اکيون
ماڻهن جي اکين کان مختلف ٿينديون آهن
نظم جيڪي ننڊ ناهن ڪندا
نظم جيڪي جاڳندا ئي رهن ٿا
اڻ کُٽندڙ صدين جي سفر تائين.
□

## پاڙ ڪي مضبوط ٽيڻو آهي...!

پاڙ ڪي مضبوط ٽيڻو آهي
اُن جبل جيان
جيڪو پاڙ مٿان گرميون ۽ سرديون
راتيون ۽ ڏينهن طوفان ۽ مينهن وسائڻ ڪانپوءِ بہ
هڪ ئي جاءِ تي بيٺو رهي ٿو
سندس رنگ ۽ روپ ۾ ڪو بہ فرق نٿو اچي
سندس ويڪر ۽ اوچائي ڪي ڏسڻ جي لاءِ
ماڻهوءَ ڪي خود پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪڻڻو ٿو پوي

پاڙ ڪي مضبوط ٽيڻو آهي
ان پُل جيان
جيڪا ٻن ڪنارن ڪي پاڙ ۾ ملائي ٿي

وقت جي وڏي انتظار کي سوڙهو ڪري
ملڻ جي منزلن کي ويجهو ڪري ٿي
هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تائين نظر رکي ٿي

پاڻ کي مضبوط ٿيڻو آهي
اُنهن پکين جيان
جيڪي سياري ۾ گرم ڪپڙا ناهن پائيندا
۽ گرمين ۾ گنجا ناهن ٿيندا
جن کي وڻن جيڏو وڏو وطن مليل آهي
جن کي ننڊ ڪرڻ لاءِ ڪو بہ گهر ناهي ٺاهڻو پوندو
جن کي اُڏامڻ جي لاءِ
ڪا بہ تياري ناهي ڪرڻي پوندي

پاڻ کي مضبوط ٿيڻو آهي
اُن هوا جيان
جيڪا سمنڊ مٿان بي خوف ٿي هلي ٿي
جيڪا وڻن کي بہ لوڏيو وجهي ٿي
جنهن کي سج جي تپش جي پرواهہ ناهي ٿيندي
جيڪا زمين جي مٿي
آسمان جي اکين ۾ وجهڻ جي سگهہ رکي ٿي
جيڪا جيل جي سلاخن ۾ بہ ساهہ کڻي سگهي ٿي
جنهن جا طوفان بہ هڪ نئين تاريخ لکي وٺندا آهن

پاڻ کي مضبوط ٿيڻو آهي
اُنهن مائرن جيان
جيڪي پنهنجا پُٽ جنگ جي ميدان کي

جهوليون ڀري ڏئي ڇڏينديون آهن
جيڪي هڪ پُٽ جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ
ٻي پُٽ جي هٿ ۾ تلوار ڏيندي فخر محسوس ڪنديون آهن
جن پنهنجي اکين جا ڳوڙها
ديس جي ڦڙڪندڙ جهنڊي سان اُگهي ڇڏيا آهن
جن وٽ مرڻ ڪان وڏيڪ
جيئڻ جهڙي جنگ جيڏي اهميت حاصل آهي
جن جي ارادن جي اڳيان
آسمان بہ اکيون جهڪائي ٿو ڇڏي
جن وٽ پاڻ پنهنجي تقدير لکڻ جي سگهہ هوندي آهي
سي ئي پنهنجا سج ۽ چنڊ
پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ٻيهي ٻچائي ٿا سگهن

پاڻ ڪي مضبوط ٿيڻو آهي
اُن درياهہ جيان
جنهن جو ڪو بہ دنگ ناهي هوندو
جنهن جو وهڪرو سمنڊ کي ڌڪيندو ئي رهي ٿو
هر روز اڳتي وڌڻ جي لاءِ

## ڌرتيءَ آسمان جي گواهي...!

آئون خدا جي پهرين سچاٽپ آهيان...!؟
يا خُدا منهنجي سچاٽپ آهي...!؟
ان ڳالھ جي تھ تائين پهچڻ جي لاءِ
ڌرتي ۽ آسمان جي گواهي جو هجڻ لازم آهي
سج چنڊ ۽ تارن تائين پُڄندي
مونکي اجان بہ ڪيترائي جنم گهُرجن
مذهبن جي روايتي رڻ ۾ ڀٽڪندڙ ماڻهو
منهنجي پُڇاءِ جا پهريان قاتل آهن
آئون پنهنجي زندھ هجڻ جون نشانيون
قبلِ مسيح جي دؤر کان وٺي ڳولهيندو رهيو آهيان
هڏن جون هڙون

۽ آدم جي اک مان ڪريل ڳوڙهن ڪانسواءِ
مونکي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي مليو سگهيو
افراتفريءِ جي اونداهي رات ۾
ماڻهوءَ جو ماڻهو کان وڇائجي وڃڻ
ڇا ڪائنات جي مري وڃڻ جو مرثيو ناهي...!؟
منهنجي پهرين رڙ
دنيا جي وڏيل دُن کان بہ وڏي آهي
آئون خُدا جي تاريخ جا پنا پڙهي اڪيلو ٿي ويو آهيان
ڌرتي ۽ آسمان جي گواهي
الائي تہ ڪهڙي گمان ۾ ٻُڏل آهي
آئون پنهنجي وجود جي مٽيءَ کي
مذهبن جي وراثت کان واپس وٺي
ماڻهن ۾ تقسيم ڪرڻ ٿو چاهيان
وڻ نديون ۽ پکين جون اکيون
منهنجي واڌاري جا پهريان وارث آهن
آئون پنهنجي هجڻ جا آثار
خلق جي ڪوتائي مان ئي ظاهر ڪري ٿو سگهان
مون پنهنجي تاريخ جا ڪتاب
سمنڊ کي پڙهڻ لاءِ ڏئي ڇڏيا آهن
۽ هاڻ آئون بہ سچ جي سامهون بيهي
خدا کان اڳ جي لکيل تاريخ جا پنا پڙهڻ ٿو چاهيان
۽ پنهنجي هُجڻ جا وڏيڪ آثار ڳولهڻ ٿو چاهيان.

□

## هيل آئون ٻه توسان ئي گڏ جي وسڻ تو چاهيان..

هيل وسڻ جي مُند آهي
ٻڌو آ ته تون گهٽي وٺي آهين
گڏجي وسڻ جا ڏينهن ڪيڏا نه سُٺا هوندا آهن
پنهنجو پاڻ تي وسڻ
۽ پاڻ ۾ ئي پُسي وڃڻ
جيڪو هر ماڻهوءَ جي وس نه هوندو آهي
آئون توکان ڪجهه ڏينهن پهرين وٺو آهيان
۽ تو جيان ئي اڪيلو پُسيو آهيان

پنهنجي وسڻ جا ڏينهن ۽ راتيون هڪ جهڙا آهن
پنهنجي روئڻ ۽ کلڻ جا ڏينهن
الائي تہ ڪڏهن هڪ جهڙا ٿيندا
منهنجي اکين تي رکيل تنهنجا هٿ
۽ ڪنگر ڪلوٽو پاٽيءَ تي ڦوٽو واري راند
اڄ بہ مون سان گڏ ڊوڙي رهي آهي
تون ان راند ڪانپوءِ يڪي گم ٿي وئي آهين
آئون پنهنجي گهر ۾ ڀوت جون سپ گهٽيون
توکي ئي ڀُولهيندو رهيو آهيان
پاڙي جون پوڙهيون عورتون تنهنجو ڏس ڏيڻ کان اڳ
الائي ڇو ڏکي ويندي يون آهن
ايئن محسوس ٿيندو آهي
ڄڻ تہ آئون ڪنهن حملي آور لشڪر سان گڏ آيل هُجان
ڪيڏي نہ وقت جي بيرحم وارتا آهي
جو پروڪي پيل برسات ۾ گهرن جون ڇتون بہ
اڃان تائين روئي رهيون آهن
۽ آئون توکي ڀُولهي بہ ناهيان سگهيو
هيل وسڻ جي مُند ۾
آئون پنهنجي اکين تي رکيل تنهنجا هٿ
لاهي ڇڏڻ ٿو چاهيان
هيل آئون بہ توسان ئي گڏجي وسڻ ٿو چاهيان.

## هو منهنجي شاعريءَ جو قد ماپڻ چاهن ٿا....

هُنن وٽ ماپ جو معيار ڪجهه الڳ آهي
قد ۽ بُت جي ماپ ڪان
ڪپڙي ۽ ڪاٺ جي ماپ ڪان
هو معيار جي ماپ
سُتن ڪان وٺي انچن ۽ ڦٽن تائين ڪرڻ ٿا چاهن
هو واڌي جيان وڍي
ماڻهوءَ کي ڪاٺ بڻائي چڏڻ ٿا چاهن
هو جيڪي ارتقا جي واڌاري جو ٺيڪو
پنهنجن ئي هٿن ۾ کڻيو وينا آهن
هو چاهن ٿا ته ماڻهوءَ جي ماپ جيان
معيار جي به ماپ ٿيڻ کپي
هو چاهن ٿا ته خيالن جون ڪڙهون گهڙي
معيار جي ميدان ۾ ڪو وڏو ميل ڪرائجي

هُنن وٽ ماپ ڪرڻ جي لاءِ هڪ فُٽ اسڪيل آهي
جنهن سان هو شاعريءَ جو قد ماپڻ ٿا چاهن
هو مهارت جي دعويٰ ڪندي
اها بہ يقين ڏياني ڪرائي رهيا آهن تہ
اسان جي ڇاڙڪين سان ڪيل ماپ بہ
سُت برابر سوڙهي ناهي هوندي
هو منهنجي شاعري جي ماپ ڪرڻ ٿا چاهن
درياهہ ۾ سمنڊ سا نہ
وٽن ۾ پکين سا نہ
سج ۾ چنڊ سا نہ
ڌرتي ۾ آسمان سا نہ
پر هو ماپڻ ٿا چاهن منهنجي شاعريءَ کي
پاڻ کان وڏي ڦُٽن واري ڦيٿ سان
هو خود جيڪي پنهنجي قد ۾ بہ ڇامڙا آهن
سي چاهن ٿا تہ آئون پنهنجي شاعري جي ماپ
سندن فُٽ اسڪيل واري دُڪان تان ڪرايان
جت ڪيترن ئي شاعرين جي ورتل ماپ وارا ڪپڙا
اڃان تائين سبجي ناهن سگهيا
آئون پنهنجي شاعريءَ جا ڪپڙا لاهرائي
ڪيس اگهاڙو ڪرڻ نٿو چاهيان
آئون پنهنجي شاعريءَ جي اک تي پلڪار رکي
گول دنيا کي اڌ گول ۾ ڏسڻ نٿو چاهيان.

□

## خط جيڪو گهٽون اُداس آهي...

آئون پاڻ ڪي سگريٽ جيان ساڙي
رات ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئس
ڪاٺ جي پراڻي بينچ
جيڪا منهنجي اڪيلائيءَ کان گهڻي واقف آهي
چرس جي چلم پيئڻ ڪانپوءِ موسو موالي
ڪنگهہ سان واهجو نيا ڪندو آهي
اڄ سندس هٿ ۾ هڪ خط آهي
خط جيڪو ريلوي اسٽيشن تان ڪيس مليو آهي
خط جي شڪل تہ ميري ٿي چڪي آهي
پر خط جيڪو اڃان بہ ساهہ کڻي رهيو آهي

خط جيڪو ڪولڻ وقت به
اڪيون ڪولي ڏسڻ جهڙي حالت ۾ آهي
خط جيڪو عشق جي ڳولا ۾ نڪتل ماڻهوءَ جيڏو آهي
سندس حالت حادثاتي طور تي تہ زخمي ٿي چُڪي آهي
پر سندس لفظ ڪٽ به ٽيڙ نٿا ڪائن
خط جنهن ۾ محبت جو مينهن پريل آهي
جيڪو ڪنهن مهل به ماڻهوءَ مٿان وسي سگهي ٿو
خط جو پهريون پنون
محبوب ڏانهن اُماٽيل چميءَ جهڙو آهي
جنهن کي پڙهي پاڻ سان گڏ ڪيسي ۾ رکي سگهجي ٿو
خط جو ٻيو پنون
جيڪو پنهنجو پاڻ سان ڪيل گفتگو ۾ گُم ٿيل آهي
جنهن کي پڙهندي مانهو پاڻ به وڃائجي وڃي ٿو
خط جو آخري پنون
جيڪو گهڻون اُداس آهي
جنهن تي پڙهڻ وقت ئي روئي سگهجي ٿو
خط جنهن کي اڃان گهڻون سفر ڪرڻون هو
خط جيڪو ڪنهن جي انتظار ۾ آهي
خط جنهن مٿان ڪا به ايڊريس ناهي لکيل
خط جنهن کي
موسي موالي پنهنجي ڪنگهہ سان گڏي رکيو آهي
خط جيڪو اڄ به مون جيان
اُداس ريلوي اسٽيشن تي رلي رهيو آهي.

□

## آئون تو ۾ هڪ رات رهڻ جهڙو به ناهيان رهيو..!

سمنڊ جيڏي تنهائي
منهنجي پهرين پناهه گاهه آهي
آئون پاڻ مان ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ
تو ۾ لڪي به ناهيان سگهندو
آئون توکان وڇائجي
پاڻ ۾ ئي اڪيلو رهجي ويو آهيان
تو منهنجي وڇائجي وڃڻ تي
ڪڏهن به عشق جيڏو اشتهار ناهي ڇپرايو
مون فلڪيات جي ماهرن کان پُڇاءِ ڪئي آهي

تہ هيل آئون خساري مان ٻاهر نڪرڻ جھڙو ناهيان
منهنجي غير ازدواجي زندگيءَ ۾
تنهنجي هجڻ جا ڪٿ بہ نشان نٿا ملن
آئون پاڻ ان ڳالهہ تي پريشان آهيان
تہ هي دؤر جيڪو ماڻهن جي هٿ وس آ
ماڻهو جن پنهنجا الڳ خدا بہ ٺاهي ڇڏيا آهن
۽ آئون جيڪو توکي پنهنجو بہ ناهيان ٻڌائي سگهيو
مون روح جي رليءَ تي
ڪيتريون ئي راتيون روئندي گذاريون آهن
آئون جيڪو تو ۾
سوڙهو ٿي سُمهڻ جيتري بہ جاءِ ناهيان ٺاهي سگهيو
منهنجا ڏينهن گهر جي ٽٽل آرسيءَ جهڙا ٿي پيا آهن
جنهن ۾ خود کي بہ ثابت نٿو ڏسي سگهجي
آئون پنهنجي اُداس ڏينهن جا چهرا
توکي ڏيکارڻ جهڙو ناهيان رهيو
آئون هاڻ جيڪو تو ۾
هڪ رات رهڻ جهڙو بہ ناهيان رهيو..!

## آئون پاڻ کي ئي ڏسڻ ٿو چاهيان...!

مونکي اکيون ڪپڻ ٿيون
پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جي لاءِ
آئون جيڪو پاڻ کي به نظر نٿو اچان
منهنجو ذرو ذرو ٿي وڃڻ
منهنجي اکين جي نه هجڻ جو ڏوهه آ

مونکي اکيون ڪپڻ ٿيون
چنڊ کي ڏسڻ جي لاءِ
چنڊ جيڪو منهنجي رات ۾ ڪڏهن به ناهي اُڀريو
آئون سج گرهڻ جهڙا سال گذاري ٿڪجي پيو آهيان

مونکي اکيون ڪپڻ ٿيون
سمنڊ کي ڏسڻ جي لاءِ
سمنڊ جيڪو اداس عورتن جا ڳوڙها پي کارو ٿي ويو آهي
سمنڊ جيڪو ساحلن تي مٿو رکي روئي پوندو آهي

مونکي اکيون ڪپڻ ٿيون
اُن مُهاڻيءَ کي ڏسڻ جي لاءِ
جيڪا ٽيج وارو ٻار تنجڻ ۾ چڙهي شڪار تي ويندي آهي
جيڪا سڙهه جيان سڏي ٿي

درياهه جو ڏنگ ڪندي آهي
ريج ۾ لڳل مڇيءَ سان گڏ
ماڻس کي به پئي ڳُنن مان ڪيڻ جي ڪوشش ڪندي آهي

مونکي اکيون ڪپڻ ٿيون
رات ۾ مزدوريءَ تي نڪتل
اُن عورت کي ڏسڻ جي لاءِ
جنهن جو ماڻس اڌ رنگ جي بيماريءَ ۾ ورتل آهي
جنهن جا ٻار رات جو ماني نه ملڻ تي روئندا ناهن
جن جي گهر جي چُلهه وقت تي ٻرندي ناهي

مونکي اکيون ڪپڻ ٿيون
خُدا کي ڏسڻ جي لاءِ
خُدا جيڪو هاڻ ماڻهن کان گم ٿي ويو آهي
خُدا جيڪو پنهنجو گهر ڇڏي
آسمان جي ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي ويهي رهيو آهي
خُدا جيڪو هاڻ مونکان به پري ٿي ويو آهي

مونکي اکيون ڪپڻ ٿيون
پنهنجو پاڻ کي پڙهڻ جي لاءِ
آئون پنهنجي ئي اکين سان پاڻ تي ڪجهه لکڻ ٿو چاهيان
آئون پنهنجي ئي دنيا ۾
پنهنجي ئي اکين سان هلڻ ٿو چاهيان
آئون انڌو ٿي مري وڃڻ کان اڳ ۾ ئي
پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ ٿو چاهيان.....!

## آئون تو ۾ ٻُڏي وڃڻ جو ڀريون حمايتي آهيان...

آئون تنهنجي اکين مان
محبتن جي موسمن جي اڳڪٿي ڪري وٺندو آهيان
تنهنجون اکيون
جن ۾ مُحبتن جا ملائڪ ساهه کڻن ٿا
تنهنجون اکيون
جن ۾ زندگيءَ کي ٻوڙي ۽ تاري ٿو سگهجي
اُيرڻ ۽ لهڻ جو احساس
مون توکان ئي سکيو آهي
تون منهنجي اڏاوت جي ڀرين اوساري آهين
آئون توسان ئي مڪمل
۽ تو ۾ ئي ٻڌي وڃڻ ٿو چاهيان

زمانا تنھنجي ذيعارت ڪرڻ ڪانپوءِ ئي
خود ڪي حسين سڏرائڻ لڳن ٿا
تنھنجي اکين مونکي مُحبتن جا معراج ڪرايا آھن
آئون اھو خوش نصيب انسان آھيان
جنھن جو گھر تنھنجي ئي اکين ۾ آھي
آئون ان ڳالھہ تي حيران آھيان تہ
وقت تو اڳيان ئي پير پر بيٺل آھي
تون سونھن جو اھو سچ آھين
جنھن کي آئون پنھنجي شاعريءَ ۾ رکي روشن ٿيڻ ٿو چاھيان
سچ پڇين تہ مون ڪيترائي پيرا
تنھنجي عشق جو احرام ٻڌي
تنھنجي حُسن جو حج ڪيو آھي
تنھنجون اکيون پيار جي اُھا پيڙي آھن
جن ۾ چڙھي ستن ئي سمونڊن جو سير ڪري ٿو سگھجي
تنھنجون اکيون
جن مان مون پنھنجي بہ اڳڪٿي ڪري ورتي آھي
آئون تو ۾ ٻُڏي وڃڻ جو پھريون حمايتي آھيان
آئون مري وڃڻ ڪانپوءِ بہ تو ۾ ئي رھڻ ٿو چاھيان.

## ڌرتيءَ ۽ آسمان تائين وڪرو ٿي وڃڻ..!

هو چون ٿا ته
آئون زنده نه رهي سگهان
پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجي آسمان تي
منهنجا سيئي چنڊ ۽ تارا
منهنجي ٻُڪَپ ڪان اڳ ئي گُم ٿي وڃن
هو چون ٿا ته
منهنجي آواز کي اکيون نه هُجن
منهنجا ڪن ٻُڌڻ جي صلاحيتن ڪان سُن هجن
آئون آزاد صبح جي پيشاني کي چمي نه سگهان
هو چون ٿا ته

آئون پنهنجن نسلن کي
پنهنجن ئي هٿن سان نپوڙي ماري ڇڏيان
وجود جي بقا کي باهه ۾ اُڇلي
اُن مٿان پنهنجا هٿ ويهي سيڪيان
آئون پنهنجا ٻچا جوان ٿيڻ کان اڳ ئي ڪائي ڇڏيان
هو چون ٿا ته
نيلاميءَ جي منڊيءَ ۾
مونکي ضمير تائين وڪرو ٿيڻو پوندو
نسلن جي ڄمڻ ۽ مرڻ تائين وڪرو ٿيڻو پوندو
ڌرتيءَ ۽ آسمان تائين وڪرو ٿيڻو پوندو
صبح ۽ رات تائين وڪرو ٿيڻو پوندو
هو چون ٿا ته
آئون پنهنجن نظمن جي به نس بندي ڪرائي ڇڏيان
نظم جيڪي آئيندن جون اکيون هوندا آهن
نظم جيڪي جنگ ۾ سپاهي ٿي وڙهندا آهن
نظم جيڪي شاعريءَ جي ڪُک مان
ٻارن جيان ڄمي پوندا آهن
نظم جيڪي ماڻهن جي اکين جو خواب هوندا آهن
هو نٿا چاهن ته
آئون نظمن ۾ به زنده رهان
هو چاهن ٿا ته
آئون هاڻ ئي مري وڃان...

## مصور جي ڳولها ۾ .....

پاڻ مان مطمئن نہ هُئڻ جي ڪري
مون پاڻ کي ڪيترائي ڀيرا
ڪينواس تي چاڙهي ۽ ڀيهر هيٺ لاٿو آهي
آئون پنهنجي شڪل
پنهنجن ئي هٿن سان گهڙڻ ٿو چاهيان
ڪچن رنگن مان ٺهيل منهنجي پهرين شڪل
منهنجي معيار مطابق ناهي
آئون ڪلهہ ڪان ان مصور جي ڳولها ۾ آهيان

جيڪو منهنجي شڪل
پاڻ مرادو ناهي گم ٿي ويو آهي
مونکي پنهنجي شڪل مان
ڪيتريون ئي غلطيون درست ڪرائڻيون آهن
بنا نڪ جي به ڪو مُعاشري ۾ هلي ٿو سگهي ٿو...!؟
آئون پنهنجي اڻ مڪمل شڪل
ماڻهن اڳيان ڪٺي هلڻ نٿو چاهيان
مون ڪيترائي ڀيرا
اُن مصور سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي آهي
جيڪو بنا آڏر جي ئي ماڻهو ناهي ٿو ڇڏي.
مون پنهنجي اڌ نهيل شڪل کي
جڏهن به غور سان ڏٺو آهي
ته سندس عڪس مرد ۽ عورت جو بگڙيل جُزُ لڳو آهي
منهنجا خيال ڪدڙن جهڙا به ناهن
پر منهنجي شڪل عورت ۽ مرد کان مُختلف آهي
آئون پاڻ کي پيهر گهڙي ناهيان سگهيو
ڪينواس تان هيٺ ڪري پيل منهنجي تصوير
مصور جي ڳولها ۾ آهي
مصور جيڪو بنا آڏر جي ئي ماڻهو ناهي ٿو ڇڏي.

# اُگهاڙا خواب ....

ماڻهو آخر ڇو ڏسندا آهن اهڙا خواب
خواب جن جي شڪل
اُگهاڙين عورتن جهڙي هوندي آهي
خواب جن کي ڪپڙا ناهن پاتل هوندا
معاشري ۾ نہ هلڻ جهڙا خواب
ماڻهو پاڻ سان گڏ ڇو کڻي هلندا آهن
جسم فروشيءَ جهڙا خواب
پئسن تي گهرائي رات سُمهارڻ جهڙا خواب
ڪاڪٽيل ڪري پي ڇڏڻ جهڙا خواب
سگريٽ ساڙي دونهن ڪيڻ جهڙا خواب
الٽي مان پرجي وڃڻ جهڙا خواب
آخر ماڻهو ڇو ڏسندا آهن
وڏي عمر ۾ بہ نابالغ خواب
مصنوعي طاقت جهڙا خواب
گهٽا ڏئي ماري ڇڏيندڙ زوري زنا جهڙا خواب
پنهنجي ئي منهن تي ڏنل بُجي جهڙا خواب
مونکي هاڻ خوابن کان خوف ٿيڻ لڳو آهي
تہ ڪٿ اهڙا خواب
مونکي بہ اُگهاڙو نہ ڪري وجهن
آئون اهڙا خواب ڏسڻ نٿو چاهيان
جن کي سُٿڻ ئي پاتل نہ هجي
جيڪي پيدائش کان ئي اُگهاڙا هجن.

□

## ڳوٺ جيڪو هاڻ پوڙهو ٿي چڪو آهي

توڪانپوءِ ڳوٺ پوڙهو ٿي ويو آهي
سُڪل وڻن جا سڏ
پکين کي ٻُڌڻ ۾ نٿا اچن
هاڻ سهيليون ساٿ ڪري
درياهه تان پاڻي ڀرڻ ٻه ناهن وينديون
درياهه جيڪو توڪانپوءِ سوڪ جو شڪار ٿي ويو آهي
ڳوٺ جي پوڙهين دائين جا هٿ ٻه هاڻ
ناڙ وڍڻ جهڙا ناهن رهيا
زندگي ۽ موت هڪ ٻي جي ويجهو اچي بيٺا آهن
ڳوٺ جنهن جي مُرڪ هاڻ مُساڳن جهڙي ناهي رهي
ڳوٺ جنهن جي سانجهه سڄي جهڙي لڳندي هئي
ڳوٺ جيڪو هاڻ ڦُليءَ جهڙو ناهي رهيو
ڳوٺ جنهن ۾ هاڻي گل ناهن ٽڙندا
ڳوٺ جنهن ۾ پوپٽ نظر ناهن ايندا
ڳوٺ جيڪو تو جيان جوان هو
ڳوٺ جيڪو هاڻ پوڙهو ٿي چُڪو آهي
ڳوٺ جيڪو سالن کان سُتو ناهي
ڳوٺ جنهن جي اکين خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن
ڳوٺ جنهن تي هاڻ ڪا ٻه بارش وسڻ ناهي ايندي
ڳوٺ جنهن جون اکيون بارش جهڙيون ٿي پيون آهن.

□

## تون ڪٿي آهين ...! ؟

تون ڪٿي آهين
آئون پنهنجي افراتفري مان
هاڻ واندو ٿي چُڪو آهيان
آئون پنهنجي واندڪائي
توساڻ ئي وندرائڻ ٿو چاهيان
سج نيزي برابر اچي وڃڻ ڪان اڳ ۾
آئون انهن آسمان ڏسڻ ٿو چاهيان
دريافت جي نئين ٿيوري لکڻ وقت

مونکي تنهنجي ضرورت پوندي
زميني حالتن کان تون گهٽ واقف آهين
۽ آسماني ڪتابن جا پنا
ڪجهه هاڻ مون به پڙهڻ شروع ڪيا آهن
آئون تاريخ جو سڀ کان وڏو ڪتاب
توکان بغير ڪڏهن به لکي نٿو سگهان
دنيا جي ويڙهجي وڃڻ جي ڳالهه
تون سمنڊ کان مونکي پُڇي ڏي
تيسين آئون به انهين آسمان جا آثار
مذهبن جي پوريل مٽيءَ مان کوٽي ٻاهر ڪڍي ٿو اچان
پنهنجي ڪتاب جا موضوع
ماڻهن جي عمر کان الاهي وڏا آهن
ان ڪري آئون پنهنجي ڪتاب جا سمورا باب
اڳواٽ ئي توکي پڙهائي ڇڏڻ ٿو چاهيان
تون منهنجي ڪتاب جي پهرين گواهه آهين
ڪتاب جيڪو آئون توکي ئي منسوب ڪرڻ ٿو چاهيان
ڪتاب جنهن جا پنا آسماني ته ناهن
پر تنهنجي اکين جيان آساني سان پڙهي ٿا سگهجن.

## هُن جا ڪافر سوال ...!

چا خُدا ڪائنات کان بہ عمر ۾ وڏو آهي..! ؟
هُن جا دهرين جهڙا سوال
مونکان هاڻ سنڀاليا نٿا ٿين
آئون جيڪو پنهنجي جمر جي تاريخ جو پنون بہ
پاڻ کان وڃايو ويٺو آهيان
هوءَ جيڪا آدم جو اولاد سڏرائڻ کان پهرين
حوا جي ڌيءَ هجڻ جا دليل پيچڻ لڳندي آهي
آئون هن جي ڪافر سوالن کي آخر ڪٿي لڪايان
هوءَ جيڪا مذهبن جي روايتي رب کي
ميڄڻ لاءِ تيار ئي ناهي
سندس سوال صليبن تي چاڙهي تہ سگهجن ٿا
پر سندس جوابن جي اُميد کي ماري نٿو سگهجي
هوءَ مٽيءَ مان ٺهيل ماڻهو تي
دنيا جيڏو ناول لکڻ ٿي چاهي
آئون هُن جي ڪوجنا مان گهڻون خوفزده آهيان
تہ ڪٿ هوءَ خُدا سان پهرين ملاقات ۾
ڪائنات جي وڏي هُجڻ جو ڊگهو بحث نہ ڪري وجهي.!

□

## ڪٿ توکان بہ ڪجھہ وڃائجي تہ ڪونہَ ويو آهي!؟

آئون تو مان اُڏامي الائي ڪٿي ڪري پيو آهيان
وڻ گل پوپٽ ۽ پکي
منهنجي لاش تي اُداس بيٺا آهن
آئون پنهنجون اڏ ڪليل اکيون
تنهنجي ئي انتظار جي حوالي ڪريو پيو وڃان
منهنجو تو مان مري وڃڻ ئي
منهنجو سڀ کان وڏو نقصان آهي
پاڻ عمر جا ارڙهان سال
اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ئي گذاريا هئا
تون مونکان چاليھہ چنڊ وڏي هُئينءَ
تنهنجي جواني جو جهنگ
مونکان اڳ گهاٽو ٿي چڪو هو
مون ڪيترا ئي پيرا تو ۾
عشق جا آکيرا اڏڻ جي ڪوشش ڪئي هئي
پر هر پيري تو پنهنجن ڏينهن جا ڏار ڇانگي ڇڏيا
۽ آئون اُس ۾ اڪيلو ئي رهجي ٿي ويس
پاڻ کي پناھہ ڏيارڻ لاءِ
مون ڪيڏا نہ تولئي پنڌ ڪيا آهن
ڳوٺ جيڪو تنهنجي ڪل تي ئي ڪلي ڪيرو ٿي پوندو هو
سو اڄ ڪيڏو نہ اُداس ٿي پيو آهي
ڪٿ مون جيان
توکان بہ ڪجھہ وڃائجي تہ ڪو نہ ويو آهي....!؟

□

## وڪرو ٿيندڙ نظم

آئون جڏهن به
شاعريءَ جي منڊيءَ ۾
پنهنجا نظم وڪرو ڪرڻ ويندو آهيان
ته سڀ ڪان پهرين
توتي ئي لڪيل منهنجا نظم
بنا واڪ جي ئي وڪرو ٿي ويندا آهن
نظمن جي پگهر جي پئسن مان
آئون ڪچو گهر به ناهيان ٺاهرائي سگهيو
منهنجا نظم
روز طوائفن جيان وڪرو ٿين ٿا
منهنجا نظم
جن وٽ پنهنجو گهر به ناهي.

## جنگ جون اکيون

امان جنگ جون اکيون ڪھڙيون ٿينديون آھن
پُٽ جنگ جون اکيون ڳاڙھيون ٿينديون آھن
امان اسانجون اکيون آسمان جھڙيون آھن
۽ جنگ جون اکيون ڇو ڳاڙھيون آھن...!؟
پُٽ جنگ ماڻھو کائيندي آھي
ان ڪري جنگ جون اکيون ڳاڙھيون ٿينديون آھن
امان بک جون اکيون ڪھڙيون ٿينديون آھن
پُٽ بُک جون اکيون سُڪي ڏرا ڏئي ويل ٿينديون آھن
جيڪي ماڻھن کي گھٽ نظر اينديون آھن
امان بُک ماڻھو ڪونَ کائيندي آھي ڇا...!!؟
پٽ بُک بہ ماڻھو ئي کائيندي آھي
امان جنگ ماڻھو کائيندي آھي تہ
ان جون اکيون ڳاڙھيون ٿي وينديون آھن
۽ بک ماڻھو کائيندي آھي تہ
ان جون اکيون ڏرا ڏئي اندر گھڙي وينديون آھن
امان جي آئون بُک ۽ جنگ کي گڏي کائي ڇڏيان
تہ پوءِ منھنجون بہ اکيون ڳاڙھيون ٿي وينديون..! ؟

□

## مونکي پنهنجو ڪري وڇ ....

مون پنهنجي سيني موسمن ۾
توکي ئي پوکي ڇڏيو آهي
هن وقت جهڙالن جي گهاٽي موسم پئي هلي
آئون پنهنجون پريل اکيون به
پاڻ مٿان ئي وسايو ويٺو آهيان
دل جي دڙائي جا ڏينهن به هاڻ
غم جو وڏو گاهه مورائي ويا آهن
هيل ته ساهن جا سلا به اڃي سُڪڻ تي پهتا آهن
آئون تنهنجي چاهه جي چونڊي مان
ڪٿ ڪري ته نه پيو آهيان..!؟
منهنجي ٻانهن جي ٻارين ۾ ڪيترائي خال ٿي پيا آهن
اڄ منهنجي روح ۾ رُونبو ڪري وڇ
۽ مونکي پنهنجو ڪري وڇ.

## ڇا اهو معجزو گهٽ آهي..! ؟

ماڻهو هڪ ٻي جي لاءِ ڇو پيدا ٿيندا آهن
اهو اندازو آئون
توکي ڏسڻ ڪانپوءِ ئي لڳائي سگهندو آهيان تہ
تنهنجو هن دنيا ۾ پيدا ٿيڻ ئي
خوبصورتيءَ جي لاءِ هڪ اهڙو اعزاز آهي
جنهن جي گواهي خوشبوءِ سان ڀريل گلن ڪانسواءِ
ڪو ڏئي بہ نٿو سگهي
پاڻ ٻنهي جو هڪ ٻي سان گڏجڻ
ڏينهن کان وڌيڪ رات کي روشن ڪرڻ جي برابر آهي
مونکي تنهنجي حسين هئڻ جا آثار
تنهنجي اکين جي ادائن مان ئي نظر اچي ويندا آهن
مون تنهنجي تعريف جي تحريرن کي

هن صديءَ جو سڀ ڪان وڏو سچ ڪرار ڏئي ڇڏيو آهي
پنهنجو هن دنيا ۾ هڪ ٻي جي لاءِ جمڻ
عشق جي اهميت کي
اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي
آئون تنهنجي پيار جو پاند جهلي
دنيا جو ڪو بہ درياهہ اُڪري سگهان ٿو
مونکي اها پڪ آهي تہ
تون تاريخ جي سڀ کان وڏي سونهن آهين
جيڪڏهن ماڻهو توکي مون جيان
دل جي اکين سان ڏسي وٺن ها تہ
شايد منهنجو تو تائين پهچڻ
ڪيڏو نہ مشڪل ٿي پوي ها
هاڻ آئون تنهنجن اکين ۾
پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ڏسي
هڪ وڏي اطمينان ۾ اچي ويو آهيان
مون رات جي تاريڪن ۾ بہ تنهنجي حُسن جا تجلا ڏٺا آهن
جن کي بيان ڪندي
مونکي وڏيڪ فخر محسوس ٿيندو آهي
ڇا اهو معجزو گهٽ آهي..!؟
جو توکي ڏسڻ ڪانپوءِ
مونکان ڏيئا ٻارڻ ٿي وسري ويندا آهن.

## مون کي ماڻهو ان ڪري ناهن وڻندا..!

مونکي رستا ان ڪري وڻندا آهن
جو اُهي منزل طرف وٺي ويندا آهن
منزل جيڪا ماڻهو جو
سڀ کان وڏو مقصد هوندي آهي
مونکي درياه ان ڪري وڻندا آهن
جو اُهي سمنڊ کي مٺو ڪرڻ جي لاءِ
مسلسل ئي وهندا رهن ٿا
پر پنهنجي تاثير ۾ ڪارائتا ناهن آٿيندا
مونکي گل ان ڪري وڻندا آهن
جو اُهي پنهنجي عمر کان وڌيڪ

خوشبوءِ ڇڏي ويندا آهن
خوشبوءِ جيڪا مُئل ماڻهوءَ کي بہ
معطر ڪري ڇڏيندي آهي
مونکي پکي ان ڪري وڻندا آهن
جو وڻ سندن ٻوليون ٻُڌي ساوا ٿي پوندا آهن
۽ سندن آکيرن کي هڪ ڇانو جيڏو وطن ملي پوندو آهي
مونکي نانگ ان ڪري وڻندا آهن
جو سندن ڏنگ زهر کي ذرو بہ ضايع ناهي ڪندو
مونکي ڪُتا ان ڪري وڻندا آهن
جو رات جو حملا آور قافلن کي ڏسي ڀونڪندا آهن
سُتلن کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن
۽ چنڊ کي ڀونڊا ڏيندڙ ماڻهن مٿان ٽنگ کڻي مُتندا آهن
مونکي ماڻهو ان ڪري ناهن وڻندا
جو هاڻ اُنهن بہ مڇين جيان
هڪ ٻي کي کائڻ شروع ڪيو آهي
جيڪي هاڻ پنهنجو پاڻ ۾ ڏپ ڪري ويا آهن
آئون ان ڳالهہ جي تهہ تائين پهتو آهيان تہ
هڪ ٻي کي کائڻ کان بهتر آهي تہ
هڪ ٻي کان ئي ڌار ٿي وڃجي.
□

## آئون توکي ڪجھہ اھڙا گيت ڏئي وڃڻ ٿو چاھيان...

آئون تنھنجي لاءِ گيت لکي ٿو وڃان
درياھ جي وهڪري جھڙا
جيڪي سُڪل ٻيلن کي ٻہ سائو ڪريو ٿا ڇڏين
۽ سمنڊ سان ملي سمنڊ ٿي وڃڻ ٿا چاھن

آئون تنھنجي لاءِ اھڙا گيت لکي ٿو وڃان
جيڪي رات ۾ ٻہ ٻرڻ جو هُنر ٿا رکن
جن کي پنھنجي گوڙ ۽ پنھنجا تجلا آھن
جن وٽ پنھنجا ڏينھن ۽ پنھنجا مينھن آھن
جيڪي ڪنھن ٻہ مُند ۾ ماڻھن مٿان وسي ٿا سگھن

آئون تنھنجي لاءِ ڪجھہ اھڙا ٻہ گيت لکي ٿو وڃان
جن جي شڪل هوبهو ماڻھن جھڙي آھي
ٻُڪ ۾ پِها ٿي ويل نسلن جھڙي آھي
هڪ ٻي کي سڏي پِر ۾ ويهاري روئڻ جھڙي آھي
ذرو ذرو ٿي مري وڃڻ جھڙي آھي
ٻُوڙھن مان پِريل اکين جي پُسيل پاندن جھڙي آھي
ماءُ جي سُڪي ويل ٿڃ اڳيان ٻاڪاريندڙ ٻارن جھڙي آھي

صُبح ڪان وٺي رات ٿي وڃڻ تائين
پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪرڻ جهڙي آهي

آئون اهڙا گيت توکي ڏئي ٿو وڃان
جن جو آواز ڌرتيءَ سان ملندڙ آهي
جن جي غيرت ڪڏهن بہ مرڻي ناهي
جن ۾ مردن جو قد جبلن جي چوٽين جيڏو آهي
جيڪي زندگي ۽ موت کي پاڻ سان گڏ کڻي ٿا هلن
جن کي ٻُڌندي ئي ماڻهن جا چهرا مُرڪيو ٿا پون
جن جا حوصلا ڳاڙهي اک جي خوابن جهڙا آهن
جن اندر طبل وڄندي محسوس ٿا ٿين
جن کي فتح ڪيل وطن جيڏو اعزاز حاصل آهي

مون تنهنجي لاءِ اهڙا ئي گيت لکي رکيا آهن
جن کي باغين جون عورتون چُميون ڏئي
پاڻ وٽ سنڀالي رکنديون آهن
جيڪي جنگ جي ميدان ۾ تلوارون ٿي وڙهندا آهن
جن ۾ واپس پڇي اچڻ جو ڪو بہ گس کُليل ناهي
جن جي للڪار دنيا کي ڌوڏڻ لاءِ ڪافي آهي
جن سان صرف آزاد ديس جا سپاهي ئي محبت ڪري ڄاڻن ٿا
جن کي مائرن پنهنجن ٻارن جي لولي ٻڌائي ڇڏيو آهي
جن جي گونج هاڻ گهرن کان ٻاهر نڪري
شهرن تائين پُڄي چُڪي آهي

آئون توکي ڪجهہ اهڙا ئي گيت ڏئي وڃڻ ٿو چاهيان
جن ۾ تون هميشہ پنهنجو پاڻ کي زندهہ ڏسندي رهين

جن سان پکي تہ ڇا پر
ماڻهو بہ پنهنجن خيالن جا پر ڪولي اُڏامي سگهن
جن جو آواز ڏنارن جي اُن سينڌ جهڙو آهي
جن جي پويان ڏٽن جا ڏڻ هلي ٿا سگهن
جيڪي درياهہ تہ ڇا پر سمنڊ بہ اُڪري ٿا سگهن

آئون توسان ڪجهہ اهڙا ئي گيت منسوب ڪرڻ ٿو چاهيان
جن ڪي ڏيئن جهڙيون اکيون آهن
جيڪي رات ٻرئي ٻرڻ ٿا چاهن
جن ٻ ڏينهن هجڻ جو ڇهرو ڏسي ٿو سگهجي
جن ڪي هاڻ وقت جو
ڪو بہ ڪارو طوفان وسائي نٿو سگهي.

## مونکي تون ياد اچي ويندي آهين..!

سمنڊ ۾ ٻُڏندڙ ٻيڙا ڏسي
آئون اڪثر حيرت ۾ اچي ويندو هئس
اُن وقت سمنڊ جي گهرائي جو اندازو لڳائڻ
منهنجي وس جي ڳالهہ نہ هئي
سمنڊ جنهن جي گهرائي ۾
روز ڪيترائي ٻيڙا ٻُڏي ٿا وڃن
۽ زميني زلزلا جيڪي
وڏين عمارتن کي بہ لوڏي وجهندا آهن
اکين ڏٺا حادثا بيان ڪندي
مونکي ڪو بہ خوف ناهي ٿيندو
پاڻ سان ٿيل حادثن جا قصا

آئون آخر ڪنهن کي ٻڌايان
محبتن کان خالي ٿي ويل ماڻهو
ان ڳالهه تي يقين به ڪندا الائي نه
ته عشق جي عمارتن کي
توکان سواءِ ٻيو ڪير لوڏي ئي نٿو سگهي
آئون اهو دعويٰ سان ٿو چوان ته
تون پنهنجي حُسن سان ماڻهن کي ته ڇا
پر پوري دنيا کي لوڏي ٿي سگهين
آئون جيڪو تو ۾
ساهه ڪڻ سميت ئي وڃائجي ويو آهيان
سمنڊ جي گهرائي کان وڏيڪ
مونکي تنهنجي پيار جي گهرائي گم ڪري ڇڏيو آهي
جنهن ۾ ٻُڏي ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ به
آئون واپس ئي تو ۾ ٻُڏڻ چاهيندو آهيان
هاڻ جڏهن به ڪو مونکان
گهرائي جي باري ۾ پُڇندو آهي
ته مونکان سمنڊ وسري ويندو آهي
۽ مونکي تون ياد اچي ويندي آهين.

## آئون جيڪو توکي پاڻ مان ٻہ وڇايو ويٺو آهيان..!

آئون جيڪو توکي
پنهنجن هٿن جي لڪيرن مان ٻہ
وڃايو ويٺو آهيان
مون پنهنجا هٿ
پيار جي پڙهندڙن کي ڪيترائي ڀيرا ڏيکاريا آهن
پر تنهنجي هجڻ جا اطلاع
منهنجي هٿن جي ڪنهن بہ لڪير مان
مونکي ناهن ملي سگهيا
ڪيترن ئي محبتن جي ماهرن کان
مون توکي پنهنجي اکين ۾ بہ ڳولهرايو آهي
پر تنهنجي هجڻ جي ڪا بہ نشاني
مونکي مون منجهان ناهي ملي سگهي
آئون پاڻ مان تنهنجي وڃائجي وڃڻ کي
نينهن جي نعمتن جي وڏي کوٽ ٿو سمجهان

هٿن تي نڪتل سمورين لڪيرن مان
تنهنجو الائي ته ڪيڏانهن نڪري وڃڻ
منهنجن حواسن کان حوصلو کسي ورتو آهي
هاڻ منهنجا هٿ
جيڪي لڪيرون ڏسڻ وقت به ڏکڻ لڳندا آهن
آئون پنهنجي هٿن جي لڪيرن ۾
تنهنجي نه هُجڻ جو ڏوهه
آخر خدا کي به ڪيئن ڏيان
جنهن توکي منهنجن هٿن جي لڪيرن کان اڳ ۾
ڪنهن ٻئي جي زندگيءَ جي
هٿ لڪيرن ۾ ته ناهي لکي ڇڏيو...!!؟
آئون جيڪو روز چاڪو جي ڇهنب سان
ڌهندڙ لڪيرن کي وڏائي وڏو ڪندو رهان ٿو
هٿن جي لڪيرن جي وهندڙ رت مان
تنهنجي نالي جهڙي شڪل به ناهي ٺهي سگهي
مون مان تنهنجي وڃائجي وڃڻ جو خوف
اجان تائين ختم ناهي ٿي سگهيو
آئون هاڻ هر روز توکي
پنهنجن هٿن جي لڪيرن ۾ ڳولي
ٿڪجي پوڻ کانپوءِ به
پاڻ سان ملندڙ ماڻهن جي
هٿن جي لڪيرن ۾ ئي ڳولهيندو رهان ٿو.

□

## برسات ۾ پُسيل ماچيس جهڙو ماڻهو..!

هو اڪثر مونکي
حڪيمن جي دُڪانن تي ئي نظر ايندو آهي
جڙين ٻوٽين جي نالن جون پرچيون
۽ اخبارن ۾ ڇپيل مردانه ڪمزوريءَ جا اشتهار
سندس کيسن کي ڀريو ويٺا هوندا آهن
هو اڪثر
پوڙهين عورتن جو ذڪر ٻُڌي خوش ٿيندو آهي
پر پنهنجي جوان گهر واريءَ سان ڪاوڙ ۾ ڳالهائيندي
اڳيان رکيل ماني کي به ڪٽي اڇلائي ڇڏيندو آهي
هو برسات ۾ پُسيل ماچيس جهڙو ماڻهو
جيڪو هاڻ سگريٽ دُڪائڻ جهڙو به ناهي رهيو
هو جيڪو پنهنجي روح تي روغن هارڻ جي لاءِ
ڪيترن ئي حڪيمن سان هم ڪلام ٿي چُڪو آهي
حڪيمن جي حوالي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ
عورت جي اک مان مرد مري ويندو آهي
هو جيڪو هاڻ پيريءَ جون پُسيل تيليون

ڏينهن جي ڏندن ۾ هٽڻ جهڙو به ناهي رهيو
روز رات جو پُنِي ڏئي سمهڻ
سندس ڪيترن ئي سالن جا محاورا ظاهر ڪرڻ لڳو آهي
هڪ ئي پاسي تي زندگي گذارڻ
سندس جوان زال جي اکين کان ننڊ کسي ورتي آهي
پٽ جي ٻاهران اُڇيل پٿر جو آواز به
سندس ٻُرن ڪنن کان لڪي ويندو آهي
هو صُبح جو روز اُٿي
پاڙي جي جوان ڇوڪرن کي
پنهنجي گهر جي پٽن جي سوراخن مان
شڪ جي نگاهه سان ڏسڻ لڳندو آهي
۽ وڏي وات گاريون ڏئي
پنهنجن ئي هٿن سان
پٽن جا سمورا سوراخ بند ڪري ڇڏيندو آهي
هُن هاڻ حڪيمن جي دُڪانن تي وڃڻ ڇڏي ڏنون آهي
۽ اخبارن مان مردانه ڪمزوري جا
اشتهار به ڪٽڻ ڪيس وسري ويا آهن
هو جيڪو هاڻ ڪيسن سان گڏ پاڻ به خالي ٿي چُڪو آهي
هو جيڪو هاڻ هر روز
پنهنجي گهر جي پٽ مان ٿيل سوراخ کي بند ڪري
گاريون ڏيڻ ۾ ئي مصروف رهندو آهي
۽ هڪ نئين ٿيندڙ پٽ جي سوراخ تي سوچڻ لڳندو آهي.

□

# چنڊ جنهن تي روز ڪُتا گڏجي ڀونڪندا آهن ..!

هو ننڍا چاهن تہ تون آسمان تي هُجين
هو جيڪي تنهنجي اوچائي ڪان سڙن ٿا
سندن باهوڙسان
روز رات جو منهنجي ننڊ ۾ خلل پوندو آهي
آئون ڪُتن جي ڀونڪ ٻُڌي
رات کي ڀونڊا ڏيڻ لڳندو آهيان
رات جيڪا ڪُتن سان گڏجي
ڪيترن ئي ماڻهن جي ننڊ خراب ڪري ڇڏيندي آهي
مون ڪيترن ئي نسلن جا ڪُتا
تو مٿان ڀونڪندي ڏٺا آهن
پر تنهنجي روشنيءَ تي ڪو بہ فرق ناهي پيو
تون جيڪو آسمان تي هوندي بہ
ڌرتيءَ کي روشن رکيو بيٺو آهين
اها ساک ستارا بہ ڏيندا تہ
ڪيترن ئي سالن کان وٺي
روز رات جو تو مٿان ڪيڏونہ باهيو ويو آهي
نيئرن ۾ بدّل ڪُتن ڪان وٺي
ڳوٺن ۽ شهرن جي رولو ڪُتن تائين
پر پوءِ بہ تنهنجي چاندوڪيءَ کي بہ ڏاڙهي ناهن سگهيا
تو مٿان ڪُتن جون اُلرون ڏسي
مونکي حيرت ٿيندي آهي تہ
ڇا ڪُتن جي ڀونڪڻ سان
چنڊ آسمان ۾ اُپرڻ ڇڏي ڏيندو..!؟
چنڊ جيڪو ڌرتيءَ کي آسمان تان بيهي ڏسندو آهي
۽ ڪُتا جيڪي زمين تي بيهي.
روز رات جو آسمان جي چنڊ تي گڏجي ڀونڪندا آهن .

## زبان جيڪا گهٽون ڪجهہ ڳالهائڻ تي چاهي ..!

هُنن ڪي منهنجي زبان تي ڪو بہ ڀروسو ناهي رهيو
ڪيترائي ڀيرا
پنهنجو پاڻ کي عذاب ۾ اڇلائيندڙ زبان
مون سان بہ ڪاوڙ ۾ مخاطب ٿيڻ لڳندي آهي
آئون وات تي هٿ رکي
ڪيس پاڻ ۾ پوري بہ ڇڏيندو آهيان
پر زبان جيڪا واڇن مان وهي گگون ڳاڙهيندي بہ
ڪيترين ئي ڳالهيون ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪندي آهي
مون زبان جا ذائقہ متائڻ جي لاءِ
ڪافي طريقا بہ استعمال ڪيا آهن
ڪيترن ئي بورچيخانن ۾

ڪيس وٽي وڃي طعام بہ چڪرايا آهن
پر سندس ذائقو اڄ تائين تبديل ناهي ٿي سگهيو
زبان جيڪا زمانن جا داستان بيان ڪرڻ ٿي چاهي
زبان جنهن جي ٻوليءَ ۾
سچ جو سج اکين جي سامهون بيٺل ٿو نظر اچي
جنهن کي برداش ڪرڻ جي لاءِ
مونکي ڪيترين ئي قيامتن مان گذرڻو ٿو پوي
سندس ڳالهيون ايتريون تہ ڪاريون آهن جو
خلق جا خُدا بہ کين ڪائيندي ئي ڪارا ٿيو پون ٿا
زبان جنهن ۾ ڪاراڻ جو ذائقو ڪجھہ زياده ئي وڌو ويو آهي
زبان جيڪا هاڻ منهنجي وس ۾ بہ ناهي رهي
زبان جيڪا صالح آخوند جيان
قتل ٿيڻ جا قصا ورجائي رهي آهي
زبان جيڪا رت ڳاڙائي زخمي ٿيڻ کان بہ نٿي ڊڄي
زبان جيڪا سُتل ماڻهن کي وڏا سڏ ڪري اٿارڻ ٿي چاهي
زبان جيڪا
زندگيءَ جا چڳيل زخم چٽي سُڪائڻ ٿي چاهي
زبان جيڪا
وات مان ٻاهر نڪري گهٽون ڪجھہ ڳالهائڻ ٿي چاهي.

## آئون ۽ وقت جو ڪريل گهڙيال ..!

آئون ۽ وقت هڪ ٻي ڪان وڇائجي ويا آهيون
منهنجون ۽ وقت جون
بي ترتيبيون ٻه هڪ جهڙيون ئي آهن
ڪريل گهڙيال جيان هوندي ٻه
مون پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن ٻه  پٽ تي ناهي اڇلايو
اڇلائجي وڇڙ ڪانپوءِ شئين جي اهميت ناهي رهندي
اڇلائجي وڇڙ ڪانپوءِ
پيهر پنهنجو پاڻ کي واپس ڪٽڻ ٻه مُشڪل ٿي پوندو آهي
ان احساس مونکي پاڻ ۾ هڪ ئي جاءِ تي بيهاري ڇڏيو آهي
وقت منهنجي پويان
يا آئون وقت جي پويان هلي رهيو آهيان
اهو اندازو آئون اڃان تائين ناهيان لڳائي سگهيو
اسان ٻنهي جي ٻولها هڪ جهڙي ئي آهي
اسان جون شڪلون الڳ هوندي ٻه

اسانجون عادتون هڪ جهڙيون ئي آهن
وقت جيڪو گهنٽا گهر جي ٽاور ۾ ٽنگيو ئي بيٺو آهي
جنهن اندر ڪيترن ئي پکين آکيرا ٺاهي
پنهنجا نسل وڌايا آهن
پر سندس حالت اها ئي ساڳي هلڻ جهڙي به ناهي
وقت جيڪو بيهي رهڻ کانپوءِ
مونکي مون جهڙو ئي لڳي رهيو آهي
آئون جيڪو هاڻ
تلڪ چاڙهيءَ جون چاڙيون به چڙهي نٿو سگهان
اسان ٻنهي جو هڪ ٻي کان وڃائجي وڃڻ
يا هڪ ٻي سان گڏجڻ
ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ ڪو به نقصان ڪار ناهي
ماڻهو جيڪي گاڏين جي رفتار جيان هلي رهيا آهن
ماڻهو جيڪي ايرندڙسج سان گڏ اڀري رهيا آهن
۽ لهندڙسج کي سامهون ڏسي واپس وري رهيا آهن
ماڻهو جيڪي وقت جي ڪريل گهڙيال کان
۽ مونکان ڪافي مختلف آهن
ماڻهو جيڪي ساهه کڻڻ وقت به جيئرا لڳن ٿا
ماڻهو جيڪي هڪ ئي جاءِ تي ڪڏهن به نٿا بيهن
مون ۾ وقت جي ڪريل گهڙيال جيان...

## رسمن جي رسي ۾ ٻڌل ماڻهو..!

پاڻ رسمن جي رسي ۾ اهڙو تہ ٻڌجي وياسين
جو هاڻ هڪ ٻي ڪي
ياد ڪرڻ جهڙا بہ ناهيون رهيا
مُحبت جيڪا مجبوريءَ جي پوريل مُٺ ۾
گهٽن ڏينهن ڪان وٺي
گُهٽجي ساهہ ڪڻڻ جهڙي ئي مس وڃي بچي آهي
آئون پنهنجي شادي جا ڏينهن
هٿن تي لڳل ميندي بنا ئي گُذاري رهيو آهيان
۽ تون جيڪا پنهنجي نڌيڙ جي تو پيل نڪ ۾
اڃان تائين سوني ڦُلي بہ پائي ناهين سگهي
پاڻ ٻنهن جا وڇوڙا
وصل جي واٽ تي سڌي منهن سڙي رهيا آهن
پنهنجون محبتون هڪ جهڙيون هئڻ سان گڏ
پنهنجا ڏُک بہ ساڳيا آهن
تو ستين سال ڪانپوءِ

چاول پنهنجي پهريئين پُٽ جو نالو بہ
منهنجي ئي شاعريءَ مان ڳولهي رکيو آهي
۽ آئون پنهنجي ڌيءَ تي پنهنجي ئي مرضيءَ سان
نالي رکڻ جيترو حق بہ ناهيان رکي سگهيو
آئون امان جي وڏل پوتيءَ جي پاند ڪي
اڄ بہ زندگيءَ جي ڳچيءَ ۾ ويڙهيو وتان
۽ تو پيءُ جو پٽڪو ڪرڻ ڪان بچائيندي
پاڻ ڪي ٻاهه ۾ اُڇلائي ڇڏيو
مون پنهنجي ماٺ مان ڏکن جا ڏلها ڀري رکيا آهن
جيڪي روز پنهنجي ٻارن جيان وڏي وڏا ٿي رهيا آهن
ڪاغذن جي لڪت ۾ هڪ ٻي جو ٿي وڃڻ
۽ روح ڪان الڳ ٿي جسمن تي ٻيهي رهڻ
اهڙو سور مون رات بہ روئندي پنهنجي اکين سان اوريو آهي
آلين ڪائين ڪي ٻاري گُهٽجي مرڻ جهڙا ڏينهن
تو مٿان بہ لٿل آهن
تہ مون مٿان بہ لٿل آهن
تون پنهنجي مڙهيل مُڙس سان
ڪيترائي ڀيرا اکيون پوري سُتي آهين
اهو اندازو مونکي
تنهنجي پُٽ جي اکين مان ئي لڳائڻو آهي
جنهن جي شڪل ماٺهن موجب مون تي ئي وئي آهي
آئون پنهنجي ڌيءَ ۾ تہ توکي ڏسي ناهيان سگهيو
پر آئون تنهنجي پُٽ ۾ پاڻ ڪي ضرور ڏسڻ ٿو چاهيان.

□

## شهر جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ ئي مري ويو آهي..!

خود ۾ مري ويل ماڻهن کي ڳولهيندي
آئون پنهنجو پاڻ وٽ اچي بيهي رهيو آهيان
شهر جيڪو مُردن مان پريو پيو آهي
لاشن جي ڳٽپ مونکي ٽڪائي وڌو آ
ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ ئي
مئا ۽ پوريا پيا آهن
پيرن سان هلڻ ۽ اکين سان ڏسڻ
ماڻهو جي زنده هُئڻ لاءِ ڪافي ناهي
دڪانن جي درن جيان
دلين تائين بند ٿي وڃڻ
موت جي پهرين نشاني آهي
اهڙا آثار مونکي
شهر جي ماڻهن جي اکين ۾ اڪثر نظر آيا آهن
شهر جيڪو ماڻهن جو اجتمائي قبرستان ٿي ويو آهي
ڪفن جي ڪنڍن کان ٻه ٻاهر نڪري آيل ماڻهو
شڪل ۾ هوبهو مون جهڙو ئي آهي
ماڻهو پنهنجن ئي ڪلهن تي پنهنجو لاش
آخر ڪيئن ٿا کڻي هلن...!؟
آئون لاشن جي ڳٽپ جا انگ اکر گڏ ڪندي
پنهنجو پاڻ وٽ اچي بيهي رهيو آهيان
آئون پنهنجي ڳٽپ ڪري
هڪ وڏيڪ لاش هُئڻ جي نشاندهي ڪرڻ ٿو چاهيان
منهنجون اکيون ٻه
شهر جي مئل ماڻهن جيان ڪليل آهن
شهر جيڪو مون جيان ئي پنهنجو پاڻ ۾ مري ويو آهي.

## پوڙهي اک جو خواب ...!

رات مون خواب ۾ هڪ ڇوڪري ڏٺي آهي
ڇوڪري جيڪا جوان آهي
آئون پنهنجي پوڙهين اکين ۾
اُن ڇوڪريءَ کي آخر ڪيستائين سنڀالي رکان
ڇوڪري جيڪا گھوڙي جي ٽاپ جيان ٿهيل آهي
آئون خواب ۾ آيل پنهنجي اڌ عمر جيڏي ڇوڪريءَ کي
آخر ڪيڏانهن ڪريان
هوءَ جيڪا پڪل ڏاڙهون جهڙي
منهنجي وجود جي وڻ جا سمورا ٽار ٽوڙڻ ٿي چاهي
منهنجي ذهن جا ڏند

جيڪي هاڻ ڪاٺونبا ڪاٺڻ جهڙا بہ ناهن رهيا
آئون پنهنجي اکين مان
اُن ڇوڪريءَ کي آخر ڪيئن ڪڍان
جيڪا روز رات جو مون سان گڏ سمهڻ ايندي آهي
۽ اک کُلڻ کان اڳ بستر کي پنل ئي ڇڏي ويندي آهي
آئون پاڻ کي سُڪائيندي بہ
آلو ئي رهجي ويندو آهيان
جوان ڇوڪري جيڪا روز منهنجن خوابن ۾
ڪڏا ڪوٺي پاڻ کي پناهہ ڏيڻ ايندي آهي
پيار جي اک ۾ پوري ڇڏڻ جهڙي ڇوڪري
پنهنجي گهر جي سُتل سموري ننڊ کي
گهُٽو ڏئي ماري ڇڏيو آهي
هوءَ جيڪا هاڻ منهنجي ئي اکين ۾
گهڙي گهر ڪري ويهي رهڻ ٿي چاهي
آئون خوف جو ماريل ماڻهو
پاڻ ۾ ئي مس پورو ٿيو ويٺو آهيان
ڪٿ اها جوان ڇوڪري
منهنجي عمر جي پوڙهي اک تي هٿ رکي
مون منجهان بہ پيچي نہ وڃي...!

## آئون تو مان نڪري ٻاهر هليو ويو آهيان

مون پاڻ کي ساڙڻ جو سامان
قرب جون ڪانيون گڏ ڪندي هٿ ڪري ورتو آهي
واپار جي ڏينهن ۾
پنهنجو هڪ ٻي کي خريد ڪرڻ
وقت جي بازار َ لاءِ هڪ وڏي يادگيري آهي
رستن تي هلندي ٻه
پنهنجو هڪ ٻي کان وڃائجي وڃڻ
خيالن ۾ خنجر ٻوڙڻ جي لاءِ ڪافي آ
دلين کي ڏيڍ ڏئي جيئڻ جو طريقو
مون توکان ئي سکيو هو
جيڪو هاڻ منهنجي لاءِ ڪارگر ناهي رهيو
آئون ڏيڍ ڏئي پاڻ کي ويتر ڏڪائڻ نٿو چاهيان
مون تنهنجي اکين ۾ ڪنهن ٻيئي کي ڏسي ورتو آ
ان ڪري آئون تو مان نڪري ٻاهر هليو ويو آهيان
هاڻ آئون تنهنجن ڪچن خوابن جهڙو ٻه ناهيان رهيو
قُرب جو ڪهاڙو
جيڪو ڪنهن ٻه وقت ڪنهن کي ٻه وڍي ٿو سگهي
اهو الميو مونکي توکان ئي حاصل ٿيو آهي
آئون پنهنجي دل جا ڏڪ توکي ڏيکاري ٻه نٿو سگهان
منهنجا سمورا ڏينهن ٿارن کان ٽُٽي پٽ تي ڪري پيا آهن
آئون تنهنجي قرب جي ڪُهاڙي تان
پنهنجي وهيل رت جا داغ ڌوئي رهيو آهيان
آئون جيڪو هاڻ تو مان نڪري ٻاهر هليو ويو آهيان.

## آئون جيڪو منهن تي هٿ رکي ڇڏيندو آهيان ...!

ڪيترائي حادثا مونکي مون منجهان ئي مليا آهن
درياهه جي ابتي وهڪ تي
وات ۾ آڱر وجهي سوچي ئي سگهجي ٿو
اڪثر مڙدن جا قد ماپيندي
مونکي عورتن جا اڱڻ ياد اچي ويندا آهن
پاڻ ۾ ڪري پيل ماڻهو
معاشري ۾ مُڇون وٽي هلڻ جيڏو ٿي ويو آهي
آئون جيڪو پنهنجي حوس کي
پنهنجي زندگيءَ جي ڪيسي مان ڪڍي
اڇلائي به ناهيان سگهيو
آئون پنهنجي رهجي ويل سوالن جا سڏا جواب
آخر ڪنهن کان پُڇان
ماڻهوءَ جيڪو خود موت جو ملائڪ ٿيو وينو آهي
زنا جي زبان سان زوري چکڻ جو ذائقو
مون اجتماعي لڄا لُٽ جي وات تي هٿ ڏئي سکيو آهي
انسان هڪ جانور آهي
اهو فلسفو مونکي اڄ سمجهه ۾ آيو آهي
ته ماڻهو ۽ ڪتو ٻئي هڪ جانور آهن
ٻُک ۾ يونڪڻ ۽ ڪائڻ جانور جي نشاني آهي
آئون پنهنجي زندگي جا ڪيترائي حادثا
پنهنجن ئي هٿن سان پوري
پاڻ کي آجو ڪري وٺندو آهيان
آئون جيڪو ٻين جي منهن ۾ ٿُڪون هڻڻ وقت
پنهنجي منهن تي هٿ رکي ڇڏيندو آهيان.

□

## آئون ڪيئن اهو هُن کي ٻڌايان ...!

پاڻ کي هڪ جاءِ تان ڪٽي ٻي جاءِ تي رکڻ
اهو منهنجي لاءِ هڪ نئون تجربو هو
ماڻهوءَ جو ماڻهو کان پري ٿي وڃڻ ئي
سڀ کان وڏو سانحو آهي
پيتن تي لکيل تنهنجي ۽ منهنجي نالي جا پهريان اکر
هاڻ ته بارشن به ڌاهي ڇڏيا آهن
وڻن جيان وڍجي وڃڻ
۽ وري ڪڏهن نه موٽڻ
اهو تون مونکي ڏسي ۽ مونکان ئي پُڇي ٿي سگهين
اڪيلائيءَ جي آريءَ تي چڙهيل آئون اُهو ماڻهو آهيان

جنهن ڪي وڇوڙا واڍن جيان وڍيندا ئي رهن ٿا
آئون تو مان ڀري ۽ تو ۾ ئي وسامجي ويو آهيان
پنهنجي ملڻ جا ڏينهن
عشق جي اوپر ڪان الائي ته ڪڏهن اُپرندا
هاڻ ته آئون پنهنجو پاڻ ۾ اُٿي بيهڻ جهڙو به ناهيان رهيو
درد مونکي درياهه جيان ٻوڙي
ٻاڪارڻ جهڙو به ناهي ڇڏيو
پوءِ به مون تنهنجا واعدا
وفائن جي پوريل مُٺ ۾ پاڻ وٽ سنڀالي رکيا آهن
حقيقتن جون ٻڌل سموريون هڙون
آئون تنهنجي ئي حوالي ڪرڻ ٿو چاهيان
آئون تنهنجون ڳالهيون ڳٽي
ڳوٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏڻ ٿو چاهيان
ڳوٺ جيڪو تنهنجي ۽ منهنجي گڏيل سُڃاڻپ آهي
تنهنجون ڪيل ڳالهيون اڄ به مون ۾ موري رهيون آهن
اهو ڪيئن توکي ٻڌايان ته
آئون تو ۾ پناهه وٺڻ لاءِ ڪيڏو پريشان آهيان
هوءَ اڪثر مونکي اهو چوندي آهي ته
تنهنجي شاعري ۾ هاڻ توازن چو ناهي رهيو
آئون ڪيئن اهو هُن کي ٻڌايا ته
تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ آئون خُود به توازن ۾ ناهيان رهيو.

□

## وقت جيڪو مونکان وڃائجي ويو آهي ...

وقت جا ڪانٽا ڪنڌ جهڪايو بيٺا آهن
آئون پنهنجي ٽنگيل لاش تي سوڳوار بيٺو آهيان
ڌرتيءَ تي لڳل پهرين جنگ
عورت جي حسين هُئڻ جو سڀ کان وڏو ڏوهہ آهي
رت جيڪو ڪالهہ بہ وهيو هو
رت جيڪو اڄ بہ وهي رهيو آهي
ماڻهوءَ جي مغز ۾ ماڻهوءَ جو پورو نہ ٿيڻ
وحشت جي پهرين نشاني آ
ڪيترا ئي سال اُگهاڙو رهڻ کانپوءِ بہ

ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ڍڪي ناهي سگهيو
ارتقا جو آسمان ڏرتيءَ جي ڏوڙ ۾ ڏنڊلو ٿي ويو آهي
آئون پنهنجي قبر مان پاڻ کي ڪيڻ جهڙو بہ ناهيان رهيو
منهنجا سمورا سڏ
اُهو طوفاني سمنڊ کائي ويو آهي
جنهن جو خوف
ٻيڙن ۾ ويٺل مُهاڻن جي اکين مان ئي ڏسي ٿو سگهجي
دلين جي درزين کان ئي پُڇي وٺجي
تہ ساهن کي سور جا ڪيڏا سيبا ڏنل آهن
آئون پنهنجي اداس لاش تي اڪيلو ئي روئي رهيو آهيان
وقت جيڪو ڪائنات جون ڪليون
هڪ ئي جاءِ تي بيهاري پٺ کي ٽيڪ ڏئي
گهڙيال اندر گهڙي ويهي رهيو آهي
گهڙيال جيڪو هڪ ئي جاءِ تي بيٺل آهي
گهڙيال جيڪو مونکي ئي ڏسي رهيو آهي
وقت جيڪو مونکان ۽ گهڙيال کان وڃائجي ويو آهي
وقت جنهن جا ڪانٽا ڪنڌ جُهڪايو بيٺا آهن.

□

## آئون تو ۾ اڪيلو ئي رهڻ ٿو چاهيان ..!

تون اُن قبيلي ۾ پيدا ٿي آهين
جت مُحبتون مينهن ٿي وسنديون آهن
تون منهنجي توقع جي پهرين تصوير آهين
تنهنجي گهور جا گهوڙا
ڪنهن بہ وقت ماڻهوءَ مٿان ڪاهہ ڪري ٿا سگهن
آئون تنهنجي لڳن جو اهڙو تہ لتاڙيل آهيان
جو ساهن ۾ بہ سُڳنڌ سُرڪجي وئي آهي
ڏرتيءَ تي تنهنجو هُجڻ ئي
آسمان لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي
تون حُسن جي تاريخ جو اُهو ٺُمغو آهين

جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ
ماڻهو محبتن جا ميڙ ڪري اچي بيهندا آهن
چنڊ جيڪو روشنيءَ جو رب هوندي به
الائي ڇو توکي ڏسندي ئي
ڪڪرن ۾ ڪنڌ هيٺي لڪي ويندو آهي
تون سونهن جي سلطنت جي سرتاج آهين
مون ڪيترائي خيالن جا ڪُڙڪُبيتا ٻاري
تو ڏانهن روانا ڪيا آهن
آئون تنهنجون ڏيئن جهڙيون اکيون پاڻ ۾ پوکي
هر رات جو رستو روڪڻ ٿو چاهيان
تون جيڪا ٻاٽ ۾ به ٻرندي نظر ٿي اچين
منهنجا سيئي گس تو ۾ ئي گُم ٿيڻ ٿا چاهن
آئون تنهنجي قرب جي قبيلي ۾
اڪيلوئي رهڻ ٿو چاهيان
جت رُڳو مُحبتن جا ئي مينهن ٿا وسن
جت راتيون به توساڻ هوندي ڏينهن ٿا لڳن.

□

## مون توکي ئي ياد ڪيو آهي...!

جڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ
پنهنجي محبوب جو نالو ڪنيو آهي
مون توکي ئي ياد ڪيو آهي
چٽي چانڊوڪيءَ ۾ سمنڊ جي وير جي چڙهڻ وقت
شڪار تان موٽي ايندڙ مڇيرن جو
ٻتيلن مان لهي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وڃڻ وقت
خالي اک ۾ ڪجل جي ڪانيءَ جي ڀرجي وڃڻ وقت
سياري جي سرد رات ۾ مسلسل ڏڪڻ وقت
تيز بارش ۾ هڪ ئي ڇٽيءَ هيٺان
ٻن ماڻهن جي گڏجي هلڻ وقت
سانجهه ويلي پکين جو واهيرن ڏي وري اچڻ وقت
۽ تارا ڳڻيندي رات مان صبح تي وڃڻ وقت
مون توکي ئي ياد ڪيو آهي

هڪ اُميد جو ٻي اُميد مان جنمڻ وقت
اکين جا ڀنل پاند ڏسي پنهنجو پاڻ ۾ ئي پُسي وڃڻ وقت
درد جي ذخيري کي پاڻ ۾ ئي گڏ ڪرڻ وقت
هر روز هڪ نئون زهر جو ڍُڪ ڀرڻ وقت
مرڻ ۽ جيئڻ ڪانپوءِ جيءَ وري مرڻ وقت

تنهنجي گهر وٽان گُذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ
ڪنڌ ورائي پويان ڏسڻ وقت
ڳوٺ جي گهٽين تي ڪن رکي تنهنجو ئي آواز ٻُڌڻ وقت
موسمن جي مٽجي وڃڻ ڪانپوءِ
موسمن جي ڦيهر واپس اچڻ وقت
ساحلن تي لکيل پراڻا نالا روز شام جو ڳولهڻ وقت
مون توکي ئي ياد ڪيو آهي

هيل مون مٿان سوڪهڙي جا ڏينهن لٿل آهن
هيل آئون بارشن ۾ ڀڄو ناهيان
هيل مون منجهان درد ڏوڙ جيان اُڏامندو رهي ٿو
هيل روئڻ جا رنگ مون تي هاريل آهن
هيل اکيون اوجاڳن جي آسمان هيٺ رهن ٿيون
هيل خزائن ڪائي مندائتو موڙڻ جهڙو ئي ناهي ڇڏيو
هيل ڪيل تنهنجا واعدا
الائي ڪيڏانهن مونکان گُم ٿيندا پيا وڃن
هيل بہ توکان وڇوڙا وڌيا ڪون ٿيا
هيل الائي ڇو پاڻ هڪ ٻي جي هٿن مان ڇڏائجي ويا آهيون
هيل الائي ڇو پاڻ هڪ ٻي جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن
هيل آئون توکي ڳولهيندي پاڻ ئي وڃائجي ويو آهيان
ڇا تو ايئن مونکي بہ ڪڏهن ياد ڪيو آهي..!؟
جيئن مون صرف توکي ئي ياد ڪيو آهي.....

## آئون توسان گڏجي روئڻ ٿو چاهيان ...

غم جو گھاٽو مينهن
تو مٿان به وٺو آهي ته مون مٿان به وٺو آهي
درد جنهن جي ڪا به ماپ ۽ شڪل ناهي ٿيندي
پيار هڪ اهڙي پيڙاهه آهي
جنهن ۾ تون به لُڇي آهين جنهن ۾ آئون به لُڇيو آهيان
پاڻ ڪڏهن به هڪ ٻئي سان
درد جي مٿا سٿا ناهي ڪئي
اکيون جيڪي تنهنجون به پُسيل رهنديون آهن
اکيون جيڪي منهنجون به پنل هونديون آهن
پنهنجا ڏينهن هڪ جهڙا هوندي به

الائي ڇوپاڻ ڪڏهن ٻه ڪنهن رات ۾ گڏجي ناهيون سگهيا
آئون توسا گڏ ڪلڻ جون ڪيڏيون خواهش ڪٽيو وتان
گڏ هلڻ جا ۽ گڏ ڪلڻ جا ڏينهن
آخر ڇو وقت پاڻ منجهان وڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيا آهن
آئون تنهنجي جوانيءَ مان
ڀاڪرن جيڏيون ڀريون ڀرڻ ٿو چاهيان
عشق جي عيد جهڙن ڏينهن تي
آئون تنهنجي ئي قرب جا ڪپڙا پائي
نينهن سان نئون ٿيڻ ٿو چاهيان
تنهنجي گهٽيءَ جا ٻار هوبهو تو جهڙا ئي آهن
تنهنجي ڪل ۽ خوشبوءِ جهڙا آهن
پر تنهنجا الائي ته ڪهڙا حال آهن...!؟
آئون ته پنهنجو پاڻ ڪي
روز هڪ نئين درد مان ڏوئي
سور جي تار تي شڪائيندو آهيان
ڇا تنهنجا ڏينهن به ڪجهه اهڙا ئي آهن...؟
آئون پنهنجا درد ٻُڌائي توکي ويتر ڏُکارو ڪرڻ نٿو چاهيان
آئون توسان گڏ ڪلي نٿو سگهان ته ڇاهي
پر آئون توسان گڏجي ضرور روئڻ ٿو چاهيان.
□

## نظم جيڪو لکجڻ کان رهجي ويو آهي ...

مون ڪيترائي ڀيرا
اُن نظم کي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي
جيڪو مصروف هئڻ جي ڪري
لکجڻ کان رهجي ويندو آهي

نظم جنهن جون ڳالهيون شروع ٿيڻ ڪانپوءِ
کُٽڻ جي ڳالهه ئي نٿيون ڪن
آئون سندس وات تي هٿ رکي ٿڪجي پوندو آهيان
نظم جنهن جون ڳالهيون
صبح کان شروع ٿينديون
رات تائين به هلنديون ئي رهن ٿيون

مون جڏهن به اڻ لکيل نظم کي
ويجهي کان ويهي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي
ته اڪثر هو پاڻ کي مصروف رکڻ ۾ لڳي ويندو آهي
بارش ڏسندي ئي ڪپڙا لاهي اُگهاڙو وهنجڻ لڳندو آهي

پاڙي جي عورتن جي اکين جا خواب چورائي
سندن مڙسن کي وچي ڏيڪاريندو آهي
نظم جنهن جون ڪيتريون ئي اُگهاڙيون ڳالهيون
آئون لکڻ وقت بہ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان

نظم جيڪو هاڻ
پنهنجي موضوع کان ڪافي وڏو ٿي ويو آهي
نظم جيڪو مونکي وقفن ۾ لکڻو آهي
نظم جيڪو شهر جي گٽرن جيان پلٽي پيو آهي
جنهن کي سنڀالڻ جي لاءِ
مونکي ميونسپل ڪميٽي سان رابطو ڪري
کي نوان پنگي ڀرتي ڪرائڻا آهن
نظم جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ بہ ڏپ ڪري ويو آهي

مونکي نظم کي لکڻ وقت
انتهائي گهڻون احتياط بہ ڪرڻون آهي
نظم جنهن جون عادتون
پِتن تي چاپيل پوندڙ جهڙيون آهن
جيڪي ڪنهن بہ وقت ڪاوڙ ۾ اچي سگهن ٿيون
نظم جيڪو مونکي جوانيءَ جي عمر ۾ لکڻو هو
نظم جيڪو مڪمل پوڙهو ٿي چڪو آهي
نظم جيڪو هاڻ لٺ تي بہ هلڻ جي قابل ناهي رهيو

نظم کي لکي پورو ڪرڻ کان پهرين
مونکي هن نظم کي
ڪنهن اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾

داخل ڪرائڻو آهي
سندس منهن تي گيس جو ٻوٽارو چاڙهائي
زوري ٻه ساھ ڪٽائي
ڪائنس ڪيتريون ئي رهجي ويل ڳالهيون پُڇي لکڻيون آهن
مري وڃڻ ڪانپوءِ ٻه سندس اکيون
سندس ئي وصيت موجب کولي چڏڻيون آهن
هڪ نئين مشاهدي جي لاءِ
جيڪي ڳالهيون مونکي وري ٻه
ڪنهن ٻي قسط ۾ ئي لکڻيون آهن

نظم جيڪو پاڻ کي هڪ پيرو ٻيهر لکرائڻ ٿو چاهي
نظم جيڪو مرڻ ڪانپوءِ ٻه زندھ رهڻ ٿو چاهي.

## آئون تنهنجي اک ۾ ئي ڦڙڪندو رهان ...

هوءَ اڃان تائين
ڪاڀي اک جي ڦڙڪڻ کي نيا ڳ چوندي آهي
سندس ڳالهيون
ڳوٺ جي پوڙهين جي پوتين جي پاند ۾ ٻڌل
ڳنڍين کان بہ گهڻيون مضبوط آهن
هوءَ شاعريءَ ۾ آيل ان تشبيهہ جيان آهي
جيڪا شاعرن مٿان نئين نازل ٿيندي آهي
هوءَ پنهنجي دؤر جي هڪ اهڙي تہ دنيا آهي
جنهن کي ڏسي زمانا ڪڏهن بہ ضعيف نٿا ٿي سگهن
درياهہ هُن جي دلي ۾ سجو پرجي وڃڻ ٿو چاهي
هوءَ چاهي تہ پنهنجي حُسن جي هوڏ تي
سمنڊ مٿان بہ هلي ٿي سگهي
مون سندس پير
ساحل تي هلندي سمنڊ کي چُمندي ڏٺا آهن.
سندس معجزا مون.
جيڪي رڳو محبتن مان ئي پريا پيا آهن
هُن جي ڪلڻ جون تعريفون
ڪنهن تاريخي ڪتاب ۾ ئي لکي ٿيون سگهجن
آئون هُن جي سونهن جو پهريون ثناگر آهيان
عشق جي اوڳاڙيءَ ۾ مون رڳو توکي ئي گهريو آهي
تنهنجي ڪيل ڳالهہ کانپوءِ
مون پنهنجي ڪاٻي اک تي هٿ رکي ڇڏيو آهي
شال آئون تنهنجي ساڄي اک ۾ ئي ڦڙڪندو رهان.

## وطن جنهن ڪي پنهنجون اکيون هونديون آهن ...

باغين جون گهر واريون روئنديون ناهن
هوءَ پنهنجي مڙس جي لاش تي بہ رُني ڪونَ هُئي
ڳوڙها سندس اکين جي
پاندن تائين پُهچي واپس وري ويا هُئا
هنن جي جنگ وطن جي ورهاست جيڏي آهي
وطن جنهن کي پنهنجون اکيون هونديون آهن
وطن جنهن کي پنهنجا وڻ هوندا آهن
وطن جنهن کي پکين جهڙا پر ٿيندا آهن
وطن جيڪو گهوڙي جي گرفت جهڙو هوندو آهي
جنهن جي لغام تي لُڏي
سرحدن جيڏو ساهہ کڻي سگهبو آهي
هوءَ پنهنجي مڙس کان بہ وڏيڪ

پنهنجن ارادن ۾ مضبوط آهي
هُن نٿي چاهيو تہ آئون وطن جيڏي وڏي جنگ
مڙس جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ وڃائي ويهان
هُن نٿي چاهيو تہ سندس مڙس جي زره کي زنگ ڪائي ڇڏي
۽ تلوار جي تکي ڌار جو بہ ڪو ڏڪ خالي وڃي
هن نٿي چاهيو تہ ڪو ڪمان جو ڪچيل تير
نشاني ڪان اڳ پٽ تي ڪري پئي
هُن پنهنجي اڪيلائين کي بہ
مڙس جي ڪليل اکين جيان کولي رکيو آهي
سندس هر رات کي تارن جهڙيون اکيون آهن
جيڪي ڏينهن جو بہ ٻرڻ ٿيون چاهن
هوءَ جنگ جي ميدان ۾
پنهنجي معصوم پُٽ کي پُٺن تي ٻڌي
وطن ورائڻ جي لاءِ لاشن مٿان لنگهيندي رهي ٿي
هلايل مڙس جي تلوار جهڙا تجلا
۽ گهوڙي جي سُنبن مان اُڏامندڙ ڌوڙ کي
هوءَ تاريخ جو سڀ کان وڏو طوفان بڻائڻ ٿي چاهي
هوءَ باغين جي اکين جا سمورا خواب چُمي
اج ڪلڻ ٿي چاهي
۽ شهيدن جي قبرن مٿان
هڪ وطن جي فتح جيڏو تاج رکڻ ٿي چاهي.

## مونکي سيڑهيءَ تي چڙهڻ ناهي ايندو...!

مونکي سيڑهيءَ تي چڙهڻ ناهي ايندو
سيڑهي جيڪا ماڻهوءَ کي
زمين کان مٿي کڻي ويندي آهي
سيڑهي جيڪا
آسمان ڏانهن اُڀي رکيل هوندي آهي
مون جڏهن بہ
سيڑهيءَ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي
تہ منهنجي ماءُ
مونکي قميض جي پوئين پاند مان ڇڪي
هيٺ لاهي ونندي آ
۽ آئون چڙهيل ٻن ڏاڪن کان واپس
پٽ تي ڪري پوندو آهيان
سيڑهيءَ تان ڪري ڪيترائي ماڻهو مري ويا آهن...!؟

بابا جي حاڻي
امان جي اکين ۾ خوف پري چڙهيو آهي
امان جيڪا هاڻ مونکي
سيڙهيءَ جي آخري ڏاڪي تائين پهچڻ ئي نٿي ڏي
ڪاٺ جا ڪوازا ٻڌي
وڏيون جايون ناهڻيندڙ ماڻهو
آخر امان کي ٿو نٿا نظر اچن
ڇا انهن جون مائرون مري ويون آهن
جو انهن کي سيڙهيءَ تي چڙهڻ کان روڪين نٿيون
هو جيڪي سيڙهين تي چڙهي
سج کي سامهون ڏسي رهيا آهن
سيڙهي جيڪا آسمان ڏانهن اُڀي رکيل آهي
آئون به امان جي مري وڃڻ ڪانپوءِ
سيڙهي رکي آسمان تي چڙهي ويندس
۽ وري ڪڏهن به هيٺ نه لهندس.

## هڪ انڌي ڇوڪريءَ جو وڃائجي ويل خواب ...!

مونکي هڪ انڌي ڇوڪريءَ جو
وڃائجي ويل خواب ڳولهڻون آهي
خواب جنهن جي عمر ارڙهن سال آهي
خواب جيڪو هٿوراڙيون ڏيندي به
پيار تائين پهچڻ ٿو چاهي

مونکي اُن انڌي ڇوڪريءَ کان اهو به پڇڻو آهي ته
اڪين جي اسپتال ۾
اڪيون ڏيڪارڻ وقت ڪيترن ڊاڪٽرن
تنهنجي ڇاتي ڪي پنهنجن هٿن سان ڇرڪ ڀرايا آهن
۽ ڪمپائونڊر ڪي في معاف ڪرائڻ جي لاءِ به ناهي ڇيو

مونکي اُن انڌي ڇوڪريءَ کان اهو سوال ڪرڻو آهي

تہ ڏينهن ۾ رات توکي ڪيئن محسوس ٿيندا آهن
جهڙ ۾ مينهن توتي ڪيئن وسندا آهن
خوشيون ۽ غم توکي ڪيئن لڳندا آهن
رات جي رسي تي هلندي توکيترا ٿاپا کاڌا آهن

مونکي اُن انڌي ڇوڪريءَ کان
ڳوٺ جي ٻارن جي باري ۾ بہ ڪجھہ حال احوال ڪرڻو آهي
ٻار جيڪي لڪ لڪوٽي ۾ لڪي ويندا آهن
ٻار جيڪي گُڏين کي پرڻائيندي
هڪ ٻي کي روئي پاڪر ناهن پائيندا
ٻار جيڪي جمڻ ڪانپوءِ پٽن کي جهلي هلندا آهن
ٻار جيڪي هاڻ اکين سان هلن ٿا

مونکي انڌي ڇوڪري کان هڪ انٽرويو بہ وٺڻو آهي
۽ ان اخبار ۾ ڇپرائڻو آهي
جنهن ۾ گهڻا ضروري رشتن جا اشتهار ڇپبا آهن
مونکي اخبار جي ايڊيٽر کي هٿ ٻڌي منٿ بہ ڪرڻي آهي
ان انٽرويو ۾ مونکي اها انڌي ڇوڪري سڄي ڏيکارڻي آهي
مونکي اُن انڌي ڇوڪريءَ جي ڪيل گفتگو
ملڪ جي سڀ کان وڏي اخبار ۾ ان ڪري ئي هلرائڻي آهي
جيڪا هاڻ اکين جي ڊاڪٽر مان حاملہ ٿي چُڪي آهي.

□

## پاڳ جي وڇائجي ويل سوني نٿ . . . !

هوءَ ڪيترائي پيرا چنڊ جي آخري تاريخ ڳڻيندي
پاڻ خود ئي اوڻٽيهين جي رات ٿي ويندي آهي
هوءَ جڏهن ڄائي هئي تہ سندس نالو
سندس ناني پاڳ پري رکيو هو
پر پاڳ سندس زندگيءَ ۾
ڪڏهن بہ پرين جيان پرجي نہ آيو هو
سندس حق مُهر ۾ آڇيل سوني نٿ بہ
ڪيس نئين وني ڏيڻ جي دلاسن سان گڏ گُم ٿيل آهي
هوءَ پروسن جي ٿيل اهڙي تہ پيل آهي
جنهن جا سلا بہ هاڻ سُڪڻ لڳا آهن
هُن مٿان واعدن جي اهڙي تہ وڄ ڪريل آهي

جنهن ۾ مرڻ ڪانسواءِ ٻچي ئي نٿو سگهجي
هوءَ ٻنين جا ٻارا ٿاهي وقت کي وندرائيندي آهي
هُن پنهنجي سڄي جواني ولون ڊوئيندي وڃائي آهي
هن جو مڙس پنجن پيٽرن جو هڪ ئي پاءُ آهي
پاڳ پري سندس حوس جو کيل
ٿيون ۽ قانوني حملو آهي
جنهن کي هُن حق شرع سمجهي حاصل ڪيو آهي
پاڳ پري جيڪا هر چنڊ جي اوٽڻيهين تاريخ
انتظار کي آڱرين سان ڳڻيندي اُداس ٿي ويندي آهي
مڙد جيڪو عورت لاءِ ٻيو مجازي خدا هوندو آهي
هن جو مڙس ڪيتيءَ جي ڪُل ڪمائي ڪٽي
عياشيءَ جي اک کي گرم ڪندو آ
ڳوٺ جي هر سامائجندڙ ڇوڪريءَ تي
سندس اک نٿ جو نياپو ڪٽي اڇي پُڄندي آهي
هو ڇوٿون پيرو ڳوٺ جي ساماٽيل چانڊنيءَ مان
پنهنجي روح جي رات کي روشن ڪرڻ ٿو چاهي
هو جيڪو پاڳ پريءَ جيان
پاڻ خود ئي رات جهڙو ٿي ويو آهي
هو چاهي ٿو تہ پهرين ٻن مري ويل مائين جيان
هن پاڳ پريءَ کان بہ ڪنڌ هيٺ ڪرائي اجازت وٺان
۽ ڪيس هڪ ڊگهي اوٽڻيهين جهڙي اونداهي ۾ اڇلائي
پاڻ کي ٻيهر چنڊ ڪري اُپاريان چانڊنيءَ جي روشنيءَ مان
هو جيڪو هاڻ اُجهامڻ ڪانپوءِ ٻرڻ جهڙو ئي ناهي رهيو.

## مونکي هڪ تصوير کپي ٿي...!

مونکي تنهنجي هڪ تصوير کپي ٿي
گهر جي خالي ديوار تي لڳائڻ جي لاءِ
ديوار جيڪا ڪيڏي نہ خالي لڳي رهي آهي
ها بلڪل ايئن خالي
جيئن آئون پاڻ سڄو خالي ٿي ويو آهيان
مونکي تصويرون ان ڪري سٺيون لڳنديون آهن
جو انهن کي
جتي بہ بيهاربو آهي اُتي ئي بيهي ويندون آهن
تصويرون جن کي صرف
ڪمري جيڏي جاءِ ئي کپندي آهي
مونا ليزا جي تصوير ڪيڏي
مون تنهنجي تصوير جي جاءِ ڪان هيٺ هٽي ڇڏي آهي
ڪمري ۾ لڳل سڀئي تصويرون
خالي پيل جاءِ کي
ايئن غور سان ڏسي رهيون آهن
جيئن تون ۽ آئون
اوچتو ملڻ کانپوءِ
هڪ ٻي کي غور سان ڏسندا آهيون.

## رت جنهن جو نئون نالو ريحانا الجباري آهي ...!

ميوزم ۾ رکيل تلوار مان رت ڳڙي رهيو آهي
جُبن ۾ ويڙهيل مُلڪ جا ملائڪ
فتوائن جا ڪتاب پڙهي رهيا آهن
ماڻهو جيڪو هارڻ پنهنجن هٿن سان
زهر پيئڻ جي به قابل ناهي رهيو
اڄ ايران جيڪو ستارن کان خالي لڳي رهيو آهي
امن جا اڇا ڪبوتر اڏامڻ کان اڳ پٽ تي ڪري پيا آهن
ريحانا الجباري تنهنجي ريپ جي رات
خدا لاءِ هڪ نئين سوڳ جو سفر آهي
تنهنجي رانن تان ڳڙيل رت

مراقبن جي منهن کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي
عدالتن جي هٽ مان ساهمي جو تورو وڃائجي وڃڻ
انصاف جي انڌي هُئڻ جو دليل آهي
ڦُمر نديءَ جيان تنهنجي نيٽن جو وهي پوڻ بہ
وقت کي ٻوڙي نہ سگهيو
بند ڪولين ۾ لکيل تنهنجا ڏوراپا
ڏينهن جا ڏينهن ويهي پڙهي روئڻ جهڙا آهن
تنهنجي ماءُ تہ ان ڏينهن ئي اُداس ٿي وئي هئي
جنهن ڏينهن تنهنجو خط
جوانيءَ جي ٽُٽل تارين سميت وٽس پُهتو هو
ماءُ جيڪا ٿيج جي اوڳاڙي بہ اولاد کان ناهي وٺندي
اڄ تنهنجي ماءُ تنهنجي لکيل خط مان
رت جون ڳُرڙيون پرينديي ئي مري وئي آهي
رت جنهن جو نئون نالو ريحانا الجباري آهي
آئون تنهنجي رڙ کي
مٽيءَ ۾ پورجڻ کان اڳ زنده ڏسڻ ٿي چاهيان
توسان ٿيل زوري زنا جا ڏينهن
جيڪي اڃان سُڌي ڏکي رهيا آهن
ڪاش تنهنجي هلايل گولي ايران جي اک ۾ لڳي پوي ها

نوٽ: ايران جي ڇوڪري ريحانا الجباري جنهن سان قانون جي رکوالن زوري زنا ڪيو هو ريحانا الجباري جنهن کي آخر موت جي سزا ڏني وئي.

## مونکي آوارگيون وڻنديون آهن...!

مونکي اُهو درياهه پار ڪرڻو آهي
جت محبتون سهڻيءَ جيان سڏيون وهنديون آهن
آئون طوفان ۾ سمنڊ جي صُلح به آخر ڪيئن ڪرايان
صحرا جيڪو مونکي معيارون ڏيندو رهي ٿو
سُڪي وڃڻ جو سچو قصور
جيڪو سمنڊ ڏانهن ئي وڃي ٿو
هڪ صحرا جو خط
جيڪو مونکي سمنڊ ڪي به ڏيڻو آهي
مونکي طوائفون ان ڪري وڻنديون آهن
جو گهر جي مسواڙ جيترا پئسا ته
رڳو پنهنجي خوشبوءِ تي ئي ختم ڪنديون آهن
سندن ايمانداري گاهڪ جي گلا کان وڏي هوندي آهي
مونکي اُهي عورتون هرگز ناهن وڻنديون
جيڪي جوانيءَ ۾ به اڌڙوٽ لڳنديون آهن
جن جا اصول عشق جي آبياري کي سمجهي ناهن سگهندا
جيڪي گهرن جي ديوارن ۾ پنهنجا چهرا ڏسي
پاڻ ۾ ئي پوڙهيون ٿي وينديون آهن
مونکي آوارگيون ان ڪري وڻنديون آهن
جو اُهي مون جيان ئي ترتيب آهن
آئون جيڪو بي ترتيب هئڻ جي ڪري
توکي به ناهيان سنڀالي سگهيو
مونکي موسمون ان ڪري ناهن وڻنديون
جيڪي ماڻهن جهڙيون ٿينديون آهن
جيڪي ڪنهن به وقت مٽجي سگهن ٿيون.

## وڻ جيڪي پاڻ ناهن روئندا...!

آئون ان وڻ هيٺان ويٺل آهيان
جنهن کي ڪُهاڙين جا ڏڪ لڳل آهن
وڻ جيڪي پاڻ ناهن روئندا
پکي سندن ڳوڙهن جا ترجمان هوندا آهن
آئون سڄي تاريخ کي لڳل
ڪُهاڙين جا ڏڪ
آخر ڪيستائين ڳڻيندو رهان
سمبارا تنهنجي مورتيءَ جو
منهنجي ميوزم مان گُم ٿي وڃڻ
منهنجي رقص جي تهذيب جو
سڀ ڪان وڏو نقصان آهي
آئون آخر ڪيترن نقصانن جي نشاندهي ڪريان...!؟
مغرب جي مٿيءَ جي طوفان
مشرق جي سج کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي.

## مونکي هاڻ سمجھہ ۾ آيو آهي ...

چنڊ تي هلڻ جون ڳالهيون
مونکي هاڻ سمجھہ ۾ آيون آهن
پروسا جيڪي ماڻھوءَ کي ڪٽ بہ هلائي ٿا سگھن
آئون تنھنجي اکين ۾ هلندي
صدين تائين سفر ڪري سگھان ٿو
غم جو گولو پل تہ ڪيڏو بہ وڏو ڇو نہ هجي
آئون تنھنجي پيار جي پرن سان
آسمانن تائين اُڏامي سگھان ٿو
شمسي گرھ تنھنجي بدن جي بيھڪن جھڙا تہ ناھن

پر آئون تنهنجي مُرڪ سان
سڄي مُحبتن جي مخلوق گڏ ڪري
دنيا مٿان حُڪمراني جو حق حاصل ڪري سگهان ٿو
سج چنڊ ۽ تارا
تنهنجي حُسن اڳيان هڪ پل بہ ٽڪي نٿا سگهن
تون نعمتن جي اُها ندي آهين
جنهن مان ڪيترائي سمونڊ سيراب جن ٿا
هوائن جي هٿ تي گُهمندڙ تنهنجو غرور
وٽن ڪي بہ لوڏي وجهندو آهي
تنهنجي ماپ جو معيار
محبتن جي اک سان ڪري ٿو سگهجي
زمين ۽ آسمان جيڏا سفر
مون تنهنجي ئي اکين ۾ ڪيا آهن
چنڊ تي هلڻ جو تجربو
مونکي هاڻ سمجهہ ۾ اچي ويو آهي
آئون توسان گڏجي
دنيا جو ڪو بہ گولو گُهمي ٿو سگهان.

## هڪ طوائف جو لکيل خُدا ڏانهن خط...!

آئون پنهنجون اُگهاڙيون راتيون
توکي ڏيکارڻ ٿي چاهيان
منهنجا ڏينهن ۾ راتيون
مزدور جي پنيءَ تي ڪنيل ڳرين ٻورين جهڙا آهن
آئون پنهنجي ٿڪاوٽ ڪي پاڻ مان ڇنڊي ناهيان سگهي
اڄ تنهنجي اڳيان آئون پنهنجو پسيل چولو
نپوڙي رکڻ ٿي چاهيان
جيڪو ڪڏهن سُڪو ئي ناهي
جسمن جي لتاڙ جواني ڪسي وٺندي آهي
توکان منهنجي پناه جو پاند ڇو ڇڏائجي ويو آهي
منهنجي صورت ثواب جهڙي هوندي ٻه
ڪيترن ئي گناهن ۾ غرق ٿي وئي آهي
ڪيترائي پيرا جاري تي رکيل
مُثلي مٿان نظر گهمائي نماز جي ٻه نيعت ڪئي اٿم
پر پوڙهي طوائف جي پريل پئسن جي اوڳاڙي
مونکي روز اُگهاڙو ڪرائي ڇڏيندي آهي
مون پنهنجي هرڪ جهڙي جسم تي

**ڪيترائي سلھ جا مريض سھڪندي سٺا آھن**
**آئون ائئين پھر گڏي پاڻ کي ڏوئڻ ڪانپوءِ بہ**
**پاڪ ناھيان ٿي سگھندي**
**پڙوت جي پئسن مان ورتل شراب جي بوتل**
**مونکي پاڻ وٽ ھٽيڪو ڪندي آھي**
**سگريٽ منھنجن اوجاڳن کي ساڙيندا رھن ٿا**
**منھنجي پيٽ ۾ الائي تہ ڪنھن جو ٻار**
**ساھ کڻڻ لڳو آھي**
**مختلف مردن جي گڏيل محنت مان**
**ھن ٻار جي شڪل الائي تہ ڪنھن تي وئي ھوندي**
**آئون تنھنجي خلق ۾ ڪيڏي نہ خوار ٿي چُڪي آھيان**
**ھاڻ تہ پوڙھي طوائف جا**
**عيوظي وارا پئسہ بہ لھي چُڪا آھن**
**جيڪا ھاڻ مون مان مور ڪان بہ وڏيڪ ڪمائي رھي آھي**
**منھنجي زندگيءَ جا اھي سمورا ڏينھن**
**ڇا تو پاڻ پنھنجن ئي ھٿن سان لکيا آھن**
**مون تنھنجي ٻاجھہ مان اڄ بہ آسرو ناھي لاٿو**
**آئون پنھنجي زندگيءَ جا ڏينھن**
**نئين سر لکرائڻ ٿي چاھيان**
**آئون طوائف ٿي ڪوٺي تي ھڪ رات بہ رھڻ نٿي چاھيان**
**آئون پنھنجو ھي لکيل خط**
**دُعا جي لفافي ۾ وجھي**
**ستين آسمان ڏانھن اُماڻي رھي آھيان**
**اُميد تہ ھن طوائف کي لکيل خط جو جواب ضرور ملندو...!؟**

□

## وقت جي بالغ ٿيڻ کان اڳ جي ڳالهه ...

پيدائش جو پهريون پنڌ
مون آسمان کان به اڳ ڪيو آهي
ڪپڙن کان آجي ٿيل دنيا
جيڪا ڌُن جيان گول ته هئي
پر ڏکيل نه هئي
ماڻهن ۾ پڪين جو لباس هڪ جهڙو هو
نديءَ ۾ اگهاڙو ٿي وهنجڻ
وقت جي بالغ ٿيڻ کان اڳ جي ڳالهه آ
تفرقن کي مون پاڻ ئي پيدا ڪيو آ
آئون پنهنجي جنگ ۾ هارجي وڃڻ نٿو چاهيان
خدا هئڻ جو شوق
منهنجي دل تان لٿو ئي ڪٿ آ
فرعون منهنجي ڪاٻي اک جو خواب آ
مون پاڻ تائين اچڻ جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا آهيان
ماڻهوءَ جي سوچڻ کان اڳ
آئون ماڻهوءَ جي مري وڃڻ جو حامي آهيان
آئون اُن عيسيٰ کان به اڳ جو آهيان
جنهن جو نشان صليب آ.

□

## آئون ڏسڻ ٿو چاهيان اُهو سج ...

طرف جيڪي هاڻ مونکان وڃائجي ويا آهن
سج ڳولهيندي مونکي ڪيئي سال ٿي ويا آهن
رات جيڪا منهنجي زندگيءَ جو
پاند ڇڏڻ لاءِ تيار ئي ناهي
آئون پاڻ کي ساڙي روشن ٿيڻ ٿو چاهيان
آئون پنهنجي سج کي
پنهنجي ئي اکين سان ڏسڻ ٿو چاهيان
ساهه جي سيڙهيءَ
جنهن جا ڏاڪا بہ هاڻ ڏکڻ لڳا آهن

رات منهنجا پير جهلي
مونکي پاڻ ۾ پورڻ ٿي چاهي
گُهٽ جي گهري قبر ۾
منهنجا ڪيترائي ماضي مئل آهن
آئون شهرن جي اڪين ڪان بہ اڻ واقف آهيان
شهر جن ڪي بلبن جون اکيون آهن
شهر جيڪي مصنوعي ساهہ کڻن ٿا
شهر جن ڪي گٽرن ڪائي چڙهيو آهي
اڪيلاين جي اونداهيءَ ۾ لکيل
منهنجا سيئي نظم سڄ جهڙا آهن
آئون رات جو رسو پنهنجي ڳچيءَ مان ڪيڻ ٿو چاهيان
لٿ تي هلڻ جهڙا ڏينهن بہ روشنيءَ ۾ رکڻ ٿو چاهيان
سڄ جيڪو هاڻ ماڻهن مٿان نٿو اُڀري
سڄ جنهن مٿان رات سُمهي پئي آهي
سڄ جيڪو سالن ڪان گُم آهي
آئون ڏسڻ ٿو چاهيان اُهو ئي سڄ
جيڪو هن ڌرتيءَ جيڏو آهي
جيڪو رات مٿان بہ هلي سگهي ٿو
جيڪو ماڻهن منجهان ئي اُڀرندو آهي.

## آئينا جيڪي ڪنهن به وقت ٽُٽي ٿا سگهن ...!

پاڻيءَ تي هلڻ جون ڳالهيون
مون بحري جهازن کان سکيون آهن
دليلن ڪانسواءِ
مون دنيا ۾ هلڻ ڇڏي ڏنون آهي
عمر جا ڪيترائي سال مون
تجربن جي تکي تلوار مٿان هلندي گُذاريا آهن
آئون پنهنجا زخمي ٿيل ڏينهن
پاڻ سان گڏ ڪٽي هلڻ نٿي چاهيان
زخم جيڪي ماڻهوءَ کي ضعيف ڪريو ٿا ڇڏين
آئون پنهنجي باقي بچيل زندگيءَ لاءِ
ڪو به پيار جو نئون پروجيڪٽ ڪڻڻ لاءِ تيار ناهيان
پروجيڪٽ جيڪي صرف
فارملٽيءَ جي پورائيءَ تائين ئي گڏ هوندا آهن
آئون پنهنجي اڌ زندگيءَ جو پريل فائل
ڦاڙي ڇڏڻ ٿي چاهيان
مون گڏ رهڻ کي گناهه جو نالو ڏئي ڇڏيو آهي

گناهه جنهن جي شڪل رات ۽ ڏينهن ٻنهي ۾ ٻه
هڪ جهڙي ئي هوندي آهي
وقت مونکي وراثت جو گوشت سمجهي کاڌو آهي
ماڻهو مطلب نڪرڻ ڪانپوءِ
ڪتن وانگر پُڇ ٻه ناهن لوڏيندا
هاڻ آئون ٻه پاڻ کي
ڪپڙن کان آجو رکڻ نٿي چاهيان
آئون نٿي چاهيان تہ
منهنجي جواني جو سڄو حساب
منهنجي پيريءَ کان ورتو وڃي
ان ڪري مون تجربن کان طلاق وٺي ڇڏي آهي
هاڻ آئون آئينا ڏسڻ ٻه پسند ناهيان ڪندي
آئينا جيڪي تجربن جهڙا هوندا آهن
آئينا جيڪي پروسن جيان پڇي پوندا آهن
آئينا جيڪي ڪنهن ٻه وقت هٿن مان ڪري ٽا سگهن.

# بارش ۾ پُسيل نظم

بارش ۾ پسي ويل منهنجو پهريون نظم
مونکي اُجان تائين سمجهه ۾ اچي ناهي سگهيو
نظم جيڪو پيار جو پهريون گواهه آهي
جيڪو هاڻ موسمن جي حالتن هٿان هلاڪ ٿي چڪو آهي
آئون اڪثر اهو ئي سوچيندو رهندو آهيان ته
گواهن جو اچانڪ گم ٿي وڃڻ
ماڻهو کي ايئن به ماري وجهندو آهي..!؟
جيئن اڄ آئون پهريون پيرو مري چڪو آهيان
مون وٽ هاڻ ڪا به گواهي ناهي بچي
توتي پنهنجو حق جتائڻ جي لاءِ
بارش منهنجي پيار جي گواهي جي پهرين قاتل آهي
آئون آسمان جون جهڙاليون اکيون ڏسي
پنهنجون اکيون اگهڻ لڳندو آهيان
غم جي گوڙ منهنجي خاموشي کان الاهي وڏي آهي
مون هاڻ ڪچن پنن تي نظم لکڻ ڇڏي ڏنا آهن
تنهنجي پيار جا سمورا ثبوت
آئون دل جي ديوارن تي لکڻ لڳو آهيان
هاڻ منهنجن نظمن کي بارش ۾ پچڻ جو ڊپ ناهي
هاڻ منهنجا نظم بارش ۾ وهنجڻ جيڏا ٿي ويا آهن.

□

# ازل جي اُڃ ...

هوءَ درياهه جيڏي اُڃ کڻي نڪتي هُئي
اُڃ جيڪا اکين جو پاڻي بہ پي ويندي آهي
اُڃ جيڪا ڪربلا تي ماڻهو کُهي ڇڏيندي آهي
گهر ۾ گهٽيءَ جي اُڃ
ڳوٺن ۾ شهرن جي اُڃ
نسلن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيل اُڃ
جيڪا هوءَ صُبح کان ڳولهيندي رهي
هُن جو پنڌ دلي جي پرجي وڇڻ جيترو هو
هوءَ شام جي لڙي وڃڻ کان اڳ
وري اچڻ جو واعدو
پنهنجن اکڙن جي اُداسين سان ڪري نڪتي هُئي
پر اُڃ هن جي عمر کان الاهي وڏي هُئي
هنُ ڪڏهن بہ سمنڊ پي وڃڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي هُئي
پٿائي تنهنجي سُڪار واري سنڌ
ڪيڏي نہ اُجاري ڇڏي وئي آهي
اُڃ جيڪا هاڻ ٻچا بہ ڪائيو تي ڇڏي
اُها ئي ازل جي اُڃ
هوءَ دلي ۾ درياهه وجهڻ لاءِ نڪتي هُئي
جنهن کي صحرا پاڻي سمجهي پي ڇڏيو آهي...!

نوٽ: ڪاڇي جي عورت تي لکيل جيڪا پاڻي جي تلاش ۾ نڪتل پنهنجي ننڍڙي ٻار سان گڏ صحرا ۾ رُلندي ئي مري وئي.

## هوءَ منهنجي آوارگيءَ کان الاهي وڏي آهي...

هُن کي سوال ڪرڻ جي وڏي سُڌ آهي
هوءَ هر سال امتحان ۾ پهريون نمبر کڻي
ڪيترا ئي ميڊل ماڻي وٺندي آهي
سندس سوالن جا صُبح مون مٿان سج ٿي اُڀريا آهن
آئون سندس قرب جي ڪاڙهن ۾ پلجندڙ پهريون ماڻهو آهيان
سندس سوالن جي سطح
وجودن جي ماپ کان الاهي مٿي هوندي آهي
هوءَ مونکي ڪائنات جو پهريون پنڌ لڳندي آهي
مون هُن ۾ ڪيترائي رولاڪين جا رڻ رُليا آهن
هوءَ پيار جي اک مان نڪتل عشق جو اُلاءُ آهي

جيڪو ڪنهن به وقت ماڻهو مٿان ڪري ٿو سگهي
آئون ڪيترائي ڀيرا هُن مان پاڻ کي ڳولهي ۽ پاڻ کي
وڃائي آيو آهيان
هوءَ محبتن جي ميدان ۾ فتح جي نشان جهڙي آ
هُن جي اک سمنڊ کان به گهري آ
جنهن ۾ ماڻهو ته ڇا پر غوراب به گم ٿي سگهن ٿا
هوءَ جڏهن به سوالن جا سڏا وار مون مٿان ڪندي آهي
ته آئون ڪنهن پادري يا پنڊت جيان ڳيت سان
ڪيتريون ئي ڳالهيون ڳيهي ويندو آهيان
جنهن جو اندازو هوءَ پاڻ مرادو ئي لڳائي وٺندي آهي
هُن جي سمجهه جو ستون آسمان
منهنجي آوارگيءَ کان الاهي وڏو آهي
هوءَ ڳولها جو نئون ناول لکڻ وقت
الائي ڇو خُدا جيان خاموش ٿي ويندي آهي
پنهنجن سوالن جا جواب نه ملڻ تي.!!

## هي اُهي ڏينهن هئا ...!

پاڻ اُنهن ڏينهن ۾ پيدا ٿياسين
جڏهن ڳوٺ جون عورتون را ڳيل پٽ تي
اڱارن سان ليڪا ڪڍي تاريخون ياد ڪنديون هيون
ڪچن گهرن جي ڇتن مان
آسمان جا تارا بہ ڏسي وٺبا هئا
هي اُهي ڏينهن هئا
جڏهن جنگ تلوار سان وڙهي ويندي هُئي
۽ ماڻهو جو قد گهوڙي جي ٻوڙ جيڏو هوندو هو
دلين جي پڪيڙ ڌرتيءَ جيان زرخيز هوندي هُئي
هي اُهي ڏينهن هُئا

جڏهن تنهنجي جواني چولي جي ماپ مان
منهن ڪڍي ٻاهر نڪري آئي هُئي
۽ ڳوٺ جي ڇوڪرن لاءِ ڪنهن معجزي مثل هُئي
تاپوءِ راند ۾ آئون هميشه توکان هارائي ويهندو هُئس
تنهنجا ڏنل ڇال مونکي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندا هئا
هي اُهي ڏينهن هئا
جڏهن وڏا مينهن پوندا هئا
پڇڻ ۽ سڪڻ ۾ به صبح ٿي ويندا هئا
ڪليل اکڙن جيان عشق اوڙڪون ڪريو پيا وسندا هئا
دل جي داڻن مٿان جدائين جا جنڊ نه هلندا هُئا
اڄ اُهي ڏينهن آهن جو
آئون تنهنجي پير جي ورتل ماپ وارو
سڀ به ڪنهن کي ڏيکاري نٿو سگهان
اڄ اُهي ڏُينهن آهن جو
آئون سڄو ڏُڪار جي ويو آهيان
۽ تون مون مٿان وسڻ به نٿي اچين.!
□

## هڪ انڌي ماڻهو جو ڪيل سوال ...

رات ڪي تارن جون اکيون آهن
سچ ۽ چنڊ جي پرڇي جي تاريخ آخر ڪڏهن مقرر ٿيندي..!؟
ڏڪي جي سگ تي بيٺل دنيا
گليلو جي گواهي ڪانپوءِ توازن وڃائي ويٺي آهي
عقيدن جي انڌي گهوڙي تي چڙهيل ماڻهو
ڪيڏو نہ پٽ تي ڪري پرزا ٿي پيو آهي
آئون پنهنجو چهرو
آئيني ۾ ڏسڻ جهڙو بہ ناهيان رکي سگهيو
ٽٽڻ ڪانپوءِ وري ڳنڍجڻ
محبتن لاءِ مڪروهہ ٿي پوڻ جي برابر هوندو آهي
نڪ جي سڌائي تي سڌو هلندڙ ماڻهو

وقت جي ويڙهه جو پهريون شڪار هوندو آهي
پٿر جي گهرن ۾ رهندڙ مٽيءَ جو ماڻهو
ستر سينٽي گريڊ گرمي پد تي پهچڻ ڪانپوءِ به
پاڻ ۾ هلڻ جهڙو ئي ناهي رهيو
زمين ۽ آسمان جو ميلاپ
بارشن ۾ ئي پاڪر پائيندو آهي
بجلي جي بحران جهڙا ڏينهن
مون رات جي اونداهين ۾ اڪيلي سر ئي ڪٽيا آهن
تباهي جو تعلق ته زمانن جي زبان چڪيو باهر ڪڍيو بيٺو آهي
خوف منهنجي خاموشي جو پهريون قاتل آهي
آئون حيران ته تڏهن ئي رهجي ويس
جڏهن هڪ انڌي ماڻهو اهو سوال ڪيو ته
ڇا خدا ڪي به اڪيون آهن..؟
جيڪڏهن خُدا کي اکيون آهن ته !
آئون انڌو ئي رهڻ پسند ڪندس..!

## منهنجا گناهہ ڪيڏا غريب آهن

بارش وسڻ ڪان پهرين
آئون تو مان پڄي چُڪو هئس
اکين جي تارين تي خوابن جا پکي
جڏهن بہ اچي ويهندا آهن
آئون توکي ئي ياد ڪندو آهيان
نديءَ مان درياهہ جهڙو وهڪرو
مون تو مان ئي وهندي ڏٺو آهي
پاڻ جڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي پاڻ ۾ ڏوئي
دنيا اڳيان سڪايو آهي
تہ ماڻهن کي نئين موضوع تي ڳالهائڻ جي
ڏکي مُهلت ملي ويندي آهي

ڪاش منهنجي زبان ڪي ٻه اکيون ملي پون
ته آئون انسان جي انڌي هُجڻ تي کُلي ڳالهائي سگهان
ثواب جي صليب تي ٽنگيل
منهنجا گناه ڪيڏا نه غريب ٿي ويا آهن
ڳٽپ جي اڳيان ڏنل ٻڪنډ کي تون ئي کولي ٿي سگهين
ماڻهو تنهنجي دن مان خلق ٿيڻ جي گواهي ڏيڻ کان
الائي ڇو اڳ ۾ ئي گمراه ٿيو ٿا وڃن
آئون پنهنجا موضوع مٿائي پاڻ کي مارڻ نٿو چاهيان
پنهنجي پيار جي عمر کي آڱرين تي ڳڻي
هاڻ ته آئون به ياد حافظ ٿي ويو آهيان
تون منهنجي اُگهاڙپ جو پهريون لباس آهين
جنهن کي آئون پاڻ تي ئي اوڍي ڇڏڻ ٿو چاهيان
تون منهنجي وجود مان وڻ ٿي موربندي رهو
۽ آئون تنهنجي پيار جي بارش ئي ۾ ڇچندو رهان.

□

# تجربن جي تڪ ۾ ٻڏي ويل ماڻهو

آئون تنهنجن واعدن مان وڃائجي ويل پهريون شخص آهيان
محبت جي مم منهنجي زندگي جا گوڏا چٽي
مونکي هڪ ئي جڳاءِ تي ويهاري ڇڏيو آهي
پيار جي ڪتاب جو پهريون سبق مون توکان ئي سکيو هئو
منهنجي عمر جي اڪ
تنهنجي تجربن جي تاريخ کان ڪافي ننڍي هئي
آئون پنهنجي معصوم محبت کي
ڪيئن ٿي سمجهائي سگهيس ته
تجربن جي تڪ ۾ ماڻهو پاڻهن تائين به ٻڏي ويندو آهي
جنهن جي واپسي ضايع ٿيل زندگيءَ ڪانسواءِ
ٻيو ڪجهه به ناهي هوندي
سچ سان اڪيون ملائڻ جي عمر
آئون تو وٽ ئي وڃائي آيو آهيان
پر مون تو مان هڪ تجربن جي تاريخ هٿ ڪري ورتي آهي
جيڪا عشق جي اک کان الاهي وڏي آهي
جيڪا ماڻهو کي ڪائي وڃڻ جي سگهه رکي ٿي
جنهن اڳيان احساس ۽ ارادن جون اکيون انڌيون ٿي وڃن ٿيون
هاڻ مون به پنهنجا انڌا ڏينهن
واندڪائي مهل توکي ئي ڏئي ڇڏيا آهن
هاڻ آئون به تنهنجي عمر جي اک جيڏو ٿي ويو آهيان
۽ هاڻ آئون به تجربن جي تاريخ کي سهيڙڻ لڳو آهيان....

## ورٿي ۾ مليل بُڪ ...

نندپڻ جي پهرين مليل نشاني
منهنجي زندگي جي پاند ۾ اجان تائين ٻڌل آهي
جنهن سان اسانجو
خانداني سڃاڻپ جو سلسلو هلندو پيو اچي
مون بُڪ جي پهرين شڪل
امان جي ڀنل اکين مان ڏسي ورتي هُئي
پاڙي مان مليل ٽڪرن تي گذارو ڪرڻ
۽ هڪ ويلي جي ماني تي
سڄي زندگي جي لکت جي فيصلي
منهنجي سمجهه جي سمنڊ ۾ هلچل مچائي ڇڏي آهي
آئون نٿو چاهيان تہ
اها ورٿي ۾ مليل بُک

منهنجا ڪيترا ئي نسل ڪائي ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ
منهنجي ايندڙ نسلن جو بہ نقصان ڪندي...!؟
منهنجي زندگيءَ جو هر ذبح ٿيل ڏينهن
اڄ بہ رت روئي رهيو آهي
آئون زندگي جي لڪت جو پهريون باغي آهيان
مونکي پنهنجي ٻُک سان بغاوت جو پورو حق ملڻ کپي
تنهنجي هجڻ جا سمورا هند
مون هينئين سان هٿوراڙيون ڏيندي ڳولهيا آهن
پنهنجي زندگي جي نئين لڪت لاءِ
آئون سور جو ستون آسمان بہ اُکرڻ لاءِ تيار آهيان
لڪت ۾ ڪيل فيصلا جيڪي زندگيون ڪائي ڇڏيندا آهن
آئون تنهنجي هجڻ جي احساس تي
پاڻ کان ڪيڏو نہ پري ٿي ويو آهيان
مونکي منهنجي ساهہ کڻندڙ زندگي موٽائي ڏي
۽ مونکان پنهنجي لڪت واري ٻُک واپس وٺي وڃ.

## مون توکان ئي سکيو آهي

منهنجي ٻُڏي وڃڻ جي ڳالهہ ٻڌي
تنهنجو درياهہ تي نڪري اچڻ
اها ڳالهہ منهنجي لاءِ ڏاڍي حيرت ناڪ هئي
آئون پنهنجي وڃائجي وڃڻ جو سبب
پاڻ کان ٻاهر ئي ڳولهي رهيو هئس
پر اٽي ٻاٺري ۾ رهجي ويل
منهنجو پهريون نظم
شاعريءَ جي فني حوالن کان تہ ڪافي اٽڃاڻ هو
پر پيار جي احساس جي گواهي جو

مضبوط دليل ضرور هُئو
ماڻهو جو ماڻهو مان ئي دريافت ٿيڻ
مون توکان ئي سکيو آهي
مون پنهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب
ٻُڌي ويل ماڻهن جي اکين کي ارپي ڇڏيو آهي
۽ پنهنجو پاڻ کي مون
تو ساڻ ئي منسوب ڪري ڇڏيو آهي
آئون پنهنجي زندگيءَ جا سمورا سال
عمر جي اک جي انڌي ٿي وڃڻ کان پهرين
توکي ئي ڏئي ڇڏڻ ٿو چاهيان
آئون پاڻ ۾ جيئڻ و رهڻ جي لاءِ
صرف تنهنجي جواني جي جاگرافي پڙهي ڇڏڻ ٿو چاهيان
تون پيار جو اهو لامڪان آهين
جتي محبتن جا فرشتا نينهن جي نماز پڙهڻ ايندا آهن
ڌرتي ۽ آسمان جا ٻئي پُڙ
تنهنجي مُرڪ جي توازن سان ئي توري ٿا سگهجن
اهو اندازو مون ان وقت ئي لڳائي ورتو هو
جڏهن تون درياهه تي اچي نڪتي هئينءَ
۽ آئون تنهنجي ئي اکين ۾ ٻُڏي ويو هئس.

## آئون پنهنجي لاوارثيءَ جو اڪيلو گواهه آهيان

مونکي تو ۾ وڃائجي وڃڻ جو حق
ڪڏهن حاصل ٿيندو
آئون جيڪو پنهنجي لاوارثيءَ جو اڪيلو گواهه آهيان
ڪائنات جيڪا تنهنجي اک جي گولائي ۾ ئي
گم ٿي ويندي آهي
آئون توکي دل جي دنيا مان ئي دريافت ڪرڻ ٿو چاهيان
تون منهنجي اڏاوت جو پهريون بُرج آهين
جنهن تي بيهي آئون عشق جو اعلان ڪري ٿو سگهان
مون تو مان پاڻ کي ڪيترائي ڀيرا گهڙيو آهي
۽ منهنجي ڏهي پوڻ جو جواز بہ
تنهنجي جدائي ڏانهن ئي وڃي ٿو
آئون جڏهن بہ تارا ڳڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان تہ
مونکي تنهنجي ڇهري جا ڳڻيل تر ياد اچي ويندا آهن
تون پيار لاءِ ايتري تہ اڪثير آهين
جنهن مان محبتن جا ڪيترائي مريض
صحتياب ٿي سگهن ٿا
مون هاڻ
خوابن جي گهوڙي تي سواري ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي
تون منهنجي ساڀيان جو اهو سچ آهين
جيڪو هڪ ڏينهن ضرور مون مٿان اُپرڻو آهي
آئون پاڻ ۾ توکي ئي تلاش ڪندو رهان ٿو
تون مون مٿان لٿل پيار جو پهريون ڪتاب آهين
جنهن کي آئون اڪيلي سر ئي پڙهڻ ٿو چاهيان
آئون پنهنجي تاريخ ۾ تبديل ٿيڻ ٿو چاهيان
زنده رهڻ ڪان وني آئون تو ۾ ئي مري وڃڻ ٿو چاهيان.

□

## آئون پنهنجي اکين کي زنده رکڻ ٿو چاهيان

مون پنهنجون اکيون
اُنهن ماڻهن کي ڏئي ڇڏيون آهن
جيڪي توکي ڏسڻ جي خواهش رکن ٿا
پنهنجي وڇوڙي جو هي اٺون سال
مون انتظار جي آسمان هيٺان ويهي گذاريو آهي
تو ۾ درياه جي چاڙهه جو اچي وڃڻ ئي
منهنجي ٻُڏي وڃڻ جو سبب بڻيو آهي
تون پيار جي پني تي لڪيل اهو پهريون اکر آهين
جيڪو هاڻ وضاحتن ڪان بہ وڃائجندو پيو وڃي
مون وٽ تنهنجي مُحبت جي ميڙي چونڊي ڪانسواءِ
پيو هاڻ ڪجهہ بہ ناهي بچو

دلين جي دنگن تي لڳي ويل درد جا ڪلا
توکان سواءِ ٻيو ڪير ڪيڏي ٻه ڪير ٿو سگهي..!!؟
آئون پنهنجي من ۾ پريل محُبتن جا مٽ
تو مٿان ئي هارڻ ٿو چاهيان
تون جيڪا سمنڊ جي سامهون بيٺل لهر جو اُپار آهين
آئون پنهنجا آئيندا ٻه
تنهنجي اچڻ لاءِ پٽن تي پوکي ڇڏڻ ٿو چاهيان
تون منهنجي وجود ۾ وڻ ٿي موري پئو
آئون تو مٿان شاعريءَ جا
صحيفا لاهڻ جي ڪوشش ڪندس
آئون پنهنجي فنا ۾ ڦٽڪي مرڻ نٿو چاهيان
تون ئي تہ منهنجي دنيا جو پهريون دليل آهين
جنهن سان جياپي جي جنگ وڙهي سگهجي ٿي
آئون پاڻ مان توکي ڪيئن ٻاهر ڪڍان
تون جيڪا منهنجي تسلسل جو توازن آهين
آئون نٿو چاهيان تہ تون منهنجي اکين کان پري ٿي وڃين
آئون مري وڃڻ ڪانپوءِ بہ
پنهنجي اکين کي زنده رکڻ ٿو چاهيان
اُنهن ماڻهن ۾ جيڪي صرف توکي ئي ڏسڻ ٿا چاهين.

## تون منهنجون اکيون پاڻ وٽ سنڀالي رکجان

قتل ٿي وڃڻ کان پهرين
تون منهنجون اکيون پاڻ وٽ سنڀالي رکجان
اکيون جيڪي مٽيءَ جو
معيار ماپي سگهنديون آهن
اکيون جن سان مشاهدن ۽ معاهدن جي
ماپ ڪري وٺبي آهي
آئون ديس کي انڌو ڏسڻ نٿو چاهيان
منهنجي وطن جي وڻن جيان اوچا
منهنجي ڌرتي جي سپاهين جا قد آهن
آئون نٿو چاهيان تہ منهنجا ارادا
توکي ڏسڻ کان اڳ اکيون پوري ڇڏين
تون جيڪا رت جو درياهہ پار ڪري
پوءِ مون وٽ اچڻي آهين

مون تنهنجي لاءِ ڪيڏا نہ گيت لکي رکيا آهن
چاهيان ٿو تہ سي سيئي توکي ئي ٻڌائجن
تون جيڪا روح جي رڌم ۾ تاٽيل تند جيان آهين
آئون تنهنجي وڄت جو آواز
پنهنجن ئي ڪنن سان ٻڌڻ ٿو چاهيان
مون زندگيءَ ۾ ڦريون ڦيرو توکي ئي سڏيو آهي
اڄ منهنجي آسمان ۾ پنهنجي روشنيءَ جا رنگ ڀري وڃ
مونکان هاڻ هيءَ خزان جي موسم برداش نٿي ٿي
آئون نٿو چاهيان تہ توکي ڏسڻ کان اڳ مري وڃان
تون منهنجي ڌرتي جي ڦرين بهار آهين
جنهن جي آئون غيرتن جي ڳاڙهن گلن سان
آجيان ڪرڻ ٿو چاهيان
تون منهنجي تاٽيل تلوار جي اُها اُک آهين
جنهن جي تجلن منجهان آئون روز توکي ڏسي وڻندو آهيان
اي ڌرتي تنهنجي ڏُن جو آواز
جڏهن بہ منهنجن ڪنن سان ٽڪرايو آهي
تہ مون تنهنجو ئي گيت ڳايو آهي
هڪ اهڙو گيت
جنهن سان زندگي گڏ رهڻ جو وچن ڪري چڙيو آهي
منهنجي ديس جا ڳڀرو تنهنجون ڳالهيون ٻڌي
روز پاڻ کي ڦهاڙن سان ٽڪرائين ٿا
سندن سينون آرهڙ جي اُس کي
سامهون ٿي بيهڻ جي سگهہ رکي ٿو
سندن همٿ سمنڊ جي اُڇل کان بہ وڏي ٿي چُڪي آهي
مائرن بہ پنهنجن تازن چاول ٻارن کي

ٿيج سان گڏ تنهنجي ئي سُتيءَ جو سڏ پياري ڇڏيو آهي
مون تنهنجي واقفيت
پنهنجي ڌرتيءَ جي ڌنارن سان به ڪرائي ڇڏي آهي
جيڪي روز تنهنجو انتظار ڪن ٿا
عشق جي پوک ۾ اسان صرف آزاديءَ جوئي ٻج پوکيو آهي
جيڪو هاڻ پچي راس ٿي چڪو آ
تون منهنجون اکيون منهنجي قتل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به
پاڻ وٽ ئي سنڀالي رکجان
ڇو ته
هو منهنجون اکيون ان ڪري ئي ڪڍي ڇڏڻ ٿا چاهن
جو منهنجن اکين صرف
آزاديءَ جا ئي خواب ڏسڻ پسند ڪيا آهن
آئون نٿو چاهيان ته
منهنجي اکين سان گڏ منهنجا خواب به مريا وڃن.

## ڌرتي کي ڏنل رت هاڻي آخري ڇُمي ...!

تون تاريخ جو سڀ کان وڏو سچ آهين
گوليءَ جو گهاءُ تنهنجي معيار کي ماري ناهي سگهيو
تنهنجي هڪ ماءُ
تنهنجي صدمي ۾ مري وئي آهي
تہ تنهنجي ٻي ماءُ
ڌرتي تنهنجي لاءِ جاڳي پئي آهي
تنهنجي رت جي ڳُرڙي
غيرت کي جاڳائڻ جي لاءِ ڪافي آهي
سنڌ اڄ تومان ئي ساهہ کڻي سڌي ٿي بيٺي آهي
باهہ تي هلڻ جو فن هاڻ قوم کي بہ سکي وٺڻ کپي
ڌرتي جيڏي جنگ
هنر ڪانسواءِ ناهي وڙهي سگهبي
ڳروڙي تنهنجي پيشنگوئي جو پنڌ

اسان تائين پُڄي چڪو آهي
قنڌار جي کاڙي
اسانجي وجود جي وڻ کي وڍڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي
هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين جي ڳالهه
ڀتائي ڪيڏي نہ اڳ ڪري ڇڏي هئي
سمنڊ ۾ اُٿل جو آثار تہ
ڪڏهون ڪو چاڙهه چڙهيو بيٺو آ
سُڪاٽا مر سمهو جي ڳالهہ ڪي سمجهڻ جي ضرورت آهي
غلامي جو ڀِريون گهر
ذهن جي زمين تي خوف جي هٿن سان اڏيل هوندو آهي
جنهن کي صرف
همٿن جا هٿوڙا ئي ڍاهي ٿا سگهن
دلالي جي پئسن مان ڪيري جو ڪونوت ناهي ٿو سگهجي
پر وطن جي ويڙهہ جو سپاهي نٿو ٿي سگهجي
تنهنجي عمر جي اک
عرغونن جي ننڊ ۾ خلل وجهي ڇڏيو آ
تنهنجو رت هن صديءَ جو سڀ کان وڏو صدمون آ
تون اهو ڳاڙهي رت جو ڪُنل قلندر آهين
جنهن مٿان ڌرتي جي ڌمال لڳٽي آ
تنهنجي رت هاڻي آخري چُمي کي
اڄ ڌرتي پنهنجي سيني تي سجائي ڇڏيو آ.

نوٽ: ارشاد رانجهاڻي جي قتل تي لکيل

□

## آئون چاهيان ٿو ...

آئون چاهيان ٿو تہ
مون وٽ پنهنجو سج هُجي
پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجو ٻج هُجي
آئون چاهيان ٿو تہ
منهنجو آسمان منهنجي ئي مٿان تارن سان ڀريو پيئو هُجي
جنهن کي آئون جنهن بہ وقت چاهيان تہ ڏسي وٺان
آئون چاهيان ٿو تہ
مونکي پنهنجي ڌرتي جي والار جيڏو وطن هُجي
جنهن ۾ آئون پنهنجي چنڊ کي
اکين جي اڱڻ تان ويهي ڏسي سگهان
آئون چاهيان ٿو تہ

وقت جون واڳون موت جي هٿن ڪان ڦُري
زندگيءَ جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏجن
درياهه جي ڏُن ڪي
سمنڊ جي سيني تي ويهي ڳائجي
آئون چاهيان ٿو تہ
پيار ڪي نئين انداز سان پوکجي
جنهن منجهان رڳوئي محبتون موري اچن
نينهن جي سائي نم ۾ لڳن جي لوڏ تي لُڏجي
آئون چاهيان ٿو تہ
تلوار جي اک سان ماٿهو جي ڪنڌ ڪي نہ ماپجي
انصاف جي اکين تي ٻڌل ڪاري پٽي کي کولي ڇڏجي
آئون چاهيان ٿو تہ
مونکي پنهنجو وجود هُجي
پنهنجا وڻ هُجن پنهنجا پکي هُجن
پنهنجي خزان هجي پنهنجو بهار هُجي
آئون چاهيان ٿو تہ
مونکي پنهنجا ئي ڏينهن هُجن
۽ پنهنجون ئي راتيون هُجن
جن منجهان صرف پاڻ مان ئي اُپرجي
۽ پاڻ ۾ ئي لهجي
آئون چاهيان ٿو تہ
تو ۾ ئي زنده رهجي
۽ تو ۾ ئي مري وڃجي.

□

# اعتبار جو آسمان

اعتبار جي آسمان تان هيٺ ڪرڻ ڪانپوءِ
هوءَ رات جو گهر کان ٻاهر
چنڊ ڏسڻ به ناهي نڪرندي
هُن جو هاڻ ماڻهو تہ ڇا پر
خُدا تان بہ اعتماد کڃي چُڪو آ
هوءَ سرنهن جي گُلن جهڙي گهاٽي ڇوڪري
اڄ واعدن جي واپار ۾
وڏو نقصان ڪري ويٺي آ
پيار جي پينگ تي لڏڻ جو تجربو
ڪيس تڏهن ٿيو
جڏهن روح جا رسا
وجود جي وڻ مان ٽُٽي پٽ تي ڪري پيا هئا
هوءَ اڄ بہ پنهنجو
پٽ تي ڪري پيل ڀڃريون پيار
ڳولها جي ڳنڍ ۾ ٻڌيو کڻيو وتي
ماڻهو جو قد
مفاد جي پوريل مُٺ جيترو آخر ڇو ٿيندو آ...!؟
ڇا جسم جي لتاڙجو ڀڃريون نالو ئي پيار آهي...!؟
جي ايئن آهي تہ پوءِ
زهر مان پريل ڍُڪ جو ٻيو نالو
عورت ئي تي سگهي ٿو
ڪائنات جو سڀ کان وڏو نقصان تہ
عورت جو مري وڃڻ ئي آهي
۽ اڄ ڪانپوءِ آئون تولاءِ مري وئي آهيان.

□

## وصيت نامون

آئون تڏهن ڄائو هئس
جڏهن ڏُڪار جا ڏينهن هئا
۽ ماڻهو لڏپلاڻ جا سانپا ڪري رهيا هئا
ٻُڪ جو وزن ماڻهو کان وڏي وڏو ٿي چُڪو هو
امان پنجون ٻار ڄڻڻ ڪانپوءِ بہ
مٽي تي مٽيءَ جا ڏلها ڪٽي
گهر راڳڻ جو ارادو ڪري رهي هئي
پاڙي جون عورتون پنهنجن مردن کي ميارون ڏئي
وطن ڇڏڻ لاءِ زور ڀري رهيو هيون
ان وقت بہ اڪيلائي جو اُڀريل سج
امان کي سهڪائي نہ سگهيو هو
سُهاڳ جي وڃائجي ويل سوني چوڙي جو درد
امان ڪڏهن بہ ڳوٺ جي مائين سان نہ ونڊيو هو
جيءَ ۾ جانڪڻ جيڏا ڏک
امان روز اسانکي ماني سان گڏ پڇائي ڏيندي هئي
جن کي کائي
ڏکن جي ڏينهن تي ئي ڊئو ڪري ونبو هو
امان بابا جي زنگيل تلوار کي روز ٻاهر ڪڍي
واپس مياڻ ۾ رکي ڇڏيندي هئي

جيڪا اُن وقت اسانجي عمر ڪان الاهي وڏي هئي
۽ جاري ۾ رکيل گهوڙي جا سنج بہ پئي صاف ڪندي هئي
آئون پنهنجي عمر جي ارڙهين سال تي مس پهتو هئس
هڪ ڏينهن صندوق کي صاف ڪندي
امان هڪ رت مان ڀريل خط مونکي پڙهڻ لاءِ ڏئي
اڱڻ کان ٻاهر نڪري اُس ۾ وجي ويهي رهي
خط جي پهرين پني تي لکيل
بابا جو وچن نامون هو
جيڪو جنگ جي ميدان ۾ مارجي وجڻ وقت
بابا جي ڳچيءَ مان ٿي مليو هو
جيڪو وصيت موجب امان کي
مونکي ٿي پاراڻو هو
هاڻ آئون بہ بابا جي تلوار کي
مياڻ جي موت کان ٻاهر ڪڍي آيو آهيان
۽ گهوڙي جي سواريءَ لاءِ سنج بہ صاف ڪري رهيو آهيان
جنگ جو هُنر مونکي ڏرتيءَ جي تتل تاريخ مان
وراثت ۾ مليل آهي
هاڻ آئون بہ پنهنجي پٽ لاءِ
هڪ اهڙو ئي خط لکي ڇڏڻ ٿو چاهيان
جنهن ۾ وطن جي وارثيءَ جو رت شامل هجي
جيڪو مونکان پوءِ هر پيءُ پنهنجي پٽ کي
وصيت طور لکڻ ۾ فخر محسوس ڪري.

□

# غيرت جو گيت

غيرت جي ڳالهہ تي
مونکي گيت لکڻ ناهي ايندو
آئون جيڪو فطرت جو شاعر آهيان
منهنجي شاعري جا موضوع
چنڊ، سمنڊ، تارا، آسمان، گل ۽ محبوب جا چپ آهن
غيرت جو موضوع
منهنجي شاعري جي معيار تي پورو نٿو لهي
آئون آسمان جي بادلن تي ويهڻ جهڙيون تشبيهون
ڏيئڻ ۾ وڏي مهارت رکندو آهيان
منهنجي شاعري پاڻي تي تہ هلي سگهي ٿي
پر رت جي ديارهہ تي هلڻ جو هُنر ناهي سکي سگهي
محبوب جي موضوع تي آئون
ڪيترا ئي ڪتاب لکي وٺندو آهيان
سندس اکين کي نظمن جي ڊگهين سٽن جو ساهہ ڏئي
لفظن جي لشڪرن سان
تعريف جا تاج بہ پارائي وٺندو آهيان
پر الائي ڇو غيرت جي ڳالهہ تي
مونکان منهنجي شاعري
گوڏن ۾ منهن هڻي ڪنڌ لڪائي ويهي رهندي آهي
ڪيترائي ڀيرا آئون پنهنجي شاعري کي
غيرت جا گيت لکرائڻ جي لاءِ
شهيدن جي قبرن تي بہ وٺي ويو آهيان
پر سندس سمجهہ جو سج
اُوڀر کان اُڀرڻ جي ڳالهہ ئي نٿو ڪري

جيڪڏهن حقيقتن جي حڪيمن وٽ ڪو
ان مرض جو علاج آهي تہ
ضرور مونسان رُجوع ڪن
تہ جيئن
آئون پنهنجي شاعريءَ کي ڪا غيرت جي غوري
گهوٽي ڏئي سگهان
۽ اُن جا موضوع ۽ مزاج بہ تبديل ڪري سگهان
آئون نٿو چاهيان تہ
منهنجي شاعري مونسان ئي گڏ مري وڃي
آئون پنهنجي شاعري جي زندگي بچائڻ لاءِ فڪرمند آهيان
آئون چاهيان ٿو تہ منهنجي شاعري
تاريخ جي تکي تلوار مٿان پيرين اُگهاڙي هلي سگهي
سندس هر گهاءُ مان غيرت جو رت ٽمندي نظر اچي
منهنجي آخري خواهش اها ئي آهي تہ
منهنجي شاعري مان
ڪنهن بہ سسئي جو سڏ
پُڇاءَ جو پنهون ماڻڻ کا اڳ نہ مري
ڪا بہ ماءُ رڙين جو رڻ جهاڳي
ڳوڙهن جي ڳوٺ ۾ دفن نہ ٿي سگهي
ڪا بہ رات زندگي جي چنڊ جي اکين تي ٻڌل
ڪاري پٽيءَ جهڙي نہ لڳي
آئون پنهنجي شاعري جا مزاج
غيرت جي گيتن سان بدلائڻ ٿو چاهيان
تہ جيئن منهنجي شاعري جا پير
آسمان جي ٻجاءِ ڌرتيءَ تي ئي هجن.

## لاپرواهيءَ جو لباس

گهر جا سڀ ڀاتي چوندا آهن تہ
مونکي جيئڻ جو سليقو ناهي ايندو
لاپرواهي جو لباس
منهنجي عمر ڪان الاهي وڏو آهي
حيا جو لفظ واش روم ۾ وهنجڻ وقت ئي
مونکان وڃائجي ويو آهي
غيرت جي ٻاڙهي اڪ
ضرورتون پوريون نہ ٿي سگهڻ جي ڪري
پنهنجو رنگ تبديل ڪري ڇڏيو آهي
مون پنهنجي انين عشق ڪان بہ
علحيدگي اختيار ڪري ڇڏي آ
آئون پيار ۾ ضايع ٿيل حمل ڪانسواءِ

ڪجهه به حاصل ناهيان ڪري سگهي
منهنجي عمر جو انيتاليهون سال
اڃان به اڪ ۾ قُرب جو ڪجل پيرڻ ٿو چاهي
آئون تنهنجي پيار جو پهريون تجربو آهيان
۽ تون منهنجي جسم ۾ رهجي ويل
رت جو اُهو لوٽڙو
جنهن کي آئون تنهنجو ٻيو جنم ٿي چئي سگهان ٿي
پنهنجي ضرورتن جا ڏينهن به
هاڻ پوڙهپڻ تي اچي پڳا آهن
پنهنجي ملاقات جا ڪيترا ئي اڻ مڪمل ٻار
شهر جي گٽرن گم ڪري ڇڏيا آهن
محبت ماڪيءَ جيان مٺي هوندي به
الئي ڇو زهر وانگر ضايع ڪريو ٿي ڇڏي
تون منهنجي خواهش جو مري ويل آخري موضوع آهين
آئون پنهنجي اُگهاڙپ تان
تنهنجي عياشيءَ جا هٿ اُگهي ڇڏڻ ٿي چاهيان
۽ جڏهن به توکان اڌ رات جو اُٿي
گهر پهچي پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺو اٿم ته
منهنجي آخري رات وارا ڪپڙا ته
تنهنجي ئي ڪمري جي
پٽ ۾ لڳل ڪلئيءَ تي ئي رهجي ويا آهن

# همبستري

منهنجي اک تڏهن کان ڦڙڪڻ ڇڏي ڏنون هو
جڏهن کان هُن جي شادي ٿي وئي هُئي
گهوٽ گهوڙي جي سواري ڪانپوءِ سيج تي ئي سهندو آهي
حق شرع جا پئسہ
ڪنوار جي پهرين رات جي پگهر جو اُجورو هوندا آهن
مونسان ڪيل تنهنجا سمورا واعدا
آئون ڪيئن اڪيلا ڇڏي ڏيان
آئون اهو هرگز ئي نٿو چاهيان تہ پيار جا پراڻا پل
واندڪائي جي وندر کان کسي
خود کي خالي ڪري ڇڏيان
تنهنجي آڱر جي ماپ واري مون وٽ رکيل منڊي بہ
هاڻ سوڙهي ٿيندي پئي وڃي
توسان گڏ پرڻيل عورتون
پنهنجن مردن مان مائرون ٿي ويون آهن
۽ تون اڃان تائين
اُداسيءَ جي اک مان ڳڙيل ڳاله جهڙي ٿيندي پئي وڃين
پنهنجي ڇهري تي روئڻ جهڙي رات هاري
ڇوڙ لڳي تہ
خالي بستر تي سُمهڻ سان
حاملا ٿي وڃڻ کي معجزو ئي چئي سگهجي ٿو
پُٽ مڙدن جي ميراث هوندا آهن
۽ عورت هڪ اهڙو بوجھ
جنهن کي جيترو جلدي لاهي سگهجي اوترو ئي سُٺو

تنهن ڪري خيالي همبستري جي ڪدڙائپ مان
پُٽ ناهن ڄمي سگهندا
هو مونکي لفظي طور اڳ ئي ٽيون ڀيرو طلاق ڏئي چڪو آهي
پر آئوا اڃان به هن جي نڪاح پڙهايل زال ليکي وڃان ٿي
هاڻ آئون به ڪجهه سالن کان وٺي
رسمن جي رب کي ناراض نه ڪندي
ماٺ جي قبر جو قصو ٿي وئي آهيان
اڪيلي سر اکين مان لڙڪن جي درد جا ڏاڳا
پاڻهي ئي ڳڙي پوندا آهن
سمنڊ منهنجي اڪيلائي جو آخري گواهه آهي
گهر جون ديوارون مونکي درد جي ماءُ چونديون آهن
آئون پنهنجي ڄمر جي تاريخ جو وڃائجي ويل ورق آهيان
منهنجي ٻاروتڻ جا ڏينهن
حيض جي پهرين رات ئي مري چُڪا هئا
آئون هاڻ مردن جي اکين جو جلد مشاهدو ڪري وٺندي آهيان
وفا جي دڪان جو پهريون واپار دوکو ئي آهي
آئون تنهنجي خوابن ۾ اچڻ جهڙي ناهيان رهي
ها باقي هاڻ مون به تو جهڙا نظم لکڻ شروع ڪيا آهن
جن سان روز رات جو گڏجي سُمهندي آهيان
۽ صبح تائين
ڪيترائي نظمن جا ناجائز ٻار ڄڻي وٺندي آهيان.

□

## غيرشرعي

روز رات جو بستر جي چادر جو پڇي پوڻ
۽ چڪلي جي در وٽان گُذرندي
مونکي ڏسي وٺڻ ڪانپوءِ
بابا پاڙي جي ماسيءَ کي گهرائي
منهنجي شادي لاءِ فڪرمند ٿي پيو آهي
آئون پنهنجي جواني جي پهريئين ڏاڪي تي بيٺل
اڻ واقف ماڻهو
ڪيڏو نہ اڪيلو ٿي پيو آهيان
ان ڳالهہ جي ڳنڍ کولڻ جي لاءِ تہ
ماڻهو چڪلي ۾ ڇو ويندا آهن
چڪلي جي در مان نڪرندڙ
هڪ اڌ منهن ويڙهيل ماڻهو کان سوال ڪيم تہ
چاچا
چڪلو ڇاکي چئبو آهي...!؟
ڇپن تي ڦڪي مرڪ آڻي
هلڪو ٺهڪ ڏيندي چوڻ لڳو تہ
بنا دستاويز جي لکت واري عورت سان
مقرر ڪيل اگهہ جا پئسہ ڀرڻ ڪانپوءِ بہ

ان سان لڪ ۽ خوف ۾
اُگهاڙو سمهڻ ڪي ڇڪلو ڇئبو آهي
اهو هن معاشري ۾
غيرشرعي ۽ غيرقانوني ليکيو ويندو آهي
ها تڏهن وڃي ڪجهہ سمجهہ ۾ آيو تہ
بابا اهو هرگز ئي نٿو چاهي تہ
ڪو آئون غيرشرعي ۽ غيرقانوني ٿي وڃان
تنهن ڪري ئي شايد مونکي بہ
شاهدن سان گڏ دستاويز تي لکت واري عورت
وڻي ڏيئڻ ٿو چاهي
جنهن سان آئون
ڪنهن بہ وقت اُگهاڙو سُمهي ٿو سگهان.

# ماءُ

مون خُدا کان پهرين توکي ڳولي لڌو آهي
تون جيڪا ڪائنات جو محور آهين
دنيا تنهنجي ڏُن جي دائري مان وهي
وجود ۾ آئي آهي
آدم کان وٺي هن سڄي خلق کي
پوکڻ جي رسم جو رواج
توکان ئي تہ شروع ٿيو آهي
مون تنهنجي ٻانهن مان هميشہ
لوليءَ جو لاڀ ئي حاصل ڪيو آهي
تون اها ڇانوءِ آهين جنهن هيٺان
زمانا زندگيون گذاري اُس سان اکيون ملائي ٿا سگهن
منهنجي پکيڙ کي تنهنجي ئي پيار جا پر لڳل آهن
سڀ نديون تنهنجي وجود جو وهڪرو ٿيون لڳن
تون سمنڊ جي اُها اُٿل آهين
جيڪا بيابانن تائين بہ پاڻي جو پنڌ پڄائي ٿي ڇڏي
مون تنهنجي اکين مان عشق جو آسمان ڳولي لڌو آهي
تون اُهو جنت جو جزيرو آهين
جنهن منجهان رڳو محبتن جي ماکيءَ جا پريل مٽ ئي ملن ٿا
آئون تو مان گل ٿي ڦٽو آهيان
منهنجي آبياري توکان سواءِ ممڪن نہ هئي
تون زندگي جو اهڃڻ تہ گيت آهين
جنهن کي صرف دل جي ڌُن سان ئي ڳائي ٿو سگهجي
تون منهنجي جنم جي پهرين ڇيخ آهين
تون ئي ڪائنات جي تصوير جي تاريخ آهين.

□

## بُڪ جو اسٽال

واپار جي عالمي ڏينهن تي
ماڻهون پنهنجون خوشيون نئين سر خريد ڪرڻ جي لاءِ
اميدن جا اسٽال لڳايو ويٺا آهن
ميڊيا ڪيميرا جي اک سان جائزي جي جهان ۾ گم آهي
وقت پنهنجي پراڻي لباس ڪي لاهي
اروڙي تي اڇلائي ڇڏيو آ
جنهن ڪي پوئتي مڙي ڏسڻ جي به ڪيس فرست ناهي رهي
آئو پنهنجي زندگيءَ جي ڪُل ڪمائي ۾ مليل بُڪ ڪٽي

جڏهن اُس جي اسٽال هيٺان وڪرو لاءِ اچي وينس تہ
ماڻهن پنهنجي خوشين جي فروخت ۾
وڏو خلل پورڻ جي ڪري
منهنجي بُڪ جي لڳل اسٽال وٽان
هڪ ڍگهي چادر ٻڌي
مُهاڙي جو رُخ ئي مٽائي ڇڏيو
منهنجي بُڪ جو لڳل اسٽال
ميڊيا ۽ ماڻهن جي نظرن کان اوجهل ئي رهجي ويو
ماڻهو پنهنجون ننڍيون خوشيون وندر سان وڪڻي
وڏيون خوشيون کڻي گهرن ڏانهن واپس هليا ويا
۽ آئون پنهنجي بُڪ نہ وڪرو ڪري سگهڻ تي
ڪيس واپس گهر کڻي آيو آهيان
بُڪ جيڪا مون ۾ گهر ڪري وهي رهي آهي
بُڪ جيڪا منهنجا ٻچا کائي مچي مواڙتي پئي آهي
بُڪ جيڪا وڪرو ڪرڻ کان رهجي وئي آهي
بُڪ جيڪا هاڻ زندگيءَ جي اڳيان بيٺل
موت جهڙي پوائنٽي شڪل تي پئي آهي...

## تون ڪٿي آهين...! ؟

آئون اڪين مان درياهه ٿي اٿلي پيو آهيان
منهنجي سڪ جي سمنڊ ڪي
تنهنجي ڇڪ جون ڇوليون سُمهڻ ئي نٿيون ڏين
آئون پنهنجي مري وڃڻ جو اطلاع
پنهنجو پاڻ ۾ ڪٺي رُلي رهيو آهيان
دل جي دفن ٿي وڃڻ جا ڏينهن
تنهنجي وڃائجي وڃڻ ڪانپوءِ
مون پنهنجو پاڻ تي لهندي ڏٺا آهن
افلاڪ جي اک مان تہ ڪو بہ ڳوڙهو ئي ناهي ڳڙيو
پر مون تنهنجي آيتن جهڙين اکين ۾
ڪيترائي خدا جهڙا خواب ڏٺا هئا
جن جي ساپيان لاءِ تنهنجو هجڻ ئي لازم هو

تون ڪٿي آهين...!؟
اهو سوال
مونکان منهنجي ساهه جون نسون ڇڪيو الڳ ٿيو پيٺو آهي
گلن سان ڳالهيون ڪندي
آئون اڪثر توکي ئي ياد ڪندو آهيان
گُل ۽ پوپٽ مونکي تو جهڙا ئي لڳندا آهن
مُحبتن جا قافلا
مرڪن جي پيرن سان ئي سفر طئي ڪندا آهن
پر آئون تنهنجي وڇوڙي جو وڍ
جيءَ جي جُهري پوڻ تائين
پاڻ سان گڏ کڻي الائي تہ ڪيئن هلي رهيو آهيان
تنهنجي هُجڻ جي ڳالهہ
ڪٿ مونکان وڃائجي تہ ناهي وئي!؟
جو آئون پنهنجو پاڻ ۾ بہ خالي ٿيندو پيو وڃان
گهر جي اُداس اکين ۾ ڏيئن ٻرڻ ڇڏي ڏنو آهي
آئون هڪ ڪريہ ناڪ ڪاري ڪنڊ ۾
موت جهڙي شڪل کي پاڪر پائي روئي رهيو آهيان
سُرخ گُلن جون سُڪي ويل پنکڙيون
تو مٿان اڏامي رهيون آهن
۽ آئون ڳوڙهن کي ڳنڍيون ڏيڻ بنا ئي
تو مٿان نازبوئن جهڙا نظم لکي رهيو آهيان.

(نوٽ) پنهنجي جگر جي ٽڪڙي پنهنجي پٽ جي وفات تي لکيل.

□

## آئون پنهنجو پاڻ کي ڳولهي رهيو آهيان ...!

اڄ مونکي پنهنجو پاڻ کي ئي ڳولهڻون آهي
آئون وقت جي واندڪائي هٿان
اُهو مري ويل ماڻهو آهيان
جنهن جي ڪنن تائين
پنهنجي وڃائجي وڃڻ جو اطلاع بہ ناهي پُهچي سگهيو
منهنجا مُهاندا
مونسان مشابهت آخر ڇو نٿا ڏين..!؟
آئون پنهنجي زنده هجڻ جي هڪ بہ نشاني
هٿ ناهيان ڪري سگهيو
ٺهڻ ۽ ڊهڻ جو سلسلو
منهنجي وجود کان آخر ڪيترو وڏو آهي...!؟
اهو سوال آئون اڪثر سمنڊ کان ڪندو آهيان
سمنڊ جنهن جو ذائقو اڄان تائين مٺو ناهي ٿي سگهيو
آئون پنهنجا آثار ڳوليندي
هڪ وڏو اثاثو ٽيندو پيو وڃان
پاڻ کي پڙهڻ جا ڏينهن اڄ مون مٿان لٿل آهن
طبقن ۾ ورهايل
زمين ۽ آسمان جا سٽئي پُٽر
آئون پنهنجي مٽي تي رکي رُلي رهيو آهيان
پر آئون پاڻ کي ڳولهڻ جون ڳالهيون
ڪٿان بہ حاصل ناهيان ڪري سگهيو
ڪٿ آئون خود پرستيءَ ۾ اڇي
خُدا تہ ناهيان ٿي ويو...!؟

□

## سچ ڪٿي آهي ... ! ؟

سچ ڪٿي آهي....!؟
هيءَ هيڏي وڏي ڪاري رات جنهن جا چيڙا
منهنجي ٻانهن جي اوچائي ڪان ٻه مٿي ٿي ويا آهن
مونکي ننڊ جي نيئرن ۾ ڪير ٻڏي ويو آهي..!؟
ڪٿ آئون
تاريخ جي انڌي اک جو خواب ته ناهيان ٿي ويو..!؟
هاڻ مونکي منهنجي معصوميت تي ٻه ترس نٿو اچي
غم جي گلاس ۾ ٻڏل
آئون پنهنجي زندگيءَ جي زهر جا ڍُڪ پي
ڍئو ڪرڻ نٿو چاهيان
پر آئون مسلسل هلڻ ٿو چاهيان

هن رات جي پنڌ کي پورو ڪرڻ جي لاءِ
سج ڪٿي آهي...!؟
اها ڳالهه مونکي ڏرتيءَ تي بيهي
آسمان جي اوچائيءَ جيڏي آواز سان ڪرڻي آهي
هاڻ مونکي به درياهه جيان وهندڙ
پنهنجي اکين کي سُڪائي ڇڏڻون آهي
ماڻهن جي ڪنن ۾ موري ويل وارن کي ورائي
کين صدين تائين ساهه کڻڻ جي ڳالهه ٻڌائڻي آهي
هن رات جي ڏکي سفر کي ختم ڪرڻ جي لاءِ
ڏيئن جي لشڪرن سان اڳتي وڌڻون آهي
سج ڪٿي آهي
اها ڳالهه هاڻ مونکي رات جي اکين مٿان بيهي
هجومن جي آواز سان گڏجي ڪرڻي آهي
سج ڪٿي آهي
ان ڳالهه کي پنهنجو پاڻ ۾ اُپاري رکڻون آهي
سج اڀرڻون آهي
ان ڳالهه تي ئي قائم رهڻون آهي
سج اڀري رهيو آهي
ان ڳالهه تي ئي گڏجي رقص ڪرڻون آهي

□

## مونکي ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن ...!

مونکي ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن
پاڻ کي دفنائڻ کان وٺي
پاڻ کي زنده رکڻ تائين
رات کي ڏينهن ڏانهن وٺي ويندڙ رستن کان وٺي
سج ۽ چنڊ سان روبرو ملڻ تائين
مونکي مسلسل ئي ڪم ڪرڻو آهي
اخبار جي سرخين کان وٺي
پروف جي غلطي ۾ لڪجي ويل
سُنڌي لفظ جي نقطن کي سڌو ڪري
سنڌ لکڻ تائين
اهو سڄو ڪم مونکي ئي ڪرڻون آهي
هاڻ مونکي پنهنجي هن افراتفريءَ مان ٻاهر نڪري
ٿوري ئي وقت ۾ گهڻون ڪجهہ ڪم ڪرڻون آهي
وڻن جي واڍيءَ تي
عالمي سطح جي معيار تي پوري لهندڙ
اخبار ۾ ڪالم لکڻون آهي
پکين جا آکيرا بچائڻ کان پهرين

مونکي ننڊ ناهي ڪرڻي
درياهه هوندي اُڃ مرڻ واري ڳالهه تي سوچڻون آهي
مونکي پنهنجي ڪمر جي ڳڻپ
پاڻ سان ئي ڳڌ ڪٽي هلڻي آهي
اسڪول ويندڙ ٻارن کي روڊ پار ڪرائڻون آهي
خالي ڪلاسن جي بورڊن تي
چاڪ سان استاد لکي ڇڏڻون آهي
ٽٽل پينسل جو منهن گهڙي نوڪدار ڪري ڇڏڻون آهي
مونکي ڪنهن به هڪ جاءِ تي ڄمي ناهي ويهڻون
صبح کان وٺي رات ختم ٿيڻ تائين
مونکي جاڳڻون آهي
ءِ اڳتي ئي وڌڻون آهي
مونکي ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن
ان ڳالهه مونکان منهنجون
اجايون خواهشون کسي ورتيون آهن
آئون اڏاوت جي هٿن سان
پنهنجا ايندڙ ڏينهن اڏڻ ٿو چاهيان
مئلن کي زندگيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ ٿو چاهيان
مٽي سان محبت جو ڪلمون ماڻهن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان
آئون پاڻ کي ٻيهر دريافت ڪرڻ ٿو چاهيان
وسامي ويل ڏيئن ۾ تيل پري
ڪين هميشه جي لاءِ ٻاري ڇڏڻ ٿو چاهيان
آئون مسلسل زنده رهڻ ٿو چاهيان
□

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



## وڪرو ٿيندڙ نظم

آئون جڏهن بہ
شاعريءَ جي منڊيءَ ۾
پنهنجا نظم وڪرو ڪرڻ ويندو آهيان
تہ سڀ ڪان پھرين
توتي ئي لکيل منهنجا نظم
بنا واڪ جي ئي وڪرو ٿي ويندا آهن
نظمن جي پگھر جي پئسن مان
آئون ڪچو گھر بہ ناهيان ٺاهرائي سگھيو
منهنجا نظم
روز طوائفن جيان وڪرو ٿين ٿا
منهنجا نظم
جن وٽ پنهنجو گھر بہ ناهي